عشق کيم اظهار

سچلؒ سرمست

مصنف

خادم حسين عباسي

Gul Hayat Institute

ثقافت کاتو حکومت سنڌ

عشق ڪيم اظهار

(سچل سرمست رح)

مصنف

خادم حسين عباسي

Gul Hayat Institute

ثقافت کاتو حکومت سنڌ

اداري جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو:	عشق ڪيم اظهار (سچل سرمست رح)
مصنف:	خادم حسين عباسي
ڇاپو پهريون:	جولاءِ 2012ع
تعداد:	هڪ هزار ڪاپيون
ڪمپوزنگ:	سارنگ امداد / اقبال ابڙو
ٽائيٽل:	ڪپتان ابڙو
ڇپيندڙ:	پيڪاڪ پرنٽرز ڪراچي، سنڌ
ڇپائيندڙ:	ثقافت کاتو حڪومت سنڌ
قيمت:	250/-

Title of Book:	Ishq Kayom Izhar Sachal Sarmast
Author:	Khadim Hussain Abbasi
Edition First:	July 2012
Quantity:	One Thousand Copies
Composing:	Sarang Abro/ Iqbal Abro
Title:	Kaptan Abro
Printed by:	Peacock Printers, Karachi, Ph: 0300 2152634
Published by:	Culture Department, Government of Sindh
Price :	Rs. 250/-

ملڻ جو هنڌ:

ثقافت کاتو ڪتاب گهر

سامهون ايم. پي. اي هاسٽل، سرغلام حسين هدايت الله روڊ،

ڪراچي، سنڌ- 74400

فون: 021-99206073

Gul Hayat Institute

سٽاءُ

1.	ڇپائيندڙ پاران	5
2.	درگاهه درازن جي گاديءَ ڌڻين جو تعارف	9
3.	درگاهه درازن جي سلسلي جا شاعر	15
4.	سچل جا همعصر شاعر	39
5.	سچي سائينءَ جا ڇپيل رسالا	54
6.	سچل جو اڻ ڇپيل ڪلام	76
7.	گداز نامي جو هڪ اڻاٺو ترجمو	83
8.	سچل جي بيتن جو تحقيقي جائزو	103
9.	سچل جي ڏاهپ	112
10.	ڪو حق چوي ڪوئي ناحق چوي	122
11.	سٽ پريت دي	131
12.	سچل جي حضور ۾	135
13.	جاڳي تہ سوئي بادشاهه	140
14.	عشق ڪيم اظهار	143
15.	سک نہ ستا ڪڏهين	148
16.	غلام حيدر فقير شرڪ سندس خاندان	152
17.	محبت فقير سومرو	181
18.	ميان رحيم بخش فاروقي "نثار درازي"	191
19.	سچل جو طالب: ماستر احمد علي	199

Gul Hayat Institute

ڇپائيندڙ پاران

سچل سائين جيئن تہ سنڌيءَ سان گڏ، سرائڪي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ بہ شاعري ڪئي آهي، انڪري سندس هاڪ پوري ننڌي ڪنڌ ۾ هئي. سرائڪي ٻولي سنڌ کان علاوه ملتان، بهاولپور، ديره جات، بلوچستان جي ڪن حصن ڍاڍر، سبي، لسٻيلي، ڪيچ مڪران ۾ عام جام ڳالهائي ۽ سمجهي ويندي هئي. انهن علائقن جا مقامي شاعر سرائڪي ۾ بہ شاعري ڪندا هئا. ان دور تائين اردو زبان مغل دربار ۾ خاص اهميت حاصل ڪري چڪي هئي. حاڪمن جي پٺڀرائي سبب ننڌي ڪنڌ ۾ انڪي چڱي اهميت حاصل هئي. شايد ان ڪم ڪي سچل سائين پروڙي چڪو هو، جنهن ڪري هن اردو ٻوليءَ کي جوڳي جاءِ ڏني ۽ چڱو خاصو ڪلام: غزل، رباعيون ۽ مثنويون ان ۾ چيون اٿائين. فارسي ٻولي کي ان دور ۾ ڏکڻ ايشيا سان گڏ مرڪزي ايشيائي رياستن، افغانستان، ايران ۾ تمام وڏي اهميت حاصل هئي. سچل سائين واري دور ۾ سنڌ ۾ خاص طور تي ٺٽي ۽ سيوهڻ ۾ برصغير جي سطح جا فارسيءَ ۾ مشاعرا ٿيندا هئا. سچل سائين اهڙن مشاعرن ۾ هرگز شرڪت ڪا نہ ڪئي.

سچل سائين پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن بہ پاڻ پنهنجو ڪلام گڏ ڪونہ ڪيو. سندس مريد ڪلام لکندا بہ هئا تہ ڪنو بہ ڪندا هئا. سندس وفات کان پوءِ سندس ڪلام ٽڙي پکڙجي ويو. بعد ۾ ڪن سڄاڻن اهو ڪلام ڪٺو ڪري ڇپايو. اوليت جو شرف مرزا علي قلي بيگ

ڪي نصيب ٿيو. جنهن 1902ع ۾ آگري مان ”رسالو سچل سائين جو“ ڇپائي پڌرو ڪيو. ان کان پوءِ ماستر در محمد، ماستر هيمراج شڪارپور مان 1910ع، آغا غلام نبي صوفي 1933ع، نماڻو فقير 1952ع، رشيد احمد لاشاري 1958ع، عثمان علي انصاري ادبي بورڊ طرفان 1958ع ڌاري رسالا ڇپرايا. اهو سلسلو بعد ۾ به جاري ساري رهيو.

مٿي ذڪر ڪيل رسالن ۾ مؤلفن وڏي جاکوڙ ۽ جستجو کان ڪم ورتو ۽ ڪوشش پئي ڪئي ته اهي سهڻا ۽ غلطين کان پاڪ هجن. پر ڪن سببن ڪري، انهن ۾ ڪي خاميون به رهجي ويون، جن جي نشاندهي سنڌ جي مڃيل محقق ۽ جاکوڙي اديب جناب خادم حسين عباسيءَ ڪئي آهي. عباسي صاحب پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو سچل سائين جي درست ڪلام جي پرک ۽ ڳولا ۾ گذاريو. هن سچل سائين جي هر عرس تي عالمن آڏو مختلف مؤلفن پاران ڪيل غلطين جي علمي اصولن مطابق نه صرف نشاندهي ڪئي، بلڪ صحيح اصلاح به ڪئي. جن ڪافين ۾ ڪي مصراعون گهٽ وڌ هيون ته انهن کان به آگاهه پئي ڪيو ۽ ان سان گڏ طباعت جي ناقص انتظامن سبب پروفن جون جيڪي غلطيون رهجي ويون هيون، انهن جي به درست پڙهڻي وضاحتن سان پيش پئي ڪئي. سنڌس تحقيقي مضمون: ”سچل سائين جا ڇپيل رسالا“ ۽ ”سچل جي بيتن جو تحقيقي جائزو“ ور ور پڙهڻ جهڙا آهن.

سچل شناسي بابت اَملهه مواد هٿ ڪرڻ ۽ اشاعتي ڪمن جي نگراني ڪرڻ لاءِ ڊائريڪٽر جنرل ثقافت کاتو جناب رفيق احمد ٻرڙو صاحب وڌا جتن ڪيا آهن، جنهن لاءِ اسين سندس ٿورائتا آهيون.

کاتي جي سرواڻ، محترمه سسئي پليجو صاحبه سچل سائين جي ميلي جي حوالي سان، جڏهن ٻين انتظامي ڪمن بابت پڇا ڪندي رهي ٿي ته اتي ميلي تي منعقد ”ادبي ڪانفرس“ جنهن کي گذريل ڇهن سالن کان روايت کان هٽي ڪري بامقصد بنايو ويو آهي، بابت به تاڪيد

Gul Hayat Institute

ڪندي رهي ٿي. ساڳي طرح اشاعتي ڪم بہ سنڌس ترجيح ۾ آهن. اهڙي اثرائتي نگراني سبب هن عرس مبارڪ تي سچل سائين جي سوانح، افڪار ۽ پيغام بابت نهايت اهم ڇهہ ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن.

عبدالعزيز عقيلي
سيڪريٽري
ثقافت کاتو، حڪومتِ سنڌ

Gul Hayat Institute

درگاھہ درازن جي گاديءَ ڌڻين جو تعارف

1. **مياں صاحبڏنو فاروقي** (1102ھہ- 1192ھہ)

درگاھہ درازن جو بنياد ميان صاحبڏني فاورقي وڌو. ڪين موراڳي پڻ سڏيو ويندو آهي. ميان صاحبڏني جو جنم 1192ھہ مطابق 1697ع ۾ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ ٿيو. سيد عبدالقادر جيلانيءَ جي اولاد مان شيخ عبيدالله جيلانيءَ جو مريد هو. ميان صاحبڏنو شاھہ لطيف جو سهيوڳي شاعر هو ۽ لطيف سائنس درازن ۾ ملاقات بہ ڪئي هئي. اسان جو عظيم صوفي شاعر سچل سائين سندس پوٽو هو.

ميان صاحبڏنو ڪافيءَ جي اوائلي شاعرن مان هڪ اهم، انوکو ۽ مکيہ شاعر آهي. سندس سمورو ڪلام تصوف جي رمزن سان ڀرپور آهي. سندس ڪافيون سليس ۽ عام فهم آهن. ميان چنيھ فقير اڃڻ سندس خاص خليفو هو. ميان صاحبڏني وڏي ڄمار ماڻي 1192ھ مطابق 1788ع ۾ وفات ڪئي.

"چوند ڪلام"

ڪن جو نينهن نهر سان ڪن دہايا درياھہ
"صاحبڏني" جي ساھہ، سارا سمند سمايا.

<<<<<•>>>>>

آدم آهي چوڻ ۾، نہ تہ آهي پاڻ الله،
سريرئون ساھہ، "صاحبڏني" سهي ڪيو.

"ڪافي"

هڪ من جو موهن ملي ملي،
پلي خلق ساري پئي ڪلي ڪلي،
عيش خوشيون آرام سپيئي، سي ڇڏيائون ڏيهہ ڪي ڏيئي،
برهہ ڪيو سي بِلي بِلي.
عشق ڊولڻ جو جهوليءَ پاتم. لوڪ ملامت سرتي چاتم
جيءَ جوشن منجهہ جلي جلي
سهڻا تنهنجا سوين سپاهي، شوخن سان تنهن جي هلي نہ شاهي،
ٽور عجائب ٽلي ٽلي
"صاحبڏنا" اڪسير اسان وٽ، نينهن وارن جا نظير اسان وٽ
سورنہ ڪنهن سان سلي سلي.

2. ميان عبدالحق (1138ع-1214هہ)

ميان صاحبڏني کي ٻہ فرزند هئا هڪ صلاح الدين (سچل جو پيءُ) ۽ عبدالحق (سچل جو چاچو، مرشد ۽ سهرو) جيئن تہ ميان صلاح الدين پنهنجي والد محترم ميان صاحبڏني جي حياتيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويو. تنهن ڪري سندس ننڍو فرزند ميان عبدالحق مسند عشق تي جلوه افروز ٿيو. سچل پنهنجي ڪيترين ئي ڪافين ۾ پنهنجي مرشد ميان عبدالحق سان عقيدت جو اظهار ڪيو آهي.

هتي مثال طور هڪ شعر پيش ڪجي ٿو:

ڪو حق ڪو ناحق چوي، ڪو بات اها برحق چوي
مونکي هادي عبدالحق چوي، مان جوئي آهيان سوئي آهيان

جيئن تہ درگاهہ جا سجاده نشين لوڙهي ۾ رهندا هئا ۽ درازن کان ٻاهر ڪين ويندا هئا (اهي لوڙهي ڏيڻ جا فرائض چنيهہ فقير بجا آڻيندو هو. جنهن جا پونير اهو ساڳيو فرض اجا تائين بجا آڻيندا رهن ٿا.) تنهن ڪري ٻاهريان ڪم ڪاريون، جاگير جي سنڀال (جا مير رستم

ٽالپر ڏني هئي) سچل سائين پاڻ ڪندو هو.

ميان عبدالحق جي مسند نشينيءَ جي سلسلي ۾ مولوي محمد صادق پنهنجي ترتيب ڏنل رسالي ”سچل جو سرائڪي ڪلام“ ۾ هيءَ روايت پيش ڪئي آهي:”هڪ ڏينهن ميان صاحبڏني پنهنجي پٽن جو هن طرح امتحان ورتو، جو پنهنجي وڏي پٽ ميان صلاح الدين کي چيائين تہ: ڪبڙ وٽ پاڻيءَ جو ڪونرو پيو آهي، اهو کڻي اچ! هو ويو، آڏو چا ڏسي تہ رت جو درياهہ پيو ٿو وهي، جنهن کي ڏسي موٽي آيو ۽ اها حقيقت اچي عرض ڪيائين جنهن کان پوءِ پنهنجي ننڍي پٽ ميان عبدالحق کي چيائين تہ ”تون وڃي اهو ڪوُنرو کڻي اچ! هو ويو ۽ هن بہ رت جو درياهہ ڏٺو پر همت ڪري، دل جهلي رت جي درياهہ ۾ ڪاهي پيو ۽ لنگهي وڃي ڪونرو کڻي اچي والد جي خدمت ۾ حاضر ڪيائين. انهيءَ امتحان وٺڻ مان ميان صاحبڏني کي پڪ ٿي وئي تہ فقيريءَ جي اهليت ۽ لياقت سندس ننڍي پٽ ۾ ئي آهي. انهيءَ ڪري پنهنجي وڏي پٽ ميان صلاح الدين کي وصيت ڪيائين، تہ مون کان پوءِ پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي گاديءَ تي ويهار جانءِ! انهيءَ وصيت موجب ميان عبدالحق مسند نشين ٿيو.“ (1)

ميان عبدالحق بہ شاعر هو، مگر پوين جي عدم توجهہ سبب سندس ڪلام محفوظ رهي ڪين سگهيو، البت مولوي محمد صادق سچل جي سرائڪي ڪلام ۾ سندن هڪ ’مدح‘ ڏني آهي، جيڪا سيد عبدالقادر جيلانيءَ جي شان ۾ چيل آهي. ميان عبدالحق 1214هہ ۾ وفات ڪئي.

3. سخي قبول محمد (1181هہ - 1245هہ)

خواجہ عبدالحق کي بہ فرزند هئا، هڪ سخي قبول محمد ۽ ٻيو زين العابدين، (وفات 1242هہ). ميان عبدالحق جي وفات (1214هہ) کان پوءِ سائين قبول محمد اول مسند عشق تي 1214هہ ۾ رونق افروز ٿيو. سخي قبول محمد نهايت سخي ۽ ٻاجهارو هو، تنهنڪري کيس ’سخي‘

Gul Hayat Institute

جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

سخي قبول محمد جو هڪ بيت بيدل سائينءَ جي تصنيف، ”تقويت القلوب تذڪرة المحبوب“ ۾ ڏنل آهي.

جامن تي جامان، پرين پهري آيو،
ڪامان ڙي ڪامان، ڪيڏو لڪ ڪريم ڪيو.

لطف الله بدويءَ پنهنجي تصنيف ”تذڪره لطفي“ ۾ مذڪوره بيت خواجہ عبدالحق جو ڄاڻايو آهي (2) جيڪو سراسر غلط آهي. سخي قبول محمد سائين 1245هہ ۾ وفات ڪئي.

4. **ميان نظر محمد** (1201هہ — 1252هہ)

سخي قبول محمد جي وفات (1245هہ) کان پوءِ سندس فرزند ميان نظر محمد ’نوري‘ جي لقب سان 1245هہ ۾ تخت نشين ٿيو. ميان نظر محمد توڪل جو صاحب ۽ سادگي پسند هو. هن پنهنجي ساري زندگي رشد و هدايت ۾ گذاري. 1252هہ ۾ سندس انتقال ٿيو.

5. **خواجہ نجم الدين** (1239هہ — 1272هہ)

Gul Hayat Institute

ميان نظر محمد کي ٻہ فرزند هئا: خواجہ نجم الدين ۽ ميان محمد غوث محمد. خواجہ نظر محمد جي وفات کان پوءِ سندس پڳدار پٽ نجم الدين تخت ڏٽي بٺيو. پاڻ نهايت حسين هو، جنهن ڪري ڪيس ’يوسف ثاني‘ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. خواجہ نجم الدين جي ڏينهن ۾ جاگير مان جيڪو بہ اناج ايندو هو، اهو سمورو اناج شهر جي غريبن ۽ درگاهہ جي فقيرن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. ڪچهريءَ لاءِ بنگلو بہ سندس ايام ڪاريءَ ۾ ٺهيو.

خواجہ نجم الدين جي شادي سچل سائينءَ جي ڀالڪي نانڪ يوسف جي نياڻيءَ سان ٿي هئي. خواجہ نجم الدين 23 ورهين جي عمر ۾ ڦوهہ جوانيءَ ۾ 1272هہ ۾ وفات ڪئي.

نانڪ يوسف جي ٻالڪي غلام حيدر فقير (وفات 1294هہ) پنهنجي عقيدت جو اظهار هن طرح ڪيو آهي:

نجم الدين تي ننگ، آهي مون مسڪين جو

6. **سخي قبول محمد ٻيو** (1262هہ- 1343هہ)

خواجہ نجم الدين جي وفات کان پوءِ سندس فرزند سخي قبول محمد ڏهن سالن جي ننڍڙيءَ عمر ۾ 1272هہ ۾ تخت تي ويٺو. سخي قبول محمد جي ايام ڪاريءَ ۾ تصوف جي تحريڪ کي نئين سر متحرڪ ۽ منظم ڪيو ويو.

سخي قبول محمد پنهنجي وقت ۾ سچل جون سڪون لاهيندو هو. سندس ٻاريل مچ تي هندو خواهہ مسلمان اچي مڙيا. هندو مسلم ويڇو متجي ويو. سخي سائينءَ جي ڄمڻ جي موقعي تي فقير نانڪ يوسف پنهنجي مرشد زادي ۽ ڏهتي لاءِ هينئين دعائيہ ڪافي منظوم ڪئي:

عمر دراز تيري الهہ نگهبان هووئي.
مولا دي اَمان هووي.

سخي قبول محمد جي پياري طالب سردار بهادر محمد بخش ”ڪونجهيءَ“ پنهنجي مرشد لاءِ پنهنجي عقيدتمنديءَ جي جذبن جو اظهار هن طرح ڪيو آهي:

قبول محمد دولهہ دلبر، ڪوجهي دا هي راحم رهبر
ست گر سنت سڄاڻ، بشري بيڪ بنايا هي، آپ درازي آيا هي.

سخي قبول محمد سائين وڏي ڄمار ماڻي، 1343هہ ۾ وفات ڪئي.

7. **ميان صاحب ڏنو** (1308 هہ — 1351هہ)

سخي قبول محمد کي چار فرزند هئا: ميان محمد پريل، ميان محمد بچل، ميان صاحبڏنو ۽ ميان رستم علي.

Gul Hayat Institute

سخي قبول محمد جي وفات ڪانپوءِ 1343ھ ۾ ميان صاحبڏنو تخت نشين ٿيو. ليڪن خانداني اختلافن سبب درگاھ جو اڳيون اوج نہ رهيو. ميان صاحبڏني 43 ورهين جي عمر ۾ 1351ھ ۾ وفات ڪئي.

8. ميان جان محمد (1332ھ- 1371ھ)

ميان صاحبڏني کي ٻہ فرزند هئا: هڪ ميان جان محمد ۽ ٻيو عبدالحق. جيتوڻيڪ ميان جان محمد خانداني اختلافن کي گهٽائڻ جي وڏ ۾ وڏ ڪوشش ورتي، مگر افسوس جو ڪوبہ خاص ڪڙ تيل نہ نڪتو. ميان جان محمد جو دور درگاھ جو نهايت شهنشاهي دور هو. سائين صالح شاھ (وفات 1943ع) راڻيپور وارو بہ سندس ڪچهريءَ لاءِ درازين کهي ايندو هو. ميان جان محمد 1371ھ ۾ وفات ڪئي.

9. ميان عبدالحق

جيئن تہ ميان جان محمد کي ڪو نرينو اولاد ڪونہ هو. تنهن ڪري ان جي وفات ڪان پوءِ سندس ننڍو ڀاءُ ميان عبدالحق گاديءَ تي ويٺو. ميان عبدالحق پهريون گاديءَ ڌڻي هو، جنهن لوڙهي واري اڳوڻي رسم پيجي سنڌ ۽ هند جو سفر ڪيو. ميان عبدالحق کي مريدن خادمن مان لکين روپيہ نذراني طور ملندا هئا. مگر اهي سڀ فقيرن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. پاڻ سڄي عمر حويليءَ جي پرسان ڪبڙ هيٺ جهوپڙيءَ ۾ رهيو. دنياوي ٺٽ ٺانگر ڪڏهن بہ اختيار نہ ڪيائين. اميريءَ تي فقيريءَ کي ترجيح ڏنائين.

10. سخي قبول محمد "ٽيون"

ميان عبدالحق ڪان پوءِ سخي قبول محمد ٽيون گادي نشين ٿيو. هينئر سخي قبول محمد "چوٿون" گادي نشين آهي.

سرمست 10. 1990ع

درگاهه درازن جي سلسلي جا شاعر

1. ميان صاحبڏنو فاروقي

محمد حافظ عرف ميان صاحبڏنو درگاه درازن جو باني هيو، تنهن کري کيس "موراڳي" پڻ سڏيندا هئا. پاڻ 1102ھ ۾ ڄائو ۽ 1192ھ ۾ وفات ڪيائين. پيران پير عبدالقادر جيلانيءَ جي اولاد مان شيخ عبيدالله جو مريد هيو.

بيت

آدم آهي چوڻ ۾، نہ تہ آهي پاڻ الاھ،
سريرئون ساھ، صاحبڏني سهي ڪيو.

ڪن جو نينهن نهر سان، ڪن دہايا درياھ
صاحبڏني جي ساھ، سارا سمند سمائيا

Gul Hayat Institute

2. خواجہ عبدالحق

ميان صاحبڏني کي ٻہ پٽ هئا: ميان محمد صلاح (سچل جو پيءُ) ۽ ميان عبدالحق (سچل جو مرشد ۽ سهرو) جيئن تہ ميان محمد صلاح پنهنجي پيءُ (ميان صاحبڏني) جي حياتيءَ ۾ وفات ڪئي تنهنڪري ميان صاحبڏني جي وفات کانپوءِ خواجہ عبدالحق مسند عشق تي ويٺو. عبدالحق سائين 1214ھ ۾ وفات ڪئي. سندس هڪ مدح اسان کي ملي آهي:

مدح

بهر خدا و مصطفيٰ ياغوث رب العالمين،
دل کي ڪرين سيد صفا ياغوث رب العالمين،
تون درگهہ خدا جو دفتري، ڪانهي بنا تو رهبري
واهر ٿيو سگهڙا وري، پٽيو سندم دل جي دري
ڪر وهم ڪان آجو وري، ياغوث رب العالمين،

3. سخي قبول محمد (اول)

خواجہ عبدالحق جي وفات ڪانپوءِ 1214ھ ۾ سخي قبول محمد مسند نشين بڻيو. سندس هڪ بيت بيدل سائينءَ جي هڪ ڪتاب "تقويت القلوب في تذڪرة المحبوب" ۾ ڏنل آهي:

جامن تي جامان، پرين پهري آيو،
ڪامان ڙي ڪامان، تہ ڪيڏو لڪ ڪريم ڪيو.

سخي قبول محمد اول 1245ھ ۾ وفات ڪئي.

4. سچل سائين

ڪافي جي صنف جو چوٽ چڙهيل شاعر 1152ھ ۾ درازن ۾ ڄائو. سچل ڪانپوءِ اڄ تائين صوفي شاعرن تي سچل جي فن ۽ فڪر جي ڇاپ آهي. صوفي شاعرن ۾ سچل پهريون شاعر هيو جنهن "اناالحق" جو نعرو وڏي واڪي هنيو. سچل 1242ھ ۾ وفات ڪئي.

ڪافي

جوڳي آيا ڪنهن دس دا
نالا ذات نہ ڏس دا
گهن دا نہ بکيا الا، ڏيندا جي ڪوئي پلو
هڪ دل اسا ڏڙي ڪس دا.
مک وچ مرلي الا، ڪنين ڪنڊل پلو

Gul Hayat Institute

ٻلي ٻلي ڪڙا نچ دا.
سچل سارا الو، سچ اکيندا پلو
هادي هر جا وس دا.

5. گل محمد فاروقي

درازن جي فاروقي خاندان مان هيو. سندس حياتيءَ جو احوال پيرائتو ملي نہ سگهيو.

ڪافي

ڪاغذ آيا ڪالهہ، ميڏي دلبر دا
خط خوشي دا ڏيکڻ سيتي، خاطر ٿي خوشحال
ڏيکڻ نامي نال ٿيو سي، جاني جام جمال
اکر هڪ هڪ روز رقعي دا، ڏاڍي حالت حال
گل محمد يار سجڻ دا، هي ڪاونت ڪمال

6. خدا بخشي فقير ”خاڪي“

خاڪي فقير سخي قبول محمد ثانيءَ جو ڏهتو هيو ۽ طالب پڻ. سخي سائينءَ جي صحبت ۾ رهي ريتو ٿيو. 1960ع ۾ وفات ڪيائين.

ڪافي

مان آهيان منصور، چوان ٿو انا الحق
خود خدائي خيال آهيان، مدامي منظور
حلاجي آ حال منهنجو، هر جا حاضر حضور
عشق سراسر سر الاهي، محبت مان مذڪور
بيخود بيسر بحر بيچوني، مستي ڪان مخمور
عرش فرش تي اظهر مظهر، خاڪي نسورو آ نور.

7. رحيم بخش ”نثار“

ميان خدا بخش بي اولاد فوت ٿيو تنهنڪري سندس وفات

Gul Hayat Institute

پڇاڙان فقير رحيم بخش نثار (سندس سوٽ) گادي تي ويٺو.

ميان رحيم بخش 1921ع تي درازن ۾ ڄائو ۽ 1936ع ۾ فائينل پاس ڪيائين. روايتي صوفي انداز جو سٺو شاعر آهي.

ڪافي

هي آ چوڻ روا، آدم الاهہ منجهہ صفت سمائي ذات آ
پيئڻ شوق شراب، فرض عين ثواب، هيءَ رمز رندي رمزات آ
منجهہ نينهن نشي رهن مست سدا، مدهوش رهي ڪن فرض ادا
ڇا مئخان اندر، ڪعبي، مسجد، مندر، تن ساڳي ڏٺي تجلات آ.

8. عبدالقادر فاروقي

ميان عبدالقادر 1915ع ۾ درازن ۾ ڄائو ۽ 1982ع ۾ وفات ڪيائين.

سوچ سهي ڪر سمجهہ سياڻا ثابت سر سڃاڻ
الانسان سري وانا سره انهيءَ اڪر اهڃاڻ
تون پنهل پڌرو آهين پاڻ
شهر درازين دلبر دانا ياڳيا وسن تنهنجا ياڻ
سخي سڄاده نشين وڏا تي سڪ جا سرس سباڻ.

9. مظهر علي "عاشق" درازي

ميان مظهر علي "عاشق" فاروقي ولد ميان نياز حسين 1939ع ۾ درازن ۾ ڄائو. هن وقت مسجد اسڪولن جو سپروائيزر آهي.

ياد پنهنجي يار ڪيل قالو بلا ڪلمات ڪر
ذوق سان ظاهر وري جانب اها جذبات ڪر
ويسلو رهہ ڪينڪي اها تات تون ڏينهن رات ڪر
ٻيون سڀئي ٻاتيون ڀلائي برهہ واري بات ڪر
پاڻ ۾ پيهي تون پس تو ۾ ئي سارو سير آ
تو سوا هتڙي ۽ هُتڙي قرب وارو ڪير آ
آ حقيقت هيءَ صفا تنهن ۾ نہ ڪو قند قير آ

پر نہ ڪو سمجهي سگهيو هي برهہ وارو پير آ
ٿي سچو "عاشق" حقيقي عشق ڪي اثبات ڪر
هيون سيئي باتيون پلائي برهہ واري بات ڪر.

10. حافظ عبدالله قريشي

حافظ صاحب سچل سائينءَ جو استاد هيو. 1233هہ ۾ وفات ڪيائين. سندس وفات جو ڪتبو سچل منظوم ڪيو.

ڪافي

آ پرين ڪنهن پر پلوڙي اهڙي نہ مون سين ڪر
راتيان ڏينهان آهي اسان ڪي سڪ تان تنهنجي سر
عاشق تنهنجو عبدالله دلئون آهي دلبر

11. نانڪ يوسف

نانڪ يوسف ولد مولوي محمد هاشم ڪوڪر اصل جهل مگسي (بلوچستان) جو ويٺل هيو پر سچل سائين جي طالب ٿيڻ ڪان پوءِ اڳڙن جي پرسان پنهنجو ڳوٺ ٻڌائين. نانڪ يوسف 1269هہ ۾ وفات ڪئي.

ڪافي

گم هوڪي ويک نظارا، آپ سارا، محبوب دي صورت ۾
برهين بيخود هوڪي، جند جان ڪنون هٿ ڌوڪي
پڇي مارين نينهن نغارا، اناالحق نعرا
سانون پير مغان پر جهايا، وحدت دا راه بتايا
ٻلهار جائون ٻلهارا يوسف پارا.

12. محمد صلاح پيو

محمد صلاح فقير ٻپر لوءِ ضلعي خيرپور جو ويٺل ۽ سچل جو طالب هيو.

Gul Hayat Institute

ڪافي

هــن تــڪــيءَ تــي تــورا، ڪــيــا آهــن ڪــوهــيــارل ڪــيــئــي
لٽي ڪس قلوب تـان، پـسي پـريـنءَ پـيـشـانـي....اونـداهـي ويـئـي
محمد صلاح چئي ڳڻن پري جون، پال لکين پلايون.. ڳالهه ڪريان آءُ ڪيهي.

13. فقير شير خان پنيرو

سچل جو طالب هيو ۽ هنگورجن جي پرسان ڪنهن ڳوٺ جو وينل هيو.

ڪافي

دلبر تنهنجا دام دام، دوست وڏا دل منهنجيءَ تي
پلڪ پنهل تي نه پري، ساعت منهنجي ڪين سري
هيءَ مٺل تي هت مري، ساري صبح شام شام
شير خان چئي جيتر جيئان، سؤ سؤ پيرا صدقي تيان
من ڪا مهر پوئيءَ ميان، مير مديني جا جام جام

14. گهرام فقير

گهرام فقير ولد علي بخش سچل جو طالب هيو. سچل جي وفات تي گهرام فقير پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو اظهار هيٺ ڏنل ڪافي ۾ ڪيو آهي:

Gul Hayat Institute

ڪافي

هو سچو سالڪ سچل، دانهن درازي در هيو
قنڌار ۽ ڪابول ۾ ڪشمير ۽ ايران ۾
هر ڪنهن سٽيو هر ڪنهن ڏٺو، گهرام غازي گر هيو.

15. بهرام فقير

گهرام فقير جو ننڍو ڀاءُ ۽ سچل سائين جو طالب هيو.

كافي

جادوگر ويولتي، دلڙي نائڪ ناز سان
اچي بينم سامهون، ﭘاڻ هٽي تو ﭙٽي،.. صورت واري ساز سان
دل بهرام جي دوست لٽي آ، محبت مورنہ مٽي،... جيئن شاه محمود اياز سان

16. خير شاهہ

رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي جو ويٺل سچل جو طالب هيو.

ڪانگ تولنوي، منهنجو جانب جاني ايندو
سعيو ڪريو مڙيوئي سرتيون اگڻ ٻهاريو اوي
مڃيو سوال سائين سچي، ايئن خير شاهہ توچوي

17. فقير غلام حيدر شر

فقير غلام حيدر ولد قائم خان 1215ھ ۾ ڳوٺ مينگهي فقير ۾ ڄائو. سلوڪ جو سبق نانڪ يوسف کان ورتائين. فقير صاحب 1196ھ ۾ وفات ڪئي.

كافي

عشق مچائي ذم ذام، ترڪ تڏان اسلام ٿيوسي
غلام حيدر گم صورت وچ، مرشد والي ماهہ مورت وچ
هادي حق هنگام، عشق اساڏا امام ٿيوسي

18. مينگهو فقير شر

مينگهو فقير ولد غلام حيدر فقير شر 1233ھ ۾ ڄائو ۽ 1313ھ ۾ وفات ڪئي، هي درويش بہ نانڪ يوسف جو ٻالڪ هيو.

كافي

رند روز رمزن ۾ رتا، اسم ۽ جسم کي ڏين ترڪ
مينگها متارا موج ۾، پيالا پيتائون اوج مان
دم دم درازي فوج ۾، وحدت جي واديءَ ۾ غرق

19. فقير قائم الدين شر

ميان قائم فقير ولد مينگهو فقير شر سخي قبول محمد ثانيءَ جو طالب هيو.

ڪافي

اهي موڳا اتي منهن ڪار، ملان مردار چوان
مردي خور مقامي چپرا، پس پٺين جا پار
ڇُٽيل چوڏار چوان
قائم ڇڏ تون ڪنڌ ڪٽن جي، روحي ٿي رهوار
نسنگ نروار چوان

20. مراد علي فقير شر

مراد علي فقير ولد مينگهو فقير شر 1303ھ ۽ 1361ھ ۾ وفات ڪيائين. سخي قبول محمد ثانيءَ جو طالب هيو.

ڪافي

عشق ناهي آسان، جذبئون جسم جلائي ٿو
عاشق ڪول اکيون ڏس اوڏاهين، منهن ڪيون بيٺو آهي توڏاهين
پري نہ پانئج پاڻ، الانسان الائي ٿو
رهبر آهي رمز رباني، ونفخة فيہ راز نهاني
اچڻ سندو احسان، مراد علي ڳڻ ڳائي ٿو

Gul Hayat Institute

21. جامين فقير

جامين فقير ڳوٺ رسول پور (گهندب) تعلقہ ميرواھ جو وينل ۽ غلام حيدر فقير جو مريد هيو.

ڪافي

عمر هي اجوڪي ويل، مئيءَ ڪي ٿي ماري
سڪ سانگين جي ڪيا سنڌ ساٿا

جيئري جامين چئي ڏسنديس ڏوري، مرڪي ڪنديس ميل
واڳڙ واري، ساهہ منهنجي ڪي سانگي سباڻا

22. مبين فقير

مبين فقير ولد جامين فقير شر، غلام حيدر فقير جي درگاهہ جو مريد ۽ مينگهي فقير جو سهيوڳي شاعر هيو.

ڪافي

آديسين جون اوطاقون، جايون ڏسي منهنجو جيءَ جلي ٿو
ويا ويراڳي وري نہ آيا، مون من موهي ماڳئون
مڙهيون پوري مبين چئي، تاڙا ڏئي ويا طاقون

23. مير رستم خان

مير رستم خان بن سهراب خان 1184هہ مطابق 1773ع ۾ ڄائو ۽ 1811ع ۾ گاديءَ تي ويٺو. سندس ننڍو ڀاءُ مير علي مراد انگريزن جو حمايتي هيو. ميرن جي خلاف انگريزن جي مدد ڪيائين. اهوئي سبب هيو جو دبي ۽ مياڻيءَ جي جنگ ۾ ميرن هارايو. مير رستم انگريزن جو قيدي ٿي ويو ۽ 1846ع ۾ پوني ۾ وفات ڪيائين. سچل جو قبو بہ هن ئي مظلوم مير، محبت ۽ عقيدت سان تعمير ڪرايو هيو.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ساهہ سڪي دل ساري
ويو مچ ٻاروچل ٻاري
ڏسي ڏسي تون سڄڻا، آب اکين ڏنو هاري
الهہ آڻينديءِ عجيب اسان وٽ، تين واڏايون ناري
رستم ڪي راضي ڪري، ويهہ اچي پرين پاڙي

24. مير علي مراد "مجروح"

مير عليمراد بن مير سهراب خان ميرن جي بادشاهيءَ وجڻ

ڪانپوءِ انگريزن، خيرپور رياست، مير علي مراد کي انعام ۾ ڏني 1843ع ۾ رياست جو والي بڻيو ۽ 1894ع ۾ وفات ڪيائين. نانڪ يوسف جو معتقد هيو ۽ ڪيس رهائش لاءِ گهر ۽ جاگيرون ڏنيون هئائين.

ڪافي

اج عيد گهر گهر ياري وي
آمل متا منتار وي
راتيان ڏينهان درد ڏکينديان، مئن ڪلڙي پئي تڙقينديان
تيڏي بانديان دي مئن بانديان ، ڪڏان آ ميڏا سردار وي
مند آئي بهار دي، بلبل مست پڪار دي
مئن نون تانگهه گل رخسار دي، گل رخ ويکان جنسار وي
گل هار پاکي سهيليان، سهجئون قرن البيليان
مئن منڙي اڪيليان، نهين پاوندا هاري سينگار وي
سک ستيان ڪنتي واليان، اسان ڏکيان راتيان جاليان
”مجروح“ اندر ديان ڳالهيان، دل هڪ درد هزار وي.

25. مير فيض محمد ”عاجز“

مير فيض محمد بن مير علي مراد پيءُ جي وفات ڪانپوءِ 1894ع ۾ خيرپور رياست جي گاديءَ تي ويٺو ۽ 1909ع ۾ وفات ڪيائين.

ڪافي

ٻاجهون ڪيچ ڏٺين جي ڪير لهندو سارون
ساعت ساعت سک مون، روح قتي ٿيو قارون
ڪاهي رسج ڪيچ ۾، سڻان توڏن توارون
عاجز ڏونگر ڏک ٿيون، ڪندا عاجز آزارون

26. مير علينواز ”ناز“

هيءَ عاشق جيئڙو مير امام بخش جو فرزند 1884ع ۾ ڄائو.

1921ع ۾ پيءُ جي رحلت کانپوءِ رياست خيرپور جي مسند تي ويٺو ۽ 1935ع ۾ وفات ڪيائين.

ڪافي

تنهنجي رمز سهڻا مان ڇا سمجهان آسان بہ آ دشوار بہ آ
تنهنجي وعدي تي اعتبار ڪهڙو اقرار بہ آ انڪار بہ آ
تون دور رهين بي نياز مولا، سڻ فريادي ءَ جو آواز مولا
هن بيگناهہ جي مارڻ لئي، تکو تير بہ آ تلوار بہ آ
هن بيوس دنيا ۾ رهڻ، آهي درد مصيبت غم جو سهڻ
ناهي توکان سواءِ منهنجو ڪوبہ خدا، آرام بہ آزار بہ آ
جتي حسن تجلي نور ڏسان، هر سرِو قمري مخمور ڏسان
سڻ فريادي ءَ جو فرياد متا، جتي گل بہ آ اتي خار بہ آ
دولت زر جي پاس نہ آهي، پڻ مهر وفا جي باس نہ آهي
هن ساري دنيا ۾ ناز غريب، زردار بہ آ نادار بہ آ

27. محمد صالح قادري

لاڙڪاڻي ۾ ٻڙهي ميان صاحب سندس محلو مشهور آهي. ميان عبدالحق جو عاشق صادق هيو. قلات، قنڌار، خراسان ۽ بخارا تائين سندس مريد هئا.

Gul Hayat Institute

ڪافي

نازان نال ماريوئي، ڪيها ڪيس ڪيتوئي
اکيان تيڏيان لعل شرابي، پيالا پر پيتوئي
مشڪڻ سيتي صالح سارا، سيني وچ سيتوئي

28. غلام محمد گدا

ميان غلام محمد ولد ميان محمد صالح لاڙڪاڻي شهر ۾ 1246هہ ۾ ڄائو ۽ 1310هہ ۾ وفات ڪيائين. 12 شوال تي سندس فقرائي ميلو پڻ ٿيندو آهي.

ڪافي

ڪليا نور جبين تون نقاب ميان، جيوين سورج ڪندن سحاب ميان
ڪجل ريهہ تکي ڪنون سيف ميان، سرخي پان ويڪو تعريف ميان
خط سبز گردوه تاب ميان، جيوين حلقا لڳا مهتاب ميان
ڪيتا آپ گدا تون شاد ميان، ارشاد مغان ري آباد ميان
هويا ترڪ گناهہ ثواب ميان،ڪيتا قلقل جب شراب ميان

29. **فقير علي محمد قادري** (1858-1940ع)

قادري مرحوم ڪي شاعريءَ جو شوق پنهنجي مامي غلام محمد گدا جي صحبت مان حاصل ٿيو. عروضي شاعريءَ جي فني ڄاڻ لاءِ رسالو ”گلدستہ سنڌ“ جاري ڪيائين. سندس همعصر شاعر ڪيس استاد تسليم ڪندا هئا.

غزل

بهار آيو صبا غنچن گلن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي
رهي سا ڪوئي جانان ۾ چمن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي

ٻڌي تعريف مئخاني جي آيس دور ڪان ساقي
مگر گيرت مئي جي پي متن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي

خبرداريءَ سان رهہ اي قادري دنيا جي گلشن ۾
وفاداري اجوڪي گلرخن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي

30. **غلام عباس ”جوش“** (1904-1962ع)

ميان غلام عباس ولد ميان دوست محمد قادري جو سنڌي ٻوليءَ جي اهم غزل گو شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو.

صد شڪر رخ ٿيو آ، مون ڏانهن يار جو ڪجهہ
مس مس ٿيو آ سامان، اکين جي ٺار جو ڪجهہ
مصريءَ ڪان وڌ مٺو جيئن منهنجو مٺو جو آيو

ويو مرتبو وڏي جهڙ، مصري بازار جو ڪجهہ

31. غلام سرور فقير قادري (1886-1932ع)

غلام سرور فقير ولد ميان نور محمد ابتدائي تعليم پنهنجي والد محترم ۽ چاچي "گدا" مرحوم کان حاصل ڪئي، سندس ڪلام عاشقانا ۽ ناصحانہ مضمون تي مشتمل آهي.

غزل

نوجوان يار جدا، سونهن ۽ سينگار جدا
لذت درد جدا، ناز طرحدار جدا
عشق تنهن جي ۾ مليو مونکي مزو کهڙو نہ خوب
لذت درد جدا، لذت آزار جدا
زلف رخ تان جو هٽيا، حسن هيءَ ڪرامت ڪئي
شمس نروار جدا، رات نمودار جدا.

32. ڊاڪٽر اياز حسين قادري

اياز قادري جو سنڌ جي ناميارن ڪهاڻيڪارن، شاعرن ۽ محققن ۾ شمار ٿئي ٿو. "سنڌي غزل جي اوسر" تي وڏي محنت ۽ تحقيق سان مقالو لکي ڊي. فل جي سند حاصل ڪئي اٿائين.

Gul Hayat Institute

غزل

امانت عشق جي جڏهين کڻڻ مون چاهہ مان چاهي
چيو هن آ هي مشڪل، مون چيو مون لاءِ آسان آ.
وڃائڻ عمر ساري خوبروين جي محبت ۾
چيو هن ڪفر آهي، مون چيو منهنجو هي ايمان آ.

33. "اچڻ فقير"

محمد ذاڪر ولد چنيهہ فقير ويٺل کهڙا تعلقہ گمبٽ، فقير صاحب خواجہ عبدالحق جو طالب ۽ سچل جو همعصر شاعر هيو.

کافي

منهنجي من جو معلوم هو تن کي سڀ حال
سدا دوُر تان دولت جو، قيل نہ گهرجي ٻي قال
دلبر دائم دل سان، شامل هجن شال
ذاڪر سدا ذوق تو، ڪرين ڀلايون ڀال

34. رزاقڏنہ فقير

رزاق ڏنو فقير ولد محمد ذاڪر پڻ درويش صفت انسان درازي درويشن جي لڙهہ لڳل هيو. شاعريءَ ۾ نالو رازل، رزاق، اچڻ ۽ احقر ڪم آندا اٿائين.

کافي

ميندرا تنهنجي محبت، معاف ڪري بدي بدي
ڪرمؤن پنهنجي ڪريم ميان، شاه ڪيو ڪا شفقت
غرق ٿياسي گناهن ۾ محب ڪجو ڪا مدت.

35. نور الدين فقير

هي درويش بہ چنيهہ فقير جي خاندان مان هيو.

Gul Hayat Institute

کافي

سهٽي دي سهٽي چالي چالي
برهہ ڪئي بيحالي حالي
ڪونهي قرار قلب منهنجي کي
جيئن آب نہ رهي وچ چالي چالي

36. خليفو ڪرم الله

چنيهہ فقير کي ٽي پٽ هئا فقير محمد، خاوند ڏنہ ۽ محمد ذاڪر. ۽ وري فقير محمد کي ٻہ پٽ ٿيا: محمد علي ۽ محمد فاضل- ڪرم الله فقير ميان محمد علي جو مريد هيو.

ڪافي

ڪيئن پڙهان مان قرآن ڪتاب، عشق آخوند نہ سبق پڙهڻ ڏئي

سبق سڄڻ ڏنو سوايو، پنو پرت جو پريڻءَ پڙهايو

باري برهہ جو هڪ ئي باب، ٻيو ڪوئي نہ ڪتاب ڪڍڻ ڏئي

ويو ڪرم الله فراق ۾ ڦاسي، سڪ ۾ سدا ساجن سناسي

واحد ڄاڻي رب وهاب، دوست نہ ڏاڍو شوق ڇنڻ ڏئي

37. ايسر داس

روهڙي شهر جو رهاڪو ۽ سخي قبول محمد سان پرت جو پيچ پيل هوس.

ڪافي

ڇتا سي ڪفر ڪافر ڪئون، لنگهي منجهہ عشق آيا سي

جنين جودئون پاتي جهاتي، ڪتا سي قرب جي ڪاتي

جنين سان لئون سخيءَ لاتي، تيا جي حال هن ابتر

هاديءَ جي گهور گها ياسي

اتي "ايسر" ڪري آهون، ٻڌي هٿڙا ٻئي ٻانهون

سٽج سڏڙا سڄڻ دانهون، جيئن جا سپ سڪي ابر

تنهنجي اڄ اڃا ياسي

Gul Hayat Institute

38. ساڌو هيمن داس

پرڳڙي خيرپور ميرس جو وينل سخي قبول محمد ثانيءَ جو طالب هيو.

ڪافي

راند عشق جنين سان رچي رچي، تيا بانڪا سي ٻئبان ۾

شو قئون شهادت جام جي پيئن،

مستيءَ ۾ سي نچي نچي، تين قتل ڪل مئخان ۾
”هيمن“ سي جهل ڪنهن نہ جهليا،
پتنگ جان پچي پچي تيا وارد شمدان ۾

39. محبت فقير سومرو

جمعو عرف محبت فقير مگر جي لڳ پير ڳوٺ جو ويٺل سخي قبول محمد جو طالب ۽ مخدوم غلام محمد هالائي ۽ محمد فقير ڪتياڻ سان خاص قرب هيس.

ڪافي

جي پڄئي نہ پاڻ سڃاڻ، ظاهري زهد ڪان مات متي تي
پيچ هئڻ عقبيٰ جو پولو، حور قصور ڪان پلي چڏ پاڻ
چڱي تنهن ڪان وهہ جي وٺي تي
اول آخر ظاهر باطن، ڄاڻ اهوئي پاڻ نہ آڻ
مڙ نہ ”محبت“ سر جي ستي تي.

40. موريو فقير سومرو

اصل ويٺل ممون ڏوڻ تعلقو رتوديرو سخي قبول محمد ثانيءَ جو طالب هيو.

Gul Hayat Institute

ڪافي

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار آ،
نينهن جو نعرو نئون اچ تائين نروار آ.
ظاهر سچل باطن سچل هي سڀ سندس سينگار آ،
غير تون ڄاڻين متان اولي ابر انوار آ.
در تنهنجي سائل سڄڻ پيو اچي پينار آ،
پرت جو پيالو ڏسو هي موريو مگٽهار آ.

41. علي مراد فقير سومرو

علي مراد ولد موريو فقير سومرو ممون ڏوڻ تعلقي رتيديري جو وينل هو. هي درويش بہ سخي سائينءَ جي لڑهہ لڳل هيو.

نڪي قدرت مجيان نہ ڪي ساراهيان تو،
ڇڏ مذهب مونجهارو، تہ ٿئي آجائي عليمراد ڇئي

42. مٺل فقير سومرو

مٺل فقير ولد عليمراد فقير ڳوٺ ممون ڏوڻ هينئر ساڪن درازا درگاهہ سائين ”نبين جڙيي“ (سخي سائين جي پوٽي) جو طالب آهي.

ڪافي

ستا سور جاڳي نوان تي ساماٽا
پاسي ريءَ پرين جي وٽن نہ وهاٽا
وجي محب مسجد يا مندر مڙهيءَ ۾
جتي پير پائي سي ٿهڪن ٺهڪاٽا
ڪري مرڪ منتار ماري ڇڏي ٿو
ڇپن مان تا چمڪن ڇڻ موتين جا داٽا

Gul Hayat Institute

43. محب علي فقير

هي درويش سخي قبول محمد ثانيءَ جو طالب هيو.

ڪافي

شهہ سچو صاحب درازي مست الست اظهار آ
عاشقن جي فوج ۾ چون آفتاب انوار آ
منجهہ زمين و آسمان نعرو سندس نروار آ
ازل کان آيو ڪٽي باري برهہ جو بار آ
ڪون و مڪان کان ويو لنگهي لاحد رسيو رهوار آ
جان ڏسي هرجاءِ تي سارو سندس سينگهار آ

44. بهاول فقير شيخ

بهاء الدين عرف بهاول فقير ايڪسائيز انسپيڪٽر جي عهدي تي فائز هيو ۽ سخي قبول محمد ثاني جو طالب هيو.

ڪافي

وجان ٻلهاري وي شاھ فراق، تيڏي آوڻ مينون سڪڙي لڳائي
تيڏي بغير درد نہ هوندا، منزل درد پڄائي
قدر ساڏا عاشق ڄاڻن سولي جن سرهائي
درد فراق جنهن وٹ بهاول، تنهن وٹ دوست سدائي

45. سردار بهادر محمد بخش "ڪوجهي"

محمد بخش ولد الاهي بخش شيخ 1891ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو. سخي قبول محمد ثانيءَ جو عاشق صادق هيو. سماع وقت گيڙو ويس ڍڪي يڪتارو کڻي فقراء سان ڳائيندو هيو.

ڪافي

اپڻا آپ پڇاڻ الھ عبد ڪهايا هي، عشقئون رنگ رچايا هي
شان آدم دا ايڏا ڪيتس مل ملائڪ سجدا ڏيتس
اهو راز سڃاڻ، اندر آپ سمايا هي تب تو سجدا آيا هي
ڪعبا ڪاشي مسجد مندر، سب تون قولين اپني اندر
ايها رمز پڇاڻ، ڪل وچ آپ بسايا هي، ناحق ملڪ منجهايا هي
قبول محمد دولھ دلبر، "ڪوجهي" دا هي راحم رهبر
ستگر سنت سڃاڻ، بشري بيگ بنايا هي، آپ درازين آيا هي

46. ڪريم بخش فقير

ڪريم بخش عرف ڪريمڏنو فقير سردار محمد بخش ڪوجهيءَ جو ڀاءُ هيو ۽ سخي قبول ثانيءَ جو طالب هيو.

Gul Hayat Institute

كافي

لالڻ تنهنجي لاري لڳي آهيان
لڳي آهيان مان تڳي آهيان

گولي قبولڻ يار پنهنجي جي
كريمڏنا مان سڳي آهيان

47. ماستر احمد علي

ماستر احمد علي اصل گهوٽكيءَ جو ويٺل پر پچاڙيءَ ۾ پير ڳوٺ جي پرائمري اسكول ۾ هيڊ ماستر هيو. وفات كانپوءِ سندس لاش سخي سائينءَ جي حكم سان درازن ۾ دفنايو ويو.

كافي

جنهن كي سك سخي سرور جي
كهڙي كاڻ كڍي محشر جي
هك دفعي جي زيارت سان
معاف پيا قبر جي.

48. رجب علي فقير "دلسوز"

Gul Hayat Institute

روهڙيءَ جو ويٺل سكر ۾ سول كورٽ ۾ كلارك هيو مگر درازن جي سك ۽ چك سبب وقت كان اڳ پينشن وٺي ساري عمر درگاه جي رياضت ۾ گذاريائين.

كافي

توبهه هر دم زاري ڊولڻ يار توسان
كانڌ كميٽي اصلؤن آهيان، بيحد بڇڙي لائق ناهيان
بد عمل بد كاري
"دلسوز" پرتئي سخي شاهہ سرور، هيڻن جو تون هاري ننگ پرور
دلبر چڏ نه ذاري

49. محمد موسيٰ فقير سومرو

محمد موسيٰ ولد محمد عثمان سومرو اصل گمبٽ جو ويٺل پر پوءِ ڳوٺ فقير نانڪ يوسف ۾ رهيو ۽ وفات درگاهه درازن تي ڪيائين.

آءُ مـتــا مــون وٽ وري
تـو سـان سـنـدم دلـڙي اڙي
چو وئين ڇا ڪان رسي، ڏوهه ڪهڙو منهنجـو ڏسـي
رئندي پيـا پـانـدڙا پسي، دل درد ۾ ويـئـي سڙي.

50. محمد بخش سومرو "محب"

محمد بخش ولد محمد موسيٰ ڳوٺ نانڪ يوسف ۾ 1920ع ۾ ڄائو. 1939ع ۾ ماستر مقرر ٿيو ۽ 1973ع ۾ پينشن وٺي گوشي نشيني اختيار ڪيائين.

ڪافي

سـرڙو سـهـائـڻ ڏکـي ڪـجـهـه ڳـالـهـه آ
پنڌا ٿانگو پيرڙو پائڻ ڏکي ڪجهه ڳالهه آ
عشق جو ناتو الفت دل جي مام وڏي ته مهار ڇڪن ٿا جوڳي
صاف سچاري بر ۾ بهاري ميلو مچائڻ ڏکي ڪجهه ڳالهه آ

Gul Hayat Institute

51. لعل چند "مجروح" (1884_1942ع)

سندس اسلامي نالو لعل محمد هيو. ابتدائي تعليم قمبر مان حاصل ڪري ماستر بڻيو. نوڪريءَ مان رٽائرڊ ٿيڻ بعد شهداد ڪوٽ ۾ "شوڪت شفاخانو" کوليائين. سخي قبول محمد جو طالب هيو.

ڪافي

آءُ اوري، منـٿ ٿـوري، مـان تـه گـهـوري مـان سـدا
چشـم چـوري، وڏو جـهـوري، شـاهـه زوري انـو را
يـار ساري، دل سـنـيـاري، تـي پـڪـاري دمبـدم

هـــڪ واري آ اوتـــاري، واڳ واري دلــــبـــرا
لـعـل جـاري اشـڪـبـاري، انـتـظـاري تـو ڪـري
ڏي قـــراري قـــرب واري، داغ واري دلـــربـــا

52. **آغا غلام نبي صوفي** (1889-1938ع)

آغا صوفي شڪارپور جي دراني پٺاڻ خاندان ۾ آغا گل حسن (نائب وزير رياست خيرپور) جي گهر ۾ ڄائو. درازي درويش سخي قبول محمد ثانيءَ جو طالب هيو. سندس سڀ کان اهم ۽ يادگار ڪم "سچل سرمست" نالي شاهڪار تحقيق آهي جنهن ۾ سچل جي سوانح، ڪلام توڙي فڪر جي اپٽار نهايت وٽندڙ انداز ۾ ڪئي اٿس.

ڪافي

سڄڻ سهڻي سندي صحبت سدا دل هاءِ ساري تي
نـيـازي ۽ ڪـري آزي هـنـجـون هر روز هاري تـي

نزاڪـت نـاز نـازڪ جي ڪـئـي دل قـيـد آ قـابـو
مٺي مـنـٺـار جـي مـحـبـت نـمـاڻـي دل ڏتـاري تـي

الاهي هر طرف هي دل ڏسـي ٿي بـاهہ جا ڀـڙڪـا
نہ تيس آرام ڪو ٻاهر نہ ڪي گهر ۾ گذاري ٿي

پڪاريندي دکي دل کي ادا ڪي ورهيہ ويـا گـذري
نـمـاڻـي يـار نـيـٽـن سـان سـدا واٽـون نـهـاري ٿـي.

53. **آغا عبدالنبي "آغا"** (1903-1976ع)

آغا صاحب، مرحوم آغا صوفي جو ننڍو ڀاءُ هيو. شاعريءَ جو شوق بہ آغا صوفيءَ جي ئي صحبت ۾ ٿيس. پهريائين شڪارپور ۾ فارسي جو استاد مقرر ٿيو، پر ستت اها نوڪري ڇڏي مختيارڪار بڻيو جتان ترقي ڪري ڪمشنر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين.

Gul Hayat Institute

غزل

اج ياد مون پون تا گذري ويل زمانا
زخم جگر تي منهنجي نظرن جا تازيانا

اها مرڪ تنهنجي مٺڙي، اها تنهنجي دلربائي
اهي منهنجون منٿون ۽ تنهنجا رڳو بهانا

منهنجي التجا ۽ آزي، تنهنجي بيرخي ستمگر
تير- نگهه سان دل تي تنهنجا چٽڻ نشانا

شال ياد تنهنجي دائم دل تي رهي ته منهنجي
پل داغ دل جا "آغا" تازا رهن توانا

54. خدا بخش فقير عباسي

خدا بخش ولد الاهي بخش نانڪ يوسف جي ڍهتاڻ مان هيو. سخي قبول محمد ثانيءَ سان سندس عشق چوٽ چڙهيل هيو. فقير صاحب 1955ع ۾ ڳوٺ فقير نانڪ يوسف ۾ وفات ڪئي.

ڪافي

ڏي خبر ميان خابرو منهنجا پرين ايندا ڪڏهن؟
راتيان ڏينهان رڙندي وتان، سڪ سوز ۾ سڙندي وتان
ڳٽتين اندر ڳرندي وتان، مون ڪي مٺل ملندا ڪڏهن؟
خدا بخش تي من رحم ڪن، ڪنهن مهر سان مون سان ملن
لڳ حسين حيدر حسن، منهنجي اگڻ ٽلندا ڪڏهن؟

55. قاضي علي اڪبر درازي

درازن جي درگاهه جي عاشقن ۾ قاضي مرحوم ڪنهن به تعارف ۽ تعريف جو محتاج نه آهي. قاضي صاحب سچل جي فڪر ۽ فلسفي جي ترويج ۽ تشهير لاءِ پنهنجي سڄي عمر وقف ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي هزان

ان سلسلي ۾ ڪيئي ننڍا ڪتاب ڇپائي مفت تقسيم ڪندو رهيو.

ڪافي

آيا دلبر آيا، آيا دلبر آيا، ڪري مهر مسڪينن قربئون قدم گهمايا
آيا دلبر آيا آيا دلبر آيا
”و نفخة“ والا ڏئي اشارا، سارا نور سمايا
مڙي ملائڪن نال ادب دي اپٽاسيس نوايا- آيا دلبر آيا
غلام اڪبر دا تنهن دلبر ڪيتا بخت سوايا
نال سخادي دستئون اپٽي محبت جام پلايا- آيا دلبر آيا
شاه سخي سردار سوياري، واهہ جو رنگ رچايا
در تهين دلدار اتاهون، فيض هزارين پايا – آيا دلبر آيا

56. هادي بخش فقير مغل

خليفي رسول بخش شڪارپوريءَ جو ننڍو ڀاءُ هيو. هندو توڙي مسلمان ڪيس ”چاچو“ ڪري سڏيندا هئا. سب رجسٽرار جي عهدي تان رٽائر ڪري باقي عمر درگاهہ درازن جي رياضت ۾ گذاريائين. هادي بخش فقير سچل جي راز نامي جو فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو پڻ ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

بيت

اديون اڄي دل ۾ درد ڪيو ديرو
”القلب بيت الله“ پير سليو پيرو
پورل ٿيو پيرو، هيٺيءَ سان هادي بخش چوي

57. صوفي جهامنداس ”عاشق“

سندس پتاجو نالو جيئند مل آهي، پاڻ جهونو صحافي ۽ شڪارپور جي ادبي اداري ”سچل سرمست“ جو اعزازي سيڪريٽري آهي. اڪثر سندس ڪلام سچل جي تعريف ۾ آهي.

غزل

نماز عشق ۾ پيرِ مغان امام ٿئي
صراحي سجدو ڪري جام در قيام ٿئي
نگاهہ شوق جو ڪوئي تہ مڙهہ مقام ٿئي
خزان ڪٿي تہ بهارن جو انتظام ٿئي
ڏنو هي درس آ اسان کي شاهہ دراز
سلام مسلم ۽ هندوءَ سان رام رام ٿئي.

58. ماستر گل حسن ”بيخود“

ماستر گل حسن ولد محمد عمر ڪيڙو باقراڻن جو وينل ۽ پرائمري اسڪول باقراڻيءَ ۾ استاد آهي. صوفي رحيم بخش”نثار“ درازيءَ جو طالب آهي.

ڪافي

عشق اسان جو آهي دين — مذهب سارو مطلب آهي
ڪفر جو ڪلمو پاڻ پڙهيوسي دل سان ڪري يقين
مذهب سارو مطلب آهي.

Gul Hayat Institute

سچل جا همعصر شاعر

سچل جو جنم اندازاً 1152ھ مطابق 1739ع ۾ ۽ وفات 1242ھ مطابق 1827ع ۾ درازن ۾ ٿي. ان وقت ۾ سنڌ ۾ جيڪي شاعر عمر جي پير سنيءَ ۾ هئا يا ٻاراڻي اوستا ۾ هئا تن کي سچل جو همعصر سمجهي، انهن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

"شاھ لطيف ۽ سندس ٻالڪا"

شاھ لطيف:

دنيا جي هن عظيم شاعر جو جنم 1102ھ مطابق 1689ع ۾ ڀٽ جي اوڀر طرف پنهنجي ناناڻن "ڏيرن فقيرن" جي ڳوٺ ۾ ٿيو ۽ وفات 1165ھ مطابق 1752ع "ڀٽ" تي ڪيائين.

ڏک لڳو ڏونگر ڀريو ڀينر ڪاڙي پون،
متان لاٿو مون، سندو جيئڻ آسرو.

Gul Hayat Institute

تمر فقير:

شاھ لطيف جو خاص خليفو ۽ "لطيفي راڳ" جو پهريون مهندار هيو. تمر فقير 1181ھ ۾ وفات ڪئي. سندس تربت شاھ جي مقبري جي ٻاهران اولهه طرف آهي.

پنهون ڪارڻ پب ۾ هلي هيڪاندي
ڪيچ ڏٺي ڪانڌي، ٿيس تيڏي ويل تمر چوي.

مدن فقير:

شاه لطيف جو خاص صحبتي ۽ محبتي هيو.

ڪالھ گذري ڪالھ سان اڄ پڻ ڏينهن ہيو
مڙهي ۾ "مدن" چوي ويهي ڪانگ ويو
جنهن ۾ ماڻ پيو، سا راھ رهندي ڪيترو.

عنايت فقير:

سندس والد جو نالو پير محمد چوڏيو هيو. هي فقير شاھ لطيف جو خاص معتقد ۽ خليفو هيو. شاھ صاحب کان گهڻو پوءِ وفات ڪيائين ۽ سندس اڪثر ڪلام لاڪيڻي لطيف جي ساراھ ۾ چيل آهي.

تون لطف، ڪر لطيف ڪامل ڏينهن قيام،
اتارج عنايت کي لطيفن جي لام،
آهيان تنهنجي سام، لنگهائج لطف سان.

صالح فقير:

شاھ صاحب جي خاص ارادتمندن مان هڪ هيو. مرزا قليچ بيگ جيڪو شاھ جو رسالو مرتب ڪيو آهي، ان جي "سر ڏناسري" ۾ صالح فقير شاھ لطيف جي دل ڪولي واڪاڻ ڪئي آهي.

سيد پير سمونڊ آ چامن سندو چام
اگهيو در الله جي ڪامل جو ڪلام
جن ڏٺو "لال لطيف" کي آيو تن آرام
ڪونہ رهيو خام، سکي تيا "صالح" چوي.

"پير صاحب پاڳارا ۽ سندن سلسلي جا شاعر"

پير محمد بقا:

پاڳارا خاندان جو جد امجد سيد علي مڪيءَ جي اولاد مان آهي.

Gul Hayat Institute

پير محمد بقا صاحب ڳوٺ "هيٺين سائدي" تعلقي گمبٽ ۾ 1134ھ ۾ ڄائو ۽ 1198ھ ۾ چورن هٿان شهيد ڪيو ويو. سندس مزار" شيخ طيب" جي مقام ۾ آهي.

جي ڪهان تہ ڪُوڪ نہ نڪري صبر آءُ نہ سهان
اڪيون لايون پر ڪي ويتي سور سهان
ڪنهن کي ڪين چوان، تہ ڪنهن پر اڪندي آهيان.

پير محمد راشد:

هي"روضي ڌڻي" بادشاھ 1170ھ ۾ ڄائو ۽ کهڙن جي مخدومن ڪان تعليم حاصل ڪيائين. سندس تصنيفات مان شرح "اسماء الحسنيٰ" ۽ مڪتومات وغيره مشهور آهن. پير صاحب 1233ھ ۾ وفات ڪئي.

صائم سڪن جيئن، آذان جي آواز کي
مون تن آهي تيئن، سڪايو سڄڻين.

سيد محمد ياسين:

جناب پير صاحب محمد راشد"روضيءَ ڌڻي" جو ٻيو نمبر فرزند هيو. هي "جهنڊي وارو" صاحب هو تنهن ڪري سندس پويان"جهنڊي وارا پير" سڏجن ٿا. پير صاحب 1275ھ ۾ وفات ڪئي.

"ڪافي"

گولي گنهگار، دوست! اوهان جي در جي
منهنجي سارڻ ڪين ڪيو، هاڻي سڄڻ تون سار
وارث! هن وجود ۾، اڃي ڳڏ گذار
"سيد" کي تون سهڻا سائين پنهنجو پاڻ ڏيکار

علي گوهر شاهہ "اصغر":

اصغر سائين عرف "بنگلي ڏٽي" پاڳارا خاندان مان سيد صبغت الله شاهہ "تجر ڏٽي" جو ٽيون نمبر فرزند هيو. 1231ھ مطابق 1816ع ۾ ڄائو ۽ 1263ھ مطابق 1845ع ۾ وفات ڪيائين.

"ڪافي"

بار بديون بهتانان، لڪين طعنا، ستم سر تي
ڪاڻ ڪنن ڪي موراند ڪنهن جي
ٻڌن چوڙن پاڻ ۾ پنهنجي
شوقئون ڪن شڪرانا
طعنا تنڪا جهيڙا جتيون
سر تي سهنديون محبت متيون
پائي ڳچيءَ ڳل ڳانا
عرض عجيب ڪي قربئون ڪريان
بلڪل بي حد وچيو پريان
جانب اڳيان لڪ جانا
"اصغر" عاشق ڪي لائي لوري
جند جان سڄڻ توتان گهوري
گهوريان مال خزانا

Gul Hayat Institute

عبدالله فقير ڪاتيار:

هي درويش پير محمد راشد "روضي ڏٽي" جو طالب هيو. دنوي لاڳاپا ٽوڙي ٽيڙهي (ضلعو خيرپور) لڳ لوڙهو ڏيئي گوشہ ء نشين ٿي ويٺو. اندازاً 1250ھ مطابق 1834ع ۾ وفات ڪيائين.

"ڪافي"

عاشق نام سڏاوڻ سوڪا، اوڪا اس پر رهڻا جي
عشق سراسر خوني خنجر، سدا سيني وچ سهڻا جي

طعنا تهمت لوڪ ملامت، عاشقان دي ڳل ڳهڻا جي
باهه برهه ابراهيم والي، ٻلدي دي وچ ٻهڻا جي
عبدالله اُت ڪسڻ قبوليا، لاشڪ هي سر لهڻا جي

فقير ابوبڪر عاشق:

هي فقير لاڙڪاڻي طرف جو رهاڪو ۽ حضرت ”روضي ڌڻي“ جو معتقد ۽ مريد هيو. ساري عمر پير صاحب جي سڪ ۾ رهيو.

”ڪافي“

مول نه ڪريسان ماهي ماڻا
طعني تهمت ويک ڪراهڻ، ساڏا ساهه ڪماڻا
مئن نماڻي دي مارڻ ڪيتي تون ڪوئي صحيح سماڻا
آکي ادبئون عرض ڪنيزڪ، سڄڻ تون يار سياڻا
ابوبڪر جيها سائل سڄڻا، ني تون نال نماڻا

خليفو نبي بخش قاسم:

هي سنڌ جو وطن پرست ۽ قومي جذبو رکندڙ شاعر حضرت ”روضي ڌڻي“ جو خليفو هيو. قاسم پنهنجي اباڻي ڳوٺ مني ”تعلقو تندو باگو“ ۾ 1190هه ۾ ڄائو ۽ 1280هه ۾ وفات ڪيائين.

سندس شاعري حب الوطني جي جذبي سان سرشار آهي.

سو سسيون ڏيئي، وڪ وتجي هڪڙي
نيزي سر نيئي، مرڪايو ميدان ڪي.

خليفو گل محمد گل هالائي:

هي هالن پراڻن جي سانوڻي آخوندن مان هو. 1811ع ۾ ڄائو ۽ 1855ع ۾ وفات ڪيائين. پير علي گوهر شاهه ”اصغر“ جو مريد ۽ خليفو هيو. سنڌيءَ ۾ پهريون ديوان سندس ئي ڇپيو.

Gul Hayat Institute

"ڪافي"

دل سدا مشتاق، سڄڻ تيڏي ڪيتي
ڏسڻ تنهنجي لئي دائم دل تي
اوڪن ڪئي اوطاق
چاهه تنهنجي جا، چت ۾ چٽ پٽ
چڪيو چڪن تا چاڪ
آءُ سڄڻ لهه سار، سڙيءَ جي
فنا ڪئي جا فراق
توريءَ "گل" ڦل ڪنول ڪماڻا
عاشق تيا غمناڪ

آخوند محمد قاسم سانوڻي:

آخوند صاحب 1221ھ ۾ هالن پراڻن ۾ ڄائو. سنڌي، فارسي، اردو ۽ عربي ٻولين جو ماهر هيو. مير حسن علي خان کيس "استاد الشعرا" جو لقب ڏنو. 1298ھ ۾ حيدرآباد ۾وفات ڪيائين. "ديوان قاسم" بهترين غزل گو شاعريءَ جو شاهڪار آهي.

"ڪافي"

اچي يار جاني مون سان ڪريو مهرباني
پسايو پيشاني مون کي بار بار
مون کي تون وٽين ٿو، جڏهن اک کٽي ٿو
هيين ۾ هٽين ٿو تکي تون ترار
جيڪي چاش چکن تا، ڦرڻ کن کن تا
مٽي تي رکن تا، مدين جا مدار
ٻڌي يار ٻانهون، ڪريان دوست دانهون
هاريان ٿي تيلاهون، هنجهن جا هزار
"قاسم" ڏک جا ڏاڪا، اوسيڙا اولاڪا
پسي واءِ واڪا، ڪريان بيشمار

Gul Hayat Institute

"درگاهہ جهوڪ شريف جي سلسلي جا شاعر"

صوفي ابراهيم شاهہ قادري:

هي درويش صوفي شاهہ عنايت جو سجاده نشين هو. 21 محرم 1229هہ مطابق 1814ع تي وفات ڪيائين. سندس تخلص "مسڪين" ۽ "فقير" هيو.

"ڪافي"

ڪنهن نون مئن حال سڻاوان، عشق لڳا تيڏا ماهي
اڳي جو اڪيان عشق اڙايان، پيچي سو پير نہ پاوان
طعنا جي تنڪا رانجهڻ والا. چشمان تي چم چاوان
متيان ڏينديان سڳيان سهيليان، مول نہ ڪنهن ڪون ڀاوان
آپ اٿايس سر پر چايس، لڳڙا نينهن نياوان
فڪر "فقيراڻي" فراق جو دل وچ، سهسين سور سماوان.

روحل فقير:

روحل پٽ شاهو خان، بلوچن جي زنگيجا قبيلي مان هو. اندازاً 35-1730ع ۾ ڄائو. شاهہ عنايت شهيد جي فرزند عزت الله شاهہ کان فيض جو ونڊ مليس. آخرڪار ڪنڌڙي تعلقي خيرپور ميرس ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين. جتي 1219هہ مطابق 1804ع ۾ وفات ڪيائين.

ڪفر ۽ اسلام ۾ تا ابتا پرن پير
هڪ هندو ٻيا مسلمان وچ وڏائون وير
انڌن اوندهہ نہ لهي سچ چوي ڪير
روحل راهہ پرينءَ جو گهمي ڏٺوسين گهير
نہ رب مڙني جو هڪڙو جنهن ۾ ڦند نہ ڦير
سا ڪاڏي ڪري پير، جا ستي ڪعبة الله ۾.

Gul Hayat Institute

مراد فقير:

مراد خان ولد حيات خان زنگيجا بلوچن مان هو ۽ روحل فقير جي سوٽاڻ مان هيو. سندس جنم اندازاً 1740ع ۾ ٿيو. روحل فقير جي صحبت مان فقيري اختيار ڪيائين. ڪوٽڏجي پرسان ڪوٽلي نالي ڳوٺ ۾ اچي رهيو, جيڪو هينئر" مراد فقير جو ڳوٺ " نالي سان مشهور آهي. مراد فقير 1211هه ۾ وفات ڪئي ۽ کيس سندس ڳوٺ ڪوٽلي ۾ ئي دفن ڪيو ويو.

وحدت جن وجود، ڪعبو ڪوڏيون تن جو
سي ڪنهنڪي ڪن سجود، جيڪي پاڻ "مراد" مڪو ٿيا.

آهي منجهه معراج، حج حضور جن کي
جي مڪي جا محتاج، ڪامل ٿين ڪينڪي.

دريا خان فقير:

روحل فقير کي چار پٽ هئا: شاهو فقير، غلام علي فقير، خدا بخش فقير ۽ دريا خان فقير. مگر شاعريءَ ۾ مڙني کان گوء دريا خان فقير کٽي.

Gul Hayat Institute

"ڪافي"

مئخاني وچ مليا يار، وڃڻ مسيتين ڪيها مقصد
هٿئون هادي جام پيتوسي، کهنا ڪيف ڪلال ڏتوسي
تنهن دي خاص خمار، تالان ڪيتي تسبيح تهجد
مک محراب سڄڻ دي صورت، بيرنگي موهيا موهن مورت
بتخاني ڪنون ٿي بيزار، من مڪان ٿيو سي مسجد
مئخاني وچون مست ٿيوسي، سجدي سجائد پل ڳيوسي
آپ اتي آيا اعتبار، ورد وظيفي ٿيو سي سپ رد
"دريا خان" آپ وچون نه آٿين، حق سڃاڻين غير نه ڄاڻين
ڪول اکين تان هيئي اظهار، الله مرشد هڪائي هي حد،

قادر بخش بيدل:

روهڙيءَ جي درويش محمد حسن جو پٽ هيو. 1230ھ ۾ ڄائو ۽ 1289ھ ۾ وفات ڪيائين. سچل ڪانپوءِ صوفي شاعريءَ ۾ سندس ٺئي مقام آهي.

مرڻئون اڳي جي مرين، تئين نسورو نور
مرڻ جو مذڪور، ڪنين سڻين ڪين ڪي.

مرڻئون اڳي جي مرين، باقي بچين ذات
هوندا سي حيات، يارا مرد نہ مرن ڪڏهين.

پير عبدالحئي:

هن درويش جي والد جو نالو پير شهاب الدين نقشبندي هيو. مگر عبدالحي جهوڪ جي گادي ڏٺي شاهہ فضل الله جو طالب ٿيو ۽ قادري طريقي موجب ذڪر جي تلقين ڪرڻ لڳو.

"ڪافي"

سر صدق ڪيان سئو وار،
جي محب اچي مونسان ملين،
مرڪڻ سان توهي من موهيو محب متا منٺار،
جڏهن خيال رکي مونسان ڪلين
زلف دراز ڇڏيا تو چوڙي، پيچي پيچدار،
جن دام وڌا آٽي دلين
عاشق عبدالحي جو، سوال اهو سردار
جي ٿور اگڻ منهنجي نلين

خوش خير محمد فقير:

خير محمد فقير ولد رئيس غلام حيدر ڳوٺ گل محمد هيسباڻي تعلقي ڪنڊياري ۾ 1224ھ ۾ ڄائو. پير عبدالحي نوشهرائي

جو طالب هيو. خوش خير محمد فقير 1294ھ ۾ وفات ڪئي. سندس درگاھ لڳ ڪروندي، تعلقي فيض گنج ۾ آهي. خير محمد فقير ڪافيءَ جو باڪمال شاعر هيو.

"ڪافي"

عشق اڇي مون سان ڪيون ڪيون
ڳالهيون ڏسڻ نہ جهڙيون، سلڻ جهڙيون
هر دو جهان جي حجابن واريون، پڌر اڇي سڀ پيون پيون
علم عقل جون اڳ پڌيون سي، نيهن سٽايون نيون نيون
حسن جون فوجان سر عشاقن اچن، امالڪ ڪنيون ڪنيون
خوش خير محمد قبل ماضيءَ جون، وحدت ۾ سڀ ويون ويون.

عثمان فقير:

عثمان فقير ولد خير محمد سانگي ويٺل ڳوٺ چامڙو سانگي تعلقو لاڙڪاڻو، عبدالحي نقشبندي نوشهري فيروز واري جو مريد هيو. خوش خير محمد ۽ عثمان فقير پاڻ ۾ پير ڀائي ۽ صحبتي هئا. عثمان فقير 1279ھ ۾ وفات ڪئي.

"ڪافي"

Gul Hayat Instutute

درد ڏکايا دونهان، سيڪ ڏئي دل سورن ساڙي
ڏکن ڏني آ ڏاڍي ڏيکاري، سور تيا اڇي سونهان
عشق لڳو تڏهن تيس اڳهاڙي
اکين تنهنجين ۾ آتش ڏاڍي، ڪن ٿيون قت قلوهان
اڇي اچانڪ آڙهہ آڙي
اڄ تہ مون وٽ يار بہ ايندو، ويهي ڪنديس ورونهان
الله ڪندو اهو ڏينهن ڏهاڙي
آهي عثمان ڪي باھ برھ جي، لهس ڏئي تي لوهان
الا تا اچن جئن ٻرندي اُماڙي.

”مخدوم محمد زمان ۽ سندس سلسلي جا شاعر“

مخدوم صاحب جو جنم 1125ھ ۾ قديم لواري شريف ۾ ٿيو. پنهنجي وقت جو باڪمال بزرگ ۽ شرع جو صاحب هيو. شاهه لطيف ساڻس ملاقات لاءِ لواريءَ ڪهي ويندو هيو. مخدوم صاحب 1188ھ ۾ وفات ڪئي.

ڪنز قدوري قافيا پڙهڻ پروڙڻ ڇڏ،
چڙهه تنين جي مڏ، جي ستي ڏين شراب جي.

ستي ان شراب، جن سريءَ سي سون ٿيا،
سمهڻ تن ثواب، ڪتڻ ڪيميا جن جو.

عبدالرحيم گرهوڙي:

گرهوڙي صاحب جي ولادت اندازاً 1153ھ ۾ راڻيپور ۾ ٿي. ذات جو مگريو هيو. پنهنجي وقت جو عالم فاضل ۽ بهترين مناظر هيو. لنواريءَ جي لعل مخدوم محمد زمان جو مريد ۽ معتقد هيو. عمر جو آخري عرصو گرهوڙي ضلعو سانگهڙ ۾ گذاريائين.

اڄن جي اوطاق، مون سارينديِ سپرين،
مون جهڙي مشتاق، ڏسيو لاهي ڏڪڙا.

حمل فقير:

حمل فقير ولد رحيم خان لغاري 1225ھ ۾ ڄائو. سندس وڏا اصل ۾ خيرپور رياست جا هئا پر پوءِ لڏي اچي مير خان لغاري لڳ سڪرنڊ ۾ رهيو. حمل پنهنجي وقت جو اهم شاعر آهي. 1291ھ ۾ وفات ڪيائين.

حمل چوي هن ڳالهه جو ويهي ڪيم ويچار

Gul Hayat Institute

تہ دل لڳي دوستيءَ جو ڇا ملهہ آهي مقدار
اندر مان عقل ڇيو نقطو هي نروار
جي لڳي تہ لک هزار، جي ٽٽي تہ ٽڪوئي نہ لهي.

"شاهہ شريف ياڏائي ۽ سندس سلسلي جا شاعر"

شاهہ شريف:

شاهہ شريف عرف قمبر علي شاهہ ولد بچل شاهہ جا وڏا اصل اچ جي بخاري ساداتن مان هئا. سيد بچل شاهہ لاڙ ۾ "ياڏ" مڪان رهيو ۽ ياڏائي جي لقب سان مشهور ٿيو. شاهہ شريف 1264ھ ۾ وفات ڪئي.

رائي پير رتاس، لتاڙيندي لڪيون
ڏوري ڏيهہ ڏناس، ساٿين جو شريف چوي

عبدالقدوس شاهہ :

شاهہ شريف جو ٽيون نمبر فرزند ۽ پنهنجي مڙني ڀائرن ۾ ڀڏ سڏ وارو هيو.

هلو هلو جيڏيون، مون سان پير پريو،
ڳٽيو ڳڻ پرينءَ جا وڃي دل ڳريو،
سک سگيٽيون سرتيون وڃن پوءِ وريو،
آڙاهہ آتش عشق جو ڀانيڻ سر ڀريو،
جني سوز سريو، سي ڏورين قاف قدوس چوي.

Gul Hayat Institute

فتح فقير

فتح محمد پنهنجي فقير طبع سبب فتح فقير سڏجڻ لڳو. اصل ڪڪڙ ضلعي دادوءَ جو ويٺل هيو. 1180ھ ڌاري ڄائو. ننڍين وهيءَ ۾ نينهن لڳس جو شاعر بڻيو.

روئـي پـچـي راهـ، آيـل يـاروچـن جـو،
ڪيس فراق فتح چوي جگرن منجهه جراح،
پنهونءَ لئہ پساهہ، ڏئي مرنـدي ڏونـگرين.

غلام حيدر تيرهو:

هي فقير ذات جو ٽيپو هيو. غالباً 1810ع ۾ ڄائو. جهونا ڳڙهه لڳ گرنار جبل تي چلا ڪڍيائين. تنهنڪري ڪيس گرناري بہ سڏيو ويندو آهي. قمبر علي شاهہ جو مريد هيو. 1900ع ڌاري گنبالي ۾ وفات ڪيائين.

جيرا جوش جلايا، سرتيون سڪ ويوم،
ڪرڻ ڪوهيارل لئہ، پيرين پنڌ پيوم،
وهڻ وهہ تيام، هلان تان هور لهي.

سامي:

سنڌي اساسي شاعريءَ ۾ شاهہ، سچل، سامي هڪ ٽمورتي آهي. سامي ويدن جا ويچار سنڌي ۾ سمجهايا آهن. شڪارپور جو رهاڪو هيو ۽ 1850ع ۾ وفات ڪيائين.

Gul Hayat Institute

سارو جڳ انڌو ٿيو مايا موهہ ۾،
وڃهي ويٺا پاڻ ڪي بنا سمجهہ سنڌو،
واري ڪپت ڪنڌو، سامي مليو سروپ سان.

دلپت:

اصل سيوهڻ جو ويٺل هيو، پر پوءِ لڏي اچي حيدرآباد ۾ ويٺو. 1257هه ۾ وفات ڪيائين.

پـپـر ۾ پـرمـيـشـر تـہ پـپـر ۾ ڪـو پـيـو
نياز ڪيو ٿانم جو تہ ڪندي ڏوهہ ڪيو

مسجد ۽ مڙهيءَ ۾ روشن هڪ ڏيو
جي اسلام آيو الله ڪان تہ ڪفر ڪنهن ڪيو
پوءِ دلپت ڪيئن پيو، خلل هن خلق ۾.

مخدوم ضياء الدين ۽ محمد هاشم ٺٽوي سچل جا وڏا پيشرو همعصر شاعر هيا، انهن الف اشباء قافيي واري انداز ۾ ڪتاب لکيا.

مخدوم عبدالرئوف ڀٽي (وفات 1166ھ)، غلام محمد بگائي، مخدوم محمد اسماعيل پريالوئي (وفات 1174ھ)، حافظ عالي، اوائلي غزل گو شاعر (وفات 1194ھ) ميان چتن، سرفراز ڪلهوڙو، صاحبڏنو شڪارپوري (وفات 1250ھ)، مخدوم عبدالخالق کهڙائي (وفات 1268ھ) ۽ مرثيا گو شاعر سيد ثابت علي شاھ پڻ پنهنجي وقت ۾ مولود، مداحن ۽ مناجاتن جا باڪمال شاعر ۽ سچل جا همعصر شاعر هيا جن جي شاعريءَ کي ڏاڍي چاھ ۽ چس سان پڙهيو ۽ پسند ڪيو ويندو هو.

Gul Hayat Institute

مددي ڪتاب

1. لطف الله بدوي: ڪنڌڙيءَ وارن جو ڪلام س.ا.ب 1964ع.
2. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: خليفي صاحب جو رسالو س.ا.ب 1966ع.
3. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: جوتيون جواهرن جون، ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻہ 1971ع.
4. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: راڳنامون، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز 1981ع.
5. تنوير عباسي: ڪلام خوش خير محمد س. ا. ب 1982ع.
6. ميمڻ عبدالغفور سنڌي: فقير عثمان سانگيءَ جو ڪلام، شڪارپور 1983ع.
7. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ڪافيون، س. ا. ب 1985ع جلد پهريون.
8. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: شاھ شريف ڀاڏائي جو رسالو، اداره سنڌ شناسي حيدرآباد 1972ع.

9. اينيميري شيمل، مترجم غلام حيدر ٻرڙو: سنڌي ادب جي ارتقا، شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي مورو سنڌ 1981ع.
10. ڊاڪٽر عطا محمد حامي:منصور ثاني سچل سرمست، پاڪستان پبليڪيشنس انٽرنيشنل پريس ڪراچي 1964ع.
11. لطف الله بدوي: تذڪره لطفي (ٻيو ڀاڱو ڀريون) آر. ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد 1954ع.
12. لطف الله بدوي: تذڪره لطفي (ٻيو ڀاڱو ٻيو) آر. ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد 1955ع.
13. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، سنڌ ڪتاب گهر، حيدرآباد 1973ع.
14. بنده جو ذاتي گڏ ڪيل ڪافين جو ذخيرو.

Gul Hayat Institute

سچي سائينءَ جا ڇپيل رسالا

رسالو سچل سائينءَ جو:

مرزا علي قلي بيگ جو ترتيب ڏنل هي رسالو ماستر هريسنگ بڪ سيلر سکر واري 1902ع ۾ ابوالعلائي اليڪٽرڪ پريس آگري مان ڇپرايو.

هن رسالي جا ٻه ڀاڱا آهن : پهرين ڀاڱي ۾ 1340 ڪافيون ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ سي حرفيون، بيت ۽ وحدت نامون شامل آهن.

هي ڪلام 1895ع کان مرزا صاحب گڏ ڪرڻ شروع ڪيو جڏهن ته سچل جي وفات کي ئي مورڳو 66 سال مس گذريا هئا. مگر افسوس جو وڏي جاکوڙ ڪانپوءِ به مرزا صاحب کي سچل جي دور جو لکيل ڪوبه نسخو هٿ نه آيو البت سچل جي وفات کان پوءِ جا لکيل اٽڪل 12 کن نسخا هٿ آيا جيڪي پڻ هڪ ٻئي جو نقل هئا. انهن کي پيٽي مرزا صاحب 1340 ڪافيون ترتيب ڏنيون.

مرزا صاحب کي جيڪو به ڪلام سچل جي نالي سان مليو سو لکندو ويو ۽ ڪابه پرک پروڙ نه ڪيائين. هن رسالي کي گنج سڏڻ به درست آهي. هن ۾ سچي ڪلام سان گڏ ڪچو ڪلام پڻ اچي ويو آهي، جيڪو فني توڙي فڪري لحاظ کان سچل جو ناهي.

> تون رب ڏاڍو بيپراه، آءُ ڏجان تنهنجي ڏاءِ
> ذڪريا ڪرت وڃهايئه سسي ساهه منجهاءُ
> حضرت يوسف کوهه وڌو ڀائرن پنهنجو ڀاءُ
> حسن مارياڻه حسين مارايئه ڏئي جيءَ جفا

ڪربلا ۾ قتل ڪرايئہ ترس نہ پيئي ڪا.
ظلمي آهين رحمي آهين جا وٽئي سا واهہ،
سچل سڀ مڃي جيڪا رب رضا [1]

ڪافي بلند شاهہ نالي شاعر جي آهي ۽ منجهس هيءُ مصرع وڌيڪ پڻ آهي:

حضرت يونس پيٽ مڇيءَ ۾ داخل ٿيو منجهہ دريا
سيفل ڪي سڪ بديعل جي ليلا مجنون لاءِ [2]

ان ڪانسواءِ فقير نانڪ يوسف جيڪو سچل سائينءَ جو خاص طالب هيو ان جو ڪلام پڻ مرزا صاحب هن رسالي ۾ ڏنو آهي. مثال:

آدم جس ڪا نام مولا ڪون ڪهاويگا،
پريم گرو ڏم ڏام، باتيان برج بلاويگا. [3]

حالانڪ متين ڪافي فقير نانڪ يوسف جي آهي ۽ ان ۾ ڪل يارهن مصراعون آهن. مثال خاطر پهريون ۽ آخري شعر عرض رکجي ٿو:

يهي آدم جس ڪا نام، مولا ڪون ڪهاويگا،
پريم گرو ڏم ڏام، باتيان برج بتاويگا.

نانڪ يوسف عشق پليندا، هرجا اپڻا حڪم هليندا،
غيب الهہ الهام، صاحب درس ڏکاويگا [4]

اِن ڪانسواءِ هڪ ہي ڪافي نانڪ جي پڻ مرزا صاحب ڏني آهي،
عاشق شهادت ڪر قبول رک فنا دا خيال ہي [5]

1. رسالو سچل جو مرتب مرزا علي قلي بيگ، 1902ع صفحو 51.
2. درگاهہ نانڪ يوسف تي رکيل ڪافين جو قلمي گنج، 1895ع، ورق 733، علي محمد فقير کهڙي کان ہٿ آيل جيڪو درگاهہ شاهہ نصير جو طالب آهي ۽ پاڻ بہ فقير شاعر آهي.
3. رسالو سچل سائين جو، مرتب مرزا علي قلي بيگ 1902ع صفحو 44.
4. نانڪ جي ڪافين جو قلمي ڪتاب 1898ع ورق 200.
5. سچل سائينءَ جو رسالو مرتب مرزا علي قلي بيگ 1902ع صفحو 248.

Gul Hayat Institute

مٿين ڪافي پڙهڻ ڪانپوءِ ميٺو پوندو تہ اِهي ڪافيون فقير نانڪ يوسف جون آهن.[1]

هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ نانڪ جون ڪافيون سچل جي رسالن ۾ ڇو آيون؟

اها اسان کي ڄاڻ آهي تہ نانڪ سچل جو طالب ۽ صحبتي هيو. نانڪ محبت ۽ عقيدت وچان ڪيترين ئي ڪافين ۾ پنهنجي نالي سان گڏ سچل جو نالو بہ وڌو آهي، مثال:

1. ڪڏان نماڻا نانڪ نالي شهر درازين ڏمالي وهواهہ.
يوسف يار سچل ديان رمزان برهہ ڪيتيان برحالي وهواهہ.

2. نانڪ نماڻا سولي يوسف سدا ڏمالي،
تيڏي نيڻان دي رمز نرالي، سچل سڪاليان. وغيره

وري ڪيتريون اهڙيون ڪافيون بہ آهن جن جي آخري مصرع ۾ نانڪ پنهنجو نالو ڇيو آهي ۽ ان کان اڳ واري مصرع ۾ مرشد سچل سان عقيدت ڏيکاري آهي. مثال:

1. ساڏ سچل گر ديو هماري شهر درازن والي،
جنهن وڪلائي روز ازل ڪنون سهڻيان چشمان چالي.
مين قربان جناب اهين تان جنهن آپي نيهڙا لايا.

<<<<<●>>>>>

نانڪ يوسف يار ظهورا هر جا حق سڄاتا،
ظاهر باطن سمجهہ وڪيوسي عنئون اور نہ پاتا،
شامل حال هويا هر همت جنهن اناالحق الايا.

2. سچل مرشد ڳالهہ سچيءَ جو ڏنو سچ ويساهہ
يار يوسف کي تا پڻ ڪوٺين ڪيئي نانڪ شاه
پرين تنهنجي اکڙين منجهہ الاهہ، سڄڻ جي اکڙين منجهہ الاهہ.

1 . نانڪ جي ڪافين جو قلمي نسخو 1905ع ورق 219.

اهو ٺي ڪارڻ هيو جو نانڪ جي ڪافين کي سچل جي رسالن ۾ شامل ڪيو ويو.

جيتوڻيڪ سچل جي ڪلام هٿ ڪرڻ ۾ مرزا صاحب وس ۾ وت ڪان ڪين گهٽايو تنهن هوندي به ڪيترو ئي بهترين ڪلام هٿ ڪري ڪين سگهيو.

مثال:

1- ڪيڙو مست پرينءَ جي ناز مون کي،
وسريو روزو نه ياد نماز مون کي.

2- ڪنهن کي ڏيان مان دانهن درد جي پيچ پنهل مون
سان پايون هليو ويو

3- جوڙي جادو جگر ۾ لايو تو،

مٿيون ڪلام اڪثر ڪري فقير درگاهن تي وڏي عقيدت، جوش ۽ جذبي سان ڳائيندا آهن.

هن رسالي جي خاص خوبي اها آهي ته مرزا صاحب ڪافين جي الف. ب. وار Index ڏني آهي جنهن ڪري ڪابه ڪافي سولائي سان ڳولي سگهجي ٿي. آئينده ڪوبه سچاڻ عالم جڏهن سچل جو مڪمل ۽ مستند متن تيار ڪندو تڏهن ئي رسالي کي بنيادي ماخذ بڻائيندو.

داستان وڏو رسالو سچل سائينءَ جو

ماستر در محمد، ماستر هيمراج ۽ ٻين دوستن گڏ ڪيو جنهن کي آريا اسٽيم پريس لاهور مان ڇپائي پوڪر داس ٿانور داس تاجر ڪتب شڪارپور 1910ع ۾ پڌرو ڪيو.

هن رسالي ۾ 403 صفحا، 727 سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون، ٻٽيهه اڪيون سنڌي ۽ پنجتيهه اڪيون سرائڪي آهن. هن رسالي جو سمورو مواد مرزا علي قلي بيگ واري رسالي تان چونڊ ڪيو ويو آهي ۽

سندن انتخاب پڻ معياري ڪين آهي.

بهتر ٿئي ها جيڪڏهن سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام الڳ الڳ ڏنو وڃي ها. هن رسالي جي ڪافين جي Setting مرزا صاحب واري رسالي ڪان وڌندڙ آهي. هن رسالي ۾ ڪيترو ئي ڪلام ٻه ٻه ڀيرا اچي ويو آهي. مثال صفحي 38 تي ڪافي آهي "مون ۾ عيب اپار، آءُ ته سڄڻ تنهنجي ماري آهيان" ۽ ساڳي ڪافي 28 صفحي تي پڻ آهي.

صفحي 8 تي ڪافي آهي. "آءُ ٻاروچل ٻيلي، مونجهه تنهنجي ماري آهيان" وري ساڳي ڪافي 100 صفحي تي پڻ موجود آهي.

صفحي 92 تي ڪافي آهي. "ڪو دم اسان جي درد ڪان عاشق متان ڪاهل رهين." وري ساڳي ڪافي 308 صفحي تي موجود آهي.

هن رسالي ڪي ڪابه انفراديت ڪانه آهي.

سچل سرمست

شڪارپور جي آغا غلام نبي صوفيءَ (وفات 1941ع) ترتيب ڏنو جيڪو فقير وليداس (ڊپٽي ڪليڪٽر) جي امداد سان، شڪارپور پريس مان 1933ع ۾ ڇپيو ٿيو. جڏهن آنجهاني گربخشاڻي صاحب شاهه لطيف جو مستند متن عالمانه انداز سان مهاڳ لکي ڇپرو ڪيو جنهن جي مهاڳ ۾ گربخشاڻي صاحب ڄاڻايو ته "سچل وغيره شاهه جي دز ڪي رسي نه سگهيا." تڏهن صوفي صاحب ان جي مقابلي ۾ هي سچل جو رسالو تيار ڪيو. جيتوڻيڪ ٻنهي عالمن جي علمي ڪاوش ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي 320 صفحن تي حيات سرمست ۽ 493 صفحن تي مشتمل ڪلام ۽ شرح لکيل آهي. هن رسالي ۾ 39 سنڌي، 9 سرائڪي، 4 اردو ڪافيون ۽ 6 فارسي غزل آهن. البت بيت جو ڀاڱو ٻين رسالن جي ڀيٽ ۾ سوايو آهي.

محترم آغا مرحوم ڪيترن ئي لفظن جون معنائون اوت تي ڪيون آهن جن جو ذڪر سنڌي لغت جي سڄاڻ ڊاڪٽر سنديلي صاحب

گذريل سال پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ ڪيو.

آغا مرحوم درگاه درازا جو عاشق صادق هيو ۽ حياتيءَ جو وڏو عرصو درگاهه تي گذاريائين.

آغا صاحب جي اِيتري عقيدت هوندي به درگاه بابت ڄاڻ اڻپوري آهي، مثال طور صفحي 127 تي لکي ٿو ته” اسان جي ڪامل قربدار سان گڏ انهيءَ قبي اندر سندس والد صلاح الدين صاحب، سندس ڏاڏي فقير صاحبڏني صاحب ۽ سندس سُتگر پير عبدالحق صاحب جون تربتون آهن.“ اها هر هڪ ڄاڻوءَ کي خبر آهي ته سچل جي والد صاحب جي قبي اندر قبر ڪين آهي پر قبي سان لڳو لڳ اڀرندي طرف ڪان دروازي جي ڀرسان آهي.

تاريخدانيءَ بابت صوفي صاحب جي ڄاڻ هن ريت آهي:

”لات منات به وڏا بت جيڪي محمود غزنويءَ سومنات ۾ ڀڳا“[1]

پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي، لات ۽ منات عرب ڪافرن جا بت هئا جيڪي ڪعبي ۾ رکيل هئا ۽ پيغمبر اسلام جن فتح مڪي وقت ڀڃرايا.

”شاهه بلاول به خدائي دم هنيو جنهن تي ملن ڪيس گهاڻي ۾ پيڙائي ڇڏيو“.[2]

مخدوم صاحب جن خدائي دم ڪونه هنيو هو، پاڻ وڏا عالم ۽ خدا پرست ديندار هئا مگر وطن پرستي ۽ عوام دوستيءَ جي الزام ۾ گهاڻي ۾ پيڙايا ويا.

”شاه عنايت جڏهن عارفيءَ ۾ چوٽ کئي تڏهن اچي دل ۾ خيال ٿيس ته هينئر عشق جو مارگ به ماڻي ڏسان سو عمل جي زور تي هن مغلن جي گهراڻي مان هڪ مهرالنساء نالي ڇوڪريءَ کي پاڻ وٽ حاضر ڪري متس نيڻن جو نظارو ڪرڻ لڳو. هميشه رات جي غير

1. سچل سرمست، مرتب آغا غلا نبي صوفي 1933ع صفحو 480.
2. ايضاً صفحو 489.

حاضريءَ مهرالنساء جي مائٽن ڪي تشويش ۾ وڌو. آخر ڪار ڇوڪريءَ ڪان پڇيائون، ڇوڪريءَ سموري حقيقت سڻاين. تنهن تي مغل شاهه ڪاوڙ مان ڪلهوڙن کي لکي موڪليو ته شاهه عنايت جو سر وڍي دهليءَ موڪليو. مغلن جي ڏاتي ڪلهوڙن حڪم جي تعميل ڪئي ".[1]

شاهه عنايت جي شهادت جو اصل ڪارڻ هيو ديس ڀڳتي ۽ پورهيت طبقي سان پيار. ڏيهي پير، وڏيري ۽ ملان جي مفاد وٽان اها ڳالهه هرگز هرگز ڪانه هئي تنهن ڪري انهن دهليءَ جي حاڪم مغل سامراج وٽ وڃي هاءِ گهوڙا ڪئي ۽ شاهه صاحب جهڙو درويش صفت ۽ محب وطن انسان پنهنجي چند ساٿين سميت شهادت ماڻي تاريخ ۾ امر ٿي ويو.

آغا صاحب ڪي رسالو مرتب ڪرڻ وقت مير صاحبن ڪان ڪوئي نسخو مليل هيو، جيڪو پڻ اڻپورو هيو. اُن جو ثبوت رسالي ۾ موجود ڪلام مان ملي ٿو.

مثال: عشق لڳئي ته ڪر آمين، نا منجهه ڪفر نا منجهه دين [2]

هن ڪافيءَ ۾ هيٺيان مصرع ڪٽل آهن:

1- سٿون سورن جون ڪهڙيون پڙهين ٿو،
ورهه نه پڇندءِ والضالين.
ديد ڏسي کي ديد اڙائن
نيهن نه پڇن تا نابين. [3]

2- صورت سڀ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو [4]

هن ڪافيءَ ۾ هيءَ مصرع ڪونه آهي:

3- ڪٿي اناالحق چئي ڪٿي قيرائي فرمان [5]

---

1 . سچل سرمست، مرتب آغا غلام نبي صوفي 1933ع صفحو 489.
2 . ايضاً صفحو 17. 3 . رسالو سچل سائين، مرزا علي قلي بيگ 1902ع صفحو 26.
4 . رسالو سچل سرمست، آغا صوفي 1933ع صفحو 31.
5 . رسالو سچل سائين، مرزا علي قلي بيگ 1902ع صفحو 360.

Gul Hayat Institute

محبوب ڳولي ڏس من ۾ [1]

هن ٺلهه سان سچل جون ٻه ڪافيون آهن مگر آغا صاحب ٻنهي ڪافين جا ٺلهه گردي لکيا آهن تنهن هوندي به هيٺيان مصرع ڪٽل اٿس:

ٻيائي سان تو ٻاهر ڳولين، اٿئي بر بحر ۽ بن ۾
ڇهرا چوريءَ ڏسيو چلين تو اٿئي چاهه چمن ۾
زلف زنجير ڪان زاهد پڳا اهي ظاهر پرست ظن ۾
عاشق سوين احوال آکن اناالحق جي ان ۾
ڪل يوم هو في شان آيو ورنهه ڪنهن ون ۾
مرشد ڪامل سانول سپرين آيو صاف صحن ۾ [2]

4- ناهي ٻاروچو ٻيو، آهي اُهو جو روز ڏسان ٿي [3]

هيٺيان مصرع پڻ هن ڪافيءَ ۾ ڪونہ آهن:

دريءَ منجهاروُن دوست ڏٺوسون لالڻ پاتو ليو
سهي سڃاتم سپرين يار يقينوُن ٿيو
خلق الاشياء فهو عينها شڪ وڃوُن سڀ ويو
ڪٺي وڃان خوشيءَ سان سرتيون جي منهن ڏيو
عقل مت شرم سڀ نينهن انهن جي نيو [4]

5- مئن تا ڪوئي خال هان ليسان نال خيال دي [5]

هن ڪافيءَ ۾ پڻ هي مصرع ڪٽل آهي:

اصل انهان آگاه نهين جي شائق شيءِ شڪال دي [6]

1 . سچل سرمست، آغا صوفي 1933ع صفحو 131.
2 . رسالو سچل سائين، مرزا علي قلي بيگ 1902ع صفحو 339.
3 . سچل سرمست، آغا غلام نبي صوفي 1933ع صفحو 214.
4 . رسالو سچل سائين، مرزا علي قلي بيگ 1902ع صفحو 164.
5 . سچل سرمست، آغا غلام نبي صوفي 1933ع صفحو 223.
6 . رسالو سچل سائين، مرزا علي قلي بيگ 1902ع صفحو 238.

6- نہ مئن تاب نا بي تاب نہ مئن ابر نا آفتاب [1]

هن ڪافيءَ ۾ پڻ هي مصرع ڪونہ آهي:

نہ مئن ملان نہ مئن قاضي نہ مئن شور شراب [2]

7- ساروئي سر آهي، ڪاتي سچل ڪاتي ذات سچل جي [3]

هن ڪافيءَ ۾ هي مصرعون ڪونہ آهن:

الاالله اثبات مڙيوئي لا ڪي ڇڏ تون لاهي

اهو اندر اهو ٻاهر ڪيئن چوان ائين ناهي؟ [4]

مطلب آهي تنهنجو سريرؤن سر انجام [5]

هن رسالي ۾ ڪافيون گهڻي قدر اڻپوريون آهن مگر بيت ٻين رسالن کان سوايا آهن. باقي تصوف ۽ ويدانت تي جيڪو صوفي صاحب لکيو آهي سو لڪ لهي.

سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام

نماڻو فقير (درگاهہ جي معتقد هڪ هندو عورت) سنڌ پرنٽنگ پريس ٻڙودي (هندستان) مان ڇپارائي 1952ع ۾ پڌرو ڪيو.

هن رسالي ۾ 700 سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون، 5 سي حرفيون ۽ 184 چوند سنڌي ۽ پنجابي بيت (بقول مرتب) ڏنا ويا آهن. پڇاڙي ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ بہ ڏني ويئي آهي. نماڻي فقير جي چوند سچل جي ڇپيل سيني رسالن کان معياري آهي. خاص خوبي تہ جيڪو ڪلام مرزا علي قلي بيگ واري رسالي ۾ ڪين آهي اُهو رسالي ۾ موجود آهي.

رسالي ترتيب ڏيڻ جو ڪارڻ مرتب ٻڌائي ٿو تہ”ملڪ جي

1 . سچل سرمست، آغا غلام نبي صوفي 1933ع صفحو 223.

2 . درگاه سچل سائين جي ڳائڻي حبيب فقير جي ٻڌايل.

3 . سچل سرمست، آغا غلام نبي صوفي 1933ع صفحو 216.

4 . رسالو سچل سائين، مرزا علي قلي بيگ 1902ع صفحو 149.

5 . رسالو سچل سائين، مرزا علي قلي بيگ 1902ع صفحو 98.

Gul Hayat Institute

ورهاڱي ۽ دنيا جي بگڙيل حالتن ماڻهن جا من منجهائي وڌا آهن، جيڏانهن نهار تيڏانهن اشانتي ۽ نراسائي نظر پيون اچن. اهڙي وقت جڏهن ڪابه شيءِ دل کي آرام ۽ تقويت ڏيندڙ آهي اُها آهي سنتن جي واڻي يا درويشن جو ڪلام.“

ڪتاب جي منڍ ۾ تصوف تي 6 صفحا ڪن لکيل آهن ۽ اهڙو تہ مختصر ۽ جامع لکيو ويو آهي جڻ تہ مرتب جبل ٽڪي گلدستو تيار ڪيوآهي. تصوف جي سمجهاڻي نهايت صاف ۽ سولي نموني ۾ ڪئي اٿس.

هن رسالي ۾ مرتب سچل سائينءَ جي ڏاڏي صاحبڏني موراڳيءَ جو ڪلام بہ ڏئي فقيرجي ڪلام کي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي.

نماڻي فقير سچي سائينءَ جي رسالي جو ڪم نهايت محبت ۽ محنت سان ڪيو آهي تنهن هوندي بہ ڪيترو ڌاريو ڪلام رسالي ۾ داخل ٿي ويو آهي.

وهواهہ سجڻ سائين عيد ڪرائيہ نيڻن خوب نظاري جي [1]

هيءَ ڪافي ڇتي سانگيءَ جي آهي ۽ گهٽو ڪري مختلف درگاهن تي پڻ ڳائي ويندي آهي. پراڻن قلمي نسخن ۾ پڻ موجود آهي. [2]

هيٺ ڏنل ڪافيءَ جي فن توڙي فڪر مان پائنجي ٿو تہ هي ڪافي ڪنهن ٻئي شاعر جي آهي ڇاڪاڻ تہ منجهس نہ ٻوليءَ جي رواني آهي ۽ نہ وري خيال جي اڏام.

توبهہ منهنجي توبهہ زاري توبهہ يار پڙهائي وي
هڪ توبهہ ڏوجهي توبهہ ٿيجهي يار پڙهائي وي
نامئن منگي نامئن پرٽي ٻانهين يار چڙهائي وي
سچو آکي سڪ منجهاروُن مرشد ڪيتي ستاري وي. [3]

1 . نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام بڙودا 1952ع صفحو 68.
2 . نانڪ يوسف جي درگاه تي رکيل ڪافين جو قلمي گنج 1895ع ورق 251.
3 . نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام بڙودا 1952ع صفحو 77.

ساڳي نموني هيٺين ڪافيءَ جو غور سان اڀياس ڪريو. ان ۾ اوهان کي سچل جي فن توڙي فڪر جي ڪابہ خوشبوءِ محسوس نہ ٿيندي:

آپي شاه، آپي گداءُ، آپي امير امراءُ
آپي ڏيءُ آپي پيءُ ، آپي پٽ آپي ماءُ
آپي جوءِ آپي مڙس، آپي ڀيڻ آپي ڀاءُ
آپي موج آپي لهر، سچل آپي دم دم درياءُ [1]

اهڙيءَ طرح هن رسالي ۾ پڙهٽين جون چڪون پڻ آهن ۽ هي اهي ڀلون آهن جيڪي سچل سائينءَ جي سيني رسالن ۾ آهن.

جهور نہ لهي جهڙ جي نا ڪڏهن اوڳاٽن [2]

هن ڪافيءَ ۾ ”اوڳاٽن“ ڪان”اوڪاٽن“ لفظ برابر آهي. اوڪاٽن معنيٰ بند ٿيڻ (مينهن وسڻ، اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ.)

لعلڻ جنين نہ لوءِ، سي اوڪاٽين نہ اکيون [3] (شاهہ)
سور نہ جهلڻ جهڙو هاريون ڙي هيهات [4]

”سور نہ جهلڻ جهڙو“ ڪان” سور نہ سهڻ جهڙو“ يا ”سور نہ سلڻ جهڙو“ وڌيڪ موزون آهي.

سچل هي مسڪين الهہ دا، عشق تساڏي تڳيان [5]

هن ڪافيءَ ۾ ”عشق تسا ڏي تڳيان“ ڪان ”توهہ تسا ڏي تڳيان“ درست آهي، ڇاڪاڻ تہ عام چوٽي ۾ ”توهہ تڳڻ“ چيو ويندو آهي ۽ قلمي بياض ۾ پڻ ان ريت آهي. [6]

1. نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام بڙودا 1952ع صفحو 322.
2. نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام بڙودا 1952ع صفحو 80.
3. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: جامع سنڌي لغات حيدرآباد 1960ع صفحو 299.
4. نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام بڙودا 1952ع صفحو 95.
5. نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام بڙودا 1952ع صفحو 44.
6. نانڪ يوسف جي ڪافين جو قلمي بياض. ورق 272.

Gul Hayat Institute

حال ڏسي پنهنجو پال پلائج، پر پچاڻون ورهه ورائج
ڪج ڏيپ دارون دک واريءَ جو [1]

هن ڪافيءَ ۾ ورهه ورائج اصطلاح غلط آهي ۽ "ورهه وسائج" درست آهي. مثال:

دوست اوهان جي در تي ويٺي ورهه وسائي [2]
هيڪلڙي حب ۾ ويٺي ورهه وسائي. [3]
انهيءَ پڙ ۾ پهلوانن جوشن ڪان جيءَ جلايا ها،
ڪنيا جي موج مستيءَ جي اُهي هن عار آيا ها. [4]

عار معنيٰ لج يا شرم - ان لفظ جي هتي معنيٰ ڪابه ڪانه تي نڪري مگر ان کي هيئن "آر" لکي ڏسو تہ مطلب واضح ٿي پوندو. آر معنيٰ تيز وهڪرو يا چڪ، درياءَ جي تک، پاڻيءَ جو مارو، سير، دل جو لاڙو يا ميلان ، سڪ، حب، پيار، قرب، اتل ليث. [4]

ڏيئي توڪل تڪيو آر لنگهيا آسان (شاه)

ويرم َ لاهي ويهه، متي آر اوڙاهه جي (شاه)

۽ ان لفظ جو استعمال سچل هڪ ٻي ڪافيءَ ۾ پڻ ڪيو آهي.

اديون ورهه واريون ايندڙيون ڙي هن آر [6]

چوريءَ چوريءَ سير ڪرين ٿو تنهنجو چاند چمن ۾ [7]

هن سٽ ۾ "چاند چمن" جي معنيٰ ڪابہ نہ ٿي نڪري مگر "تنهنجو چاهہ چمن" پڙهڻ سان مطلب پڌرو ٿئي ٿو:

1 . نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام بڙودا 1952ع صفحو 73.
2 . نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام بڙودا 1952ع صفحو 41.
3 . ايضاً صفحو 78. 4. ايضاً صفحو 267.
5 . ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: جامع لغات سنڌي حيدرآباد 1960ع صفحو 38.
6 . نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام بڙودا 1952ع صفحو 123.
7 . ايضاً صفحو 212.

Gul Hayat Institute

بهرحال نماڻي فقير سنڌ کان ڏوراهين ڏيهه ويهي محبت من ۾ پائي جيڪي ويهي ڪتيو آهي اهو اڻ توريو ئي اگهائڻ جهڙو آهي. سچل سائينءَ جا جيڪي ٻه رسالا هيل تائين ڇپيا آهن، نماڻي فقير جو هي نماڻو تحفو ڇپائيءَ جي لحاظ کان پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

سچل جو رسالو (سنڌي ۽ سرائڪي)

مرتب رشيد احمد لاشاري، ڇپائيندڙ آر- ايچ احمد برادرس حيدرآباد اسٽينڊرڊ پريس مان 1958ع ۾ ڇپيو.

هن رسالي جو مواد مرزا علي قلي بيگ واري رسالي تان چونڊ ڪيو ويو آهي، مرتب جي چونڊ پڻ معياري ڪين آهي.

1910ع ۾ جيڪو سچل جو رسالو ڇپيو هيو ان ڪانپوءِ اڌ صدي تائين سچل جو رسالو ڪونه ڇپيو. البت آغا صوفيءَ 1933ع ۾ سچل جو رسالو 500 ڪاپيون ڇپايون جيڪو درگاه جي معتقدن لاءِ ئي اڻ پورو هيو. 1952ع ۾ نماڻي فقير هندستان ۾ سچل جو رسالو ڇپايو مگر اهو به سنڌ ۾ ناياب هيو. بازار ۾ سچل جي رسالي جي ڪوٺ هئي ۽ ان ضرورت کي محسوس ڪندي آر- ايچ احمد برادرس وارن واپاري خيال کان سچل جو رسالو ڇپائڻ گهريو.

هن رسالي جو ڪوبه ادبي معيار ڪونه آهي. منجهس ڪابه پرک پروڙ نه ڪئي وئي آهي. ايتريقدر ته ڪيترين ئي ڪافين ۾ ٻه ٻه ڀيرا اچي ويون آهن. هت رڳو رديف"ر" مان مثال ڏيندا سون ته لڳ ڀڳ سموريون ڪافيون ٻه ٻه ڀيرا آيل آهن.

"ويندي تان وٽڪار، جيڏيون هيءَ مڳ هوت بلوچ جي."

(صفحو 36)

وري اها ساڳي ڪافي 45 هين صفحي تي موجود آهي.

"پلي ڪري آئين، هت تون گهرجين يار."

صفحي 36 تي ڪافي آهي.

وري ساڳي ڪافي 44 صفحي تي موجود آهي. صفحي 36 تي

”ساجن انهيءَ سير، ايندءِ ڙي اچا.“

وري ساڳي ڪافي 50 صفحي تي موجود آهي.

”سا ڪندي ڪيئن قرار، جيڏيون جنهن جيئڙو جتن سان.“
(صفحي 37 تي)

وري ساڳي ڪافي 43 ۽ 48 صفحي تي موجود آهي. صفحي 38 تي

”هاري تو باتو هار، چام چنيسر آوڙان.“

وري ساڳي ڪافي صفحي 56 تي موجود آهي. صفحي 38 تي

”مون ۾ عيب اپار، سڄڻ تنهنجي ٻانهڙي آهيان.“

وري ساڳي ڪافي 48 ۽ 49 صفحي تي پڻ موجود آهي. صفحي 49 تي

”رئان زار و زار، مان ملان مارن ڪي آئون.“

وري ساڳي ڪافي 51 صفحي تي موجود آهي. صفحي 41 تي

”آءُ نه صدقي ان تئون جي آيا پنهل جي پار“

وري ساڳي ڪافي 55 صفحي تي موجود آهي.

اهڙي طرح صفحي 42، 44، 46 ۽ 50 واريون ڪافيون ترتيب وار هوبهو صفحي 43، 50، 52 ۽ 54 تي موجود آهن.

مٿين مثالن مان ئي ثابت ٿئي ٿو ته هن رسالي کي ڪنهن به ادبي ڇنڊڇاڻ ۾ آڻي نه ٿو سگهجي.

رسالو سچل سرمست (سنڌي)

عثمان علي انصاريءَ مرتب ڪيو، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد مان ڇپارائي 1958ع ۾ پڌرو ڪيو.

هن رسالي ۾ سچل جو رڳو سنڌي ڪلام ڏنو ويو آهي. هن

رسالي جي ترتيب توڙي تصحيح ۾ ڪابہ نمايان خوبي ڪانہ آهي. هن رسالي جون هيٺيون ڪافيون بہ بہ ڀيرا لکيل آهن.

صفحي 47، 50، 73، 93، 99، 115، 120، 121، 151، 160، 162، 163، 164 ۽ 172 تي ڏنل ڪافيون ترتيب وار صفحي 73، 58، 294، 425، 131، 143، 158، 417، 159، 415، 410، 411، 422، ۽ 342 تي بہ درج ٿيل آهن.

ان ڪانسواءِ ڪيترين ئي ڪافين جون سٽون ڪٽل آهن. مثلاً

آهيان آءُ اسرار، جيڏيون مون کي ڪير ڀانيو ٿيون [1]

متين ٿلهہ ۾ هيءَ سٽ ڪانہ آهي.

ماريو آهہ منصور جي خوني هن خمار [2]
عاشق ڪيئہ اداسي، وهہ واهہ ڳالهہ خاصي [3]

هن ڪافي ۾ هي بند رسالي ۾ ڪونہ ٿا ڏسجن.

دل اسان جي سهڻا سائين ڀهريون ڪيئي ڀياسي،
بيخوديءَ مؤن باغ بهاران خوديءَ ڪٿون خلاصي. [4]

جا چوڻ جيهي ناهہ، سائين ڪيئن چوان [5]

ان ڪافيءَ ۾ هيٺين مصرع موجود نہ آهي.

ور وڪڙ هن وات کي هيڏي ڀير نہ پاءِ [6]

1. عثمان علي انصاري: رسالو سچل سرمست سنڌي ادبي بورڊ 1958ع صفحو 51.
2. مرزا علي قلي بيگ: سچل سائينءَ جو رسالو 1902ع صفحو 147، نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام بڙودا 1952ع صفحو 349. ڊاڪٽر نواز علي شوق : ڪلام حضرت سچل سرمست: ڪافي پبليڪيشن 1981ع صفحو 10.
3. عثمان علي انصاري: رسالو سچل سرمست سنڌي ادبي بورڊ 1958ع صفحو 73.
4. مرزا علي قلي بيگ: سچل سائينءَ جو رسالو 1902ع صفحو 278، نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف الهام بڙودا صفحو 258.
5. عثمان علي انصاري: رسالو سچل سرمست سنڌي ادبي بورڊ 1958ع صفحو 83.
6. سچل سائينءَ جو رسالو مرتب مرزا علي قلي بيگ 1902ع صفحو 99.

Gul Hayat Institute

سانول سوين ڳڻ تنهنجا تي ساريان [1]

هن ڪافيءَ ۾ پڻ هيءَ سٽ موجود ڪانہ آهي.

آسروند آهيان، جيڪي قول ڪيا سي پاريان [2]
اڄ اڱڻ اجهي آيم، پرديسي ڳڏيم ميان [3]

انهيءَ ڪافيءَ ۾ بہ هيءَ سٽ ڪانہ آهي:

جن لئي هيس اپاڻڪي، مولا سي محب ملايم [4]
ڏوراپا ڏئيي ڪنهن هٿ منجان مارئين [5]

ڪافيءَ ۾ هي بہ مصرعون ڪٿل آهن.

ساعت پانيان سال تي، جا پنهوارن ريءَ پيئي
ڪو رسائي مون راڄ ۾، ڏاڏائي ڏيئي [6]
پڇو نہ منهنجي ذات، جوئي آهيان سوئي آهيان [7]

هن ڪافي ۾ پڻ هي بہ ستون ڪونہ آهن.

ظاهر ٿيا سي ذاتيءَ وچان سمجهڻ منجه صفات،
لاڪي لاهي نفي ڪيوسين الاالله اثبات [8]

---

1 . عثمان علي انصاري: رسالو سچل سرمست سنڌي ادبي بورڊ 1958ع صفحو 142.
2 . نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام بڙودا 1952ع صفحو 153. درگاه نانڪ يوسف تي ڪافين جو قلمي گنج ورق 128.
3 . عثمان علي انصاري: رسالو سچل سرمست سنڌي ادبي بورڊ 1958ع صفحو 173.
4 . نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام بڙودا 1952ع صفحو 302. درگاه نانڪ يوسف تي ڪافين جو قلمي گنج ورق: 13
5 . عثمان علي انصاري: رسالو سچل سرمست سنڌي ادبي بورڊ 1958ع صفحو 163.
6 . درگاه نانڪ يوسف جي جهوني فقير فيض محمد ٻڌ کان هٿ ڪيل لکيل.
7. عثمان علي انصاري: رسالو سچل سرمست سنڌي ادبي بورڊ 1958ع صفحو 382.
8. مرزا علي قلي بيگ: رسالو سچل سائين جو 1902ع صفحو 130. نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف الهام بڙودا 1952ع صفحو 372. ڊاڪٽر نواز علي شوق: ڪلام حضرت سچل سرمست ڪافي پبليڪيشنس ڪراچي 1980ع صفحو 19.

Gul Hayat Institute

انهيءَ ڪان سواءِ رسالي جي ڪيترين ئي پڙهٽين ۾ پڻ ڪافي غلطيون آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون:

1- آهيان آءُ اسرار، جيڏيون مون ڪي ڪير پانيون ٿيون
آيس هن عالم ۾ باري چڙهي بار

هن ڪافيءَ ۾ "باري چائي بار" وڌيڪ موزون آهي ۽ سچل جي ٻين سيني رسالن ۾ بہ اهڙي طرح لکيل آهي ۽ فقراء بہ اهڙي نموني ڳائيندا آهن.

2- تو ڪيئن وڃايو پاڻ، ڳولي لهج پاڻ کي
مکڻ اکر هڪڙو سوئي ڪير سنياڻ

هن ۾ "مکڻ اکر" کان "مکڻ آکر" وڌيڪ درست آهي.

3- جهڙو هي عجائب آهہ، ناهي عجب ٻيو ڪو اهڙو
هيڏي هوڏي نہ ڏسين منهن پاٽيءَ ۾ پاءِ

هن ڪافيءَ ۾ "منهن پاٽيءَ ۾ پاءِ" کان "منهن پاڻ ۾ پاءِ" جنهن جو مطلب آهي نائي نيڻ نهار درست ٿيندو.

4- برهہ بيراڳي ڪيو ڙي جيڏيون ، مون کي درد ديوانو ڪيو
جو امر اورائو ڏنو، سو تان ساڳي ٿيو.

هن ڪافيءَ ۾ "جو امر اورائو ڏنو" کان" جو امڙ اورائو ڏنو" وڌيڪ موزون آهي ۽ ڳايو بہ اهڙي نموني ويندو آهي.

هلي ههڙي حال ميان، وڃي ڏوٽن کي ڏسان
سچوءَ جي تہ سرير ۾ مارن جي آهي قال

هن ڪافيءَ ۾ "مارن جي آهي قال" کان" مارن جي آهي مقال" وڌيڪ موزون ٿو پائنجي.

ان کان سواءِ ڪي سٿون اهڙيون بہ آهن جيڪي مختلف ڪافين ۾ ساڳيون موجود آهن. نموني خاطر صرف ہہ مثال ڏجن ٿا:

1- اصل آهي انهن سان روح منهنجي جو رلو

اها سٽ هيٺين ٻن ڪافين ۾ ڪتب آندل آهي:

(i) اڙي الـــو الـــو رانـــول آيـــو راڄ ۾

(ii) ڪري سانگ پرين وري آيم، ديس اساڏڙي الو الو

2- چونديس حال حبيب کي ڳچيءَ پائي گندي

اها سٽ هن ٻن ڪافين ۾ استعمال ٿيل آهي:

(i) آءُ ڪيچ ڪندي، وڃي پورهيو پرينءَ سان

(ii) ويهي آءُ ڪوهه ڪندي، جيڏيون ڙي پنيور ۾

هن رسالي ۾ جيترو مواد محترم انصاري صاحب ڏنو آهي ڪانئس اوترو ئي ڪلام رهجي ويو آهي ۽ اهڙو چوندڳ ڪلام رهجي ويو اٿس جيڪو فن ۽ فڪر جي لحاظ کان تمام مٿاهون آهي. اڪثر ڪري اُهو ڪلام درگاهن تي پڻ ڳايو ويندو آهي. جنهن مان ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

1. سچ تا مرد چون ڪنهن کي وٺي آي نہ وٺي،

2. ڪوڙي دوستيءَ جو دم بٽي نہ بٽي.

3. جوئي آهيان سوئي آهيان، هندو مومن ناهيان.

4. ڪو ڪيئن چوي ڪوئي ڪيئن چوي آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان.

5. ساڳيوئي سر آهي، ڪاتي سچل ڪاتي ذات سچل جي.

6. اسين ساڳي خود آهيون، پلي عام چوي ائين ناهي

7. ڏسو عشق جو انصاف، سيئي مذهب ڪيائين معاف

8. عشق لڳئي تہ ڪر آمين، نا منجھ ڪفر نا منجھ دين

9. شاهه تيو سيلاني، نہ چاٽان ڪنهن ڳالهه ڪئون

Gul Hayat Institute

10. جي مون پڇو ڙي جيڏيون، آهي برهہ بيقراري
11. اتي ڪفر نہ ڪو اسلام، آهي سيني ڪي سلام
12. ڪرن مڙيئي قتلام، پاڻ ڪريان جي پڌرو

سچل سائين جي شاعريءَ جا جيڪي بہ رسالا ڇپايا ويا آهن ڪوبہ مستند ۽ مڪمل نسخو ڪين آهي، ۽ پير صاحب حسام الدين راشديءَ جا اِهي الفاظ بلڪل صحيح آهن تہ سچل کي ڪوبہ گربخشاڻي نصيب نہ ٿيو.

سچل جو سرائڪي ڪلام

مرتب مولوي محمد صادق راڻيپوري، ڇپائيندڙ سنڌي ادبي بورڊ ۽ وفائي پرنٽنگ پريس ۾ 1959ع ۾ ڇپيو.

هن رسالي ۾ سچل جي سرائڪي ڪلام سان گڏ 150 اردو غزل بہ ڏنا ويا آهن.

مولوي صاحب هن رسالي کي سهيڙڻ ۽ سموهڻ ۾ ڏاڍي محنت ۽ اورچائيءَ سان ڪم ڪيو آهي تنهن هوندي بہ ڪيترو ڏاريو ڪلام رسالي ۾ اچي ويو آهي.

مثال طور هيءَ ڪافي بہ سچل جي ڪانہ آهي:

بات برهہ دي ايهي، ايهي عجب جيهي [1]

جيئن اسان اڳ ۾ ٻڌايو آهي تہ نانڪ يوسف پنهنجي ڪيتري ڪلام ۾ پنهنجي نالي سان گڏ عقيدت ۽ محبت وچان سچل جو نالو بہ آندو آهي ۽ هن ڪافيءَ ۾ پڻ ائين آهي. مگر مرتب نانڪ يوسف جو نالو ڪڍي ڇڏيو آهي.

اصل ڪنون جو ساڏا آها سچل يار پڇيسون
وچ درازين جاءِ تهين دين تنهن ڪون ووڙ لهيسون

1 . سچل جو سرائڪي ڪلام، مولوي محمد صادق، سنڌي ادبي بورڊ 1959ع صفحو 69.

تي ملاقي نال تهين دي سارا ورهه ونديسون
اُهو اساڏا اسان اهين دي يار كيتوسي نيهي [1]

هن مصرع جي معنيٰ تي غور ڪرڻ سان پڻ سمجهي سگهجي ٿو ته ڪافي ڪنهن سچل سائين جي معتقد جي آهي جيڪو سچل سائين سان سڪ ۽ اڪنڊ مان ملڻ ٿو گهري.

اِهو بند ساڳيو هن طرح آهي:

اصل ڪنون جو ساڏا آها سچل يار پڇيسون
وچ درازين جاءِ تهيندي تنهن ڪون ووڑ لهيسون
تي ملاقي نال تهين دي نانڪ ورهه ونديسون
اهو اساڏا اسان اُهين دي يار ڪيتوسي نيهي [2]

پهرين اچو ته هن ڪافيءَ تي ويچار ڪريون:

عشق پيوسي زور زور ڪٽ مليان دي توڑ توڑ
عاشق عشق الهه دا چاون، چڪ ٻڌاسي ڏور ڏور
زيريان زبريان ڪيهيان پڑهيوئي هن حرامي نور نور
لک لک ڪاغذ ڪيتوئي ڪالي هن ڪتابي چور چور
پير اساڏا عبدالحق نانءُ هادي دا اور اور
يار سچل ڪون جو نه منيدي خارجي اهي ڪور ڪور [3]

اها نالي واري سٽ صحيح هن نموني آهي:

يار سچو ڪون جو نهين منيدي ڪلا خارجي ڪون ڪوڑ ڪوڑ [4]

---

1 . مولوي محمد صادق: سچل جو سرائڪي ڪلام سنڌي ادبي بورڊ 1959ع صفحو 69.

2. صوفي گورڌن داس روهڙيءَ واري جو ڪافين جو قلمي ذخيرو صوفي صاحب سخي قبول محمد دوم جو طالب آهي ۽ هينئر سندس عمر 95 ورهيه کن ٿيندي. فتح علي فقير، خوش خير محمد جي خاندان مان آهي عمر 90 ورهيه ٿيندس تنهن پڻ اها ڪافي اِن طرح ٻڌائي.

3 . مولوي محمد صادق: سچل جو سرائڪي ڪلام سنڌي ادبي بورڊ 1959ع صفحو 261.

4 . مرزا علي قلي بيگ: سچل سائينءَ جو رسالو 1902ع صفحو 59. نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام بڑودا 1952ع صفحو 256.

اها حقيقت آهي تہ ملان ۽ صوفيءَ جو فڪري اختلاف جڳ مشهور آهي مگر هن ڪافيءَ ۾ جيڪا ٻولي استعمال ٿيل آهي ان مان ٻڌائي سگهجي ٿو تہ هيءَ ڪافي سچل جي هرگز نہ آهي.

جيئن اسان مٿي ڄاڻايو آهي تہ مولوي صاحب سچي سان گڏ اوڦتو ڪلام بہ ڏيئي ڇڏيو آهي ساڳي ريت ڪيترو سچل جو مستند ڪلام جيڪو درگاهن تي وڏي جوش ۽ جذبي سان ڳايو وڃي ٿو اُهو مولوي صاحب واري رسالي ۾ خير ڪي موجود آهي.

مثلاً:

1. مئن آپي ڪعبہ مڪا، الھہ اساڏا سڪا [3]
2. رانجها تخت هزاري سائين، جنهن عشق لڳا مئن واريان [4]

مولوي صاحب جي ڪن ڪافين جون پڙهڻيون پڻ درست نہ آهن. اچو! هن ڪافيءَ تي سنجيدگيءَ سان سوچيون:

ننگڙا نماڻي دا جيوين تيوين پالڻا
ميلي هان مندي هان، بيشڪ تيڏي بندي هان
ڏڪين ميڏا ڏولڻا، عيب نہ ڦولڻا
پئي هان تيڏي پناري، لڳي هان تيڏي لاري
تيڏي ذات ستاري، ڏوهہ نہ ميڏي ڳولڻا
نال ڪوجهي دي جالڻا، اسان ڪني ول آوڻا
يار سچل ڪون لهن ڪشالي، گهونگهٽ اپڻا کولڻا [1]

هن ڪافيءَ جو مٿيون هيئت Form ئي غلط آهي.

اوهان هن طرح ڪافي جهونگاري لطف وٺي ڏسو:

ننگڙا نماڻي دا جيوين تيون پالڻا

---

1 . نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام بڙودا 1952ع صفحو 368 ۽ صوفي فقير
2 . استاد منظور علي خان.
3 . مولوي محمد صادق: سچل جو سرائڪي ڪلام سنڌي ادبي بورڊ 1959ع صفحو 1.

ميلي هان مندي هان، بيشڪ تيڏي بندي هان
ڍڪـيـن مـيـڏا ڍولـڻـا عـيـب نـہ قـولـڻـا
جـوڳـي نـال جـالـڻـا، اسـان ول هـي آوڻـا
يـار سـچـل تـون لـتـڙي ڪشـالـي،
گـهـونـگـهـٽ کـولـڻـا، ٻـهـہ ٻـهـہ ٻـولـڻـا (2)

ان ڪانسوءِ رسالي جي پڇاڙيءَ ۾ مولوي صاحب جيڪي سچل جا 50 اردو غزل ڏنا آهن اِهي سڀ قابل قبول نہ آهن ڇاڪاڻ تہ انهن جي اجائي اصلاح ڪري سچل جي ريختي ڪلام کي هرو ڀرو اردوءَ جو لباس پهرايو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

[1] . نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام بڙودا 1952ع صفحو 49. مرزا علي قلي بيگ: سچل سائينءَ جو رسالو 1902ع صفحو 236.

سچل جو اڻ ڇپيل ڪلام

سچل جو پهريون رسالو مرزا علي قلي بيگ مرتب ڪيو، جيڪو 1902ع ۾ ڇپيو، جنهن ۾ 1340 ڪافيون ڇپيل آهن. مرزا صاحب اهو 1895ع کان سهيڙڻ شروع ڪيو، جڏهن ته سچل سائينءَ کي فوت ٿئي صرف 68 سال ٿيا هئا. پر هن رسالي ۾ سچل کان سواءِ ٻين شاعرن جو ڪلام پڻ موجود آهي ۽ ڪيتروئي سچل جو ڪلام هن رسالي ۾ موجود ڪونه آهي، جيڪو درگاهن تي فقير پڻ ڳائيندا آهن، پوءِ به مرزا صاحب جي ڪوشش ساراهڻ جوڳي آهي. ڇاڪاڻ ته اڄ تائين جيڪي به سچل جا رسالا ڇپيا آهن، انهن سڀني جو بنيادي ماخذ مرزا صاحب جو رسالو ئي آهي. اسين هت سچل جو اهو ڪلام پيش ڪري رهيا آهيون، جيڪو درگاهن تي ته ڳايو وڃي ٿو، پر ڇپيل رسالن ۾ موجود ڪين آهي :

Gul Hayat Institute

سنڌي ڪافيون

(1)*

ريءَ ڪجل تڪبير وجهن، سي ڪيئن سرمون پائن وو
وار سڄڻ جا بسيهر ڪارا، سي ڪيئن سينڌ ڇٽائن وو
ڏند ڍولڻ جا ماڻڪ موتي، سي ڪيئن سرخي لائن وو
جايون سڄڻ جون درس درازين، "سچل" نام سڏائن وو

---

* هي ڪافي علي محمد فقير کهڙي کان ملي، علي محمد فقير کهڙو ڳوٺ ڏلا ور تعلقو گمبٽ، نول گهوٽ نوشهري فيروز واري جو طالب آهي.

*(2)

ساقي آهيون شراب جا اسين ڪامل ڪلاتي،
جال پري جام پيئون آب حياتي،
لا تي سون "لولاڪ" ۾ وجي لا سندي ڪاتي،
"مان" ڪي ماري پاڻ پروڙيم آهيون گهر ڪي پاتي،
همہ اوست واري حال ۾ اسين آهيون اثباتي،
نفيءَ ۾ نابود ٿياسي صاحب صفاتي،
منجهان ڪُن ڪپر جي لنگهيا سي ظاهر ظلماتي،
سر سڃاڻي پانهنجو ٿياسي ذات اندر ذاتي،
سچل سارو پاڻ ٿيو، جنهن مام سڃاتي،
تصوير اندر نور پاتائين، جيءَ اندر جهاتي.

+(3)

عمر گهوريان هي پٽ پٽيهر، ساريان لوءِ پنهنجي جون لويون،
هت ويڙهيچا ويڌا وراهن ڍهاڙيون ڏونرن سنديون ڏويون،
سنگهارن ڏي سوز سنيها راتيون روز منجهان تي رويون،
ڪَنديون، ڪوڪڙ سنديون، ڳچيءَ پائن پيڪا پويون،
صبح سانجهي ڪٽن خوشيءَ سان، آب پربون اويون،
پاند ۾ پائن پسيون، سچل ساڳ سنگر سويون.

+(4)

هاءِ هاءِ حلاج جيان، ڪيئي لعل هن لڙ ۾ لڙهيا،
پار هِنَ آيا اُهيِ، جي گهوٽ هِنَ گهيڙئون گهڙيا،
ڪي ٿيي ڏيئي سو پاتال منجهه پيهي ويا،

* هي ڪافي علي محمد فقير کهڙي کان ملي، علي محمد فقير کهڙو ڳوٺ دلاور تعلقو گمبٽ، نول گهوٽ نوشهري فيروز واري جو طالب آهي.

+ متيون ٻئي ڪافيون فقير نظر محمد مغل جي قلمي بياض تان نقل ڪيل آهن.

ڪين ڪي عاشق اهي ٻهڳڻ وري ٻاهر پيا،
غرق ٿيا غازي اتي ڪن عام بيتا هاءِ هاءِ،
آءُ لڙهي آيس اتي جت رتي ناهي ريا،
دلق ڪي درياه ۾ اڇلن بهادر بي بها،
صاف ٿي نڪتا سچل سي صاف سالڪ جي هئا.

(5)*

موڳا مُلان متو نہ مار، عشق شرع سان شامل ناهي،
مِڻ مِڻ ڪرين ٿو مٽي مٽي تي، الله ڳٽين ٿو ڪٽي ڪٽي تي،
روزو نماز ناهي درڪار.
گهونگهٽ ڍڪي ويهين گهرن ۾، اکيون اڙائين پين جي درن ۾،
پنهنجي گهر جي لهہ ڪا سار.
”سچل“ جهڙا سوين سپاهي، در سڄڻ جي پتنگ اِلاهي،
لنگهي پياسون پارئون پار.

(6)*

عشق ناهي آسان، پير انهيءَ ۾ پرجهي پائج،
عشق امام کي قتل ڪرايو، سوليءَ تي منصور چڙهايو،
سالڪ سڻ صنعان.
عشق شهنشاهہ رلائي، پندت پڙهيل پُرس پنائي،
عشق هزارين ڪيا حيران.
”سچل“ دم منصوري مارج، سورهيہ ٿي سرڙو سهائج،
مرد تجان مردان.

---

* مٿيون ٻئي ڪافيون استاد عبدالحڪيم مگسي، وينل جهل مگسي (بلوچستان) کان مليون.

Gul Hayat Institute

(7)

چيم آخر ٻڌي هٿڙا، اڳيان دلبر تو ايـنـداسـون،
چيائون ايندين تہ چا ٿيندو، ڏسڻ هرگز نہ ڏيـنـداسـون،

چيم دلبر تنهنجي در تي اچي ڏيندس مان دربـانـي،
چيائون تنهن طرف هرگز نہ پوريل در پٽيـنـداسـون.

چيم دلدار ڪي آهيان، فقط هڪ بوسي جو سوالي،
چيائون ڪين اهڙو سوال مورائون مـڃـيـنـداسـون.

چيم اي دلربا دلبر نہ ڪر گم آبـرو مـنـهـنـجـي،
چيائون هي اجا چاهي، سوين پياسور ڏيـنـداسـون.

چيم منهنجي مرڻ ڪانپوءِ اچين من تون مٿي مـرقـد،
چيائون جي ڏنوسي ڪٽ لتاڙي لوڙهہ ويـنداسون.

چيم دلبر مٺا دم دم پرتو تي هي "سچل" سائل،
چيائون ڪين لوڙهج دل اوهان آخر گڏيـنـداسـون.

(8) *

آهي الائـي ڪـير، دلڙي ڪسـي ٿـو ڪـيـن ڏسـي ٿـو،
پير پيغمبر هو ٿو نوائي، دارا سـڪـنـدر هـو ٿـو ڏيـائـي،
آهي مثل شير، جنهن ڪي وٺي ٿو تنهـن ڪـي ڏَسـي ٿـو،
جنهن ڪي خبر هجي يار ٻڌائي، نالي ڏٺيءَ جي راهہ ٻتائي،
پورو ڏسي پنڌ پير، ملڪ ڪهڙو اتس ڪاتي وسي ٿو،
سچل سائين مالـڪ آهي، عشـق ٻـرهـہ الائـي چـاهـي،
دل ۾ رهـي ٿـو دلـبـر، ٻـاجـهـڙن ڪـيـن پسـي ٿـو.

بيت

ڪڏهن من ماڪوڙي، ڪـڏهـن ڪـيـهـر شـيـنـهـن،
سـچـل سـارو ڏيـنـهـن، حـال نـہ آ هـڪ جـهـڙو.

---

* هيءَ ڪافي استاد عبدالحڪيم مگسي، وينل جهل مگسي (بلوچستان) ڪان ملي.

سرائکي کافيون

جوڳي آيا کهڙي دِس دا،
نالا ذات نہ ڏس دا.

گهن دانہ بکيا الا، ڏيندا جي کوئي پلو،
هک دل اساڏڙي کس دا.

مک وچ مرلي الا، کن وچ کنڊل پلو،
ڳلي ڳلي کڙا نچ دا. [1]

سچل سارا الا، سچ اکيندا پلو،
هادي هر جا وس دا.

(2)

رانجها تخت هزاري دا صاحب جنهن دا عشق لڳا،
جاني سو.

کر سينگار سچن دي اڳيان، سياليان مشک ملو.
انا احمد بلا ميم، چاک دا حسن ويکو.
اِها مسند کيڙيان والي مينون نہ اَکر،
مئن ٿيوان قربان سچڻ تون، سر سچل دا سيو.

Gul Hayat Institute

(3)

چولي سچڻ دي چيري مجهہ کون کباب کيتا،
کر ناز يار پياري رخ پر نقاب کيتا.

تن من تنبور طبلي، سر عاشقان دي اصلي،
جادوگران دي جلوي، رڳ رڳ رباب کيتا.

نينان دا تير ماريئي، زارو زار چا رئاريئي،
دل دا حجاب ٽاريئي، سانون بي حجاب کيتا.

1. ڳلي ڳلي کڙ انس دا (فقير نظر محمد جي قلمي بياض ۾)

سر دار پر چڑھيندي، عاشقان نون وت مريندي،
ڪنڌ ڪات پر ڌريندي، ايڏا عذاب ڪيتا.
ڪهتا سچل بچارا، هم هون غلام تمارا،
مک ڪا ويکيا نظارا، اڪبر ثواب ڪيتا.

(4)

گهنڊ کول ديدار ويکائو، مئن آيا مک ويکڻ،
پا پازيب پيران وچ ڪڙيان، پايل ڪون چمڪائو،
مئن آيا مک ويکڻ.
نال اساڏي دلبر سائين، الهه لڳ الائو،
مئن آيا مک ويکڻ
پهر پوشاڪان ويس گلابي، چوٽا چندن چٽائو،
مئن آيا مک ويکڻ
نوري روا سبزي چولا، هيري نال جڙائو،
مئن آيا مک ويکڻ
حال سچل دا معلوم تيکون، سائل ڪون نہ سڪائو،
مئن آيا مک ويکڻ

Gul Hayat Institute

(5)

وس اساڏڙي ويڙهي، ڀهون سڪان سارييان تيڪون،
ڏک اسان نال آ وندين، ڀهه نماڻي دي نيڙي.
مئن تان تيڏي تون تان ميڏا، ڪون ڪميٽي ڪيڙي،
رانجهو سائين نان الله دي، ڪرين نہ جهوڪ پريري،
سڀ ڪريسان ڳالهين تسان ڪون، آوين جي دوست اوريري.
اسان تساڪون صحيح سڃاتا، لٿي سياليان دي جهيڙي،
ديري سچل دي تنبو ماريا، آڻ ڪي عشق اويڙي.

بيت

ايمان سلامت هر کو منگدا، اسان عشق سلامت منگي،
منگن، ايمان شرماون، عشقون دل حيرت وچ ونگي،
سچل عشق واليان دا نوکر، هووي شرابي ينگي.

Gul Hayat Institute

گدازنامي جو هڪ آڳاٽو ترجمو

اِهو سورهن آنا سچ آهي تہ سچل سنڌ جو بيباڪ ۽ بسيار گو شاعر آهي. سندس ڪلام چئن ٻولين سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ۾ آهي . ”ديوان آشڪار“ ڪانسواءِ سچل جون مثنويون جهڙوڪ ساقي نامو، گداز نامو، عشق نامو ۽ رهبر نامو، انهن مثنوين جو آڳاٽو ترجمو درگاه جي هڪ سچي طالب هادي بخش مغل بن نظر محمد مغل شڪارپوريءَ ڪيو.

فقير هادي بخش جي ولادت 1878ع ۾ ٿي. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ فقير سب رجسٽرار بڻيو ۽ ان ئي عهدي تان رٽائر ڪيائين. نوڪريءَ جو ڳٽ ڳچيءَ مان ڪڍڻ کان پوءِ باقي عمر سخي مقبول ثانيءَ جي خدمت ۾ رهيو، سندس وفات 1949ع ۾ ٿي.

”گداز نامي“ جو ترجمو فقير صاحب 1914ع ۾ ڪيو، هي هڪ طالب جي پيار جو پورهيو آهي جيڪو هت پيش ڪجي ٿو.

گداز نامو

سو خدا موجود هر ڪنهن جاءِ ڏس،
سو خدا مشهور سرتا پاءِ ڏس.

سو خدا موجود اندر هر مڪان،
آهي سو معبود ظاهر ۽ نهان.

آ زمين ۽ آسمان ۾ نور سو،
بي شبهہ آ ذاڪر ۽ مذڪور سو.

Gul Hayat Institute

سو خدا موجود اندر ڪائنات،
آهي هيءَ تنهن ذات جي ساري صفات.

ظاهري آيو اُهو تي مصطفيٰ ص،
چاڻ ويسهه ساڻ آ ذات خدا.

حڪم جاري ڪيئين اندر نامي شريف،
پاڪ آندائين پاڻتي ايهو صحيف.

سو محمد سو احد هڪ آهه هڪ،
چاڻ ويسهه ساڻ آڻج ڪونه شڪ.

جڏهن "بي يَنطق" اشاري منهن ڪديو،
خاص مون مان گنج جو تنهن در پٽيو.

موج آئي آ منجهئون ساگر گران،
تو ڪريان ان موج مان ظاهر بيان.

تو ڪريان آغاز هن مڪتوب کي،
تو ڏيان مان جان دل محبوب کي.

نام نامي جو گدازه نام تيو،
محو ان ۾ جسم جان ۽ جام تيو.

مان نتو ٻوليان پيو ٻولي اوهو،
مان نتو ڳوليان پيو ڳولي اوهو.

سج ڏي تي برف جڏهين منهن ڪري،
تي تئي پاڻي محو تي، تي ڳري.

اصل اُن پاڻيءَ سندو آ برف ڪان،
برف پاڻي آ سڄ هي حرف تان.

جڏهن آئي هوڻ ۾ تي برف پئي،
۽ ڳري جڏهن برف هستيءَ ڪان وئي.

Gul Hayat Institute

تيا سوين ڪم ڳرڻ ڪانپوءِ انهيءَ مان،
ٿيون گهٽيون ڪيتيون ۽ سبزيون انهيءَ مان.

پوءِ تيو پاڻي اوهو ۽ برف وئي،
۽ ڪڏهن پاڻي تہ ڪڏهن تي برف پئي.

جميل پاڻي مثل ٻانهي جي اٿئي،
آب جاري مشڪندڙ خدا جو اٿئي.

اي ٻچا هي برف پاڻي آهي هڪ،
پاڻ ۾ جيئن چنڊ ۽ سج آهي هڪ.

جسم جان ڪر راهہ موليٰ ۾ گذار،
تان ٿئين منجهہ هردو عالم سرفراز.

عاشقن ڪي آڳرڻ ريءَ ڪارڪانہ،
ڳار پنهنجي جسم ڪي اي مهربان.

جسم ڳارڻ ريءَ ٿئين واصل ڪٿي،
راز محرم ٿين نہ تون ريءَ ڳرڻ جي.

جڏهن پاڻيءَ کان جدا ٿي حباب،
تي فنا ڦوٽو جڏهن تي تڏهن آب

سمنڊ ۾ ڦوٽو فنا تي جو اديون،
پاڻ تي دريا هٽي موجان وڏيون.

سرڪشيءَ کان نام ان جو ٿيو حباب،
ڳرڻ کان پوءِ ٿيو وري سو بحر آب.

منجهہ خدا ٻانهي فرق آهي ايهو،
چشم حيرت ساڻ ڏس تون تان ايهو.

بحر وحدت ۾ غرق ڪر پاڻ کي،
تان وڃي منجهہ بارگاهہ رحمان جي.

Gul Hayat Institute

پاڻ آتش عشق سان ڪر خاڪ تون،
تان ٿئين شڪري منجهان شهباز تون.

لوڻ پاڻيءَ ۾ جڏهن آميز ٿي،
ڳرڻ ڪانپوءِ لوڻ ڪاٿي ٿو رهي.

جسم تي ان لوڻ جو جڏهن گداز،
آب ٿيو ان وقت اوهو پاڪ باز.

ذات حق جي ۾ جڏهن پانهو ويو،
۽ چٽو غيرون خدائي حق ٿيو.

جيئن چاندي تي سهاڳي سان ڳري،
تيئن تن کي عشق توفاني ڪري.

سو سهاڳو پير جي نظر چاڻ،
يا عنايت حق سندو تي اثر چاڻ.

هي جسم چانديءَ جيان آهي پسر،
عشق سهاڳي جيان آب هرورَ.

پاڻ کي جنهن راهه خدا ۾ ڪيو فنا،
جو بَچو باقي فنا مئون ويو بقا.

اي بچا بوتو مٽيءَ جو ڳار تون،
سر ڪڍي ٿيءُ نياز کان بي نياز تون.

شخص هڪڙي جي هئي دل اسپ سان،
ويو پيارڻ آب ڊوڙائي اُتان.

سو ڪناري کان بحر تي نئين رسيو،
هن پياري آب پوءِ ان کي ڏٺو.

اوچتو هنيو موج ان کي بحر ۾،
ڪيئن پڇي هي سوار انکي بحر ۾.

Gul Hayat Institute

اسپ انجو سمنڊ ۾ نئين غرق ٿيو،
سو ڏسي هي حال دانهن ۾ پيو.

پاڻ کي ان سمنڊ اونهي ۾ وڌو،
تان وٺي گهوڙي سندي نئين واڳ سو.

مگر ان جو اسپ انڪان دور ويو،
سوار غوطا کائي سَوَ پٽني وريو.

جڏهِن موجان موج ۾ هي شخص پيو،
تيز پانهون هي سمنڊ ۾ مارڻ لڳو.

سو جڏهن غوطا کائي پَرتي پڳو،
جيل اندر پت هڪ ويڪڻ لڳو.

ڪوٽ وانگر سخت سا ديوار هئي،
بي سبب اوها لنگهڻ دشوار هئي.

نيت هو در ڪان لنگهي ديوار ويو،
جسم تيس فاني خوديءَ ڪان ذار ٿيو.

جسم ان جو آب ٿيو سارو روان،
موج موجن تي لڳي ٿي اندران.

وقت اتهين ڳچ مالا مال هو،
خلق پيتو آب تي زلال جو.

جسم ان جو منجهه گدازيءَ ۾ پيو،
مؤن گدازيءَ سرفرازيءَ ۾ ويو.

تيو جڏهن ديوار مان پاڻي روان،
جسم پيو پيدا ٿيو پوءِ اندران.

نام سلطان عارفين ان جو ٿيو،
عاشقن جو شاهه تي هر ڪنهن چيو.

Gul Hayat Institute

اي ٻچا هن سر کان آگاهه تي،
انهيءَ لئي تان عبد مؤن الله تي.

فڪر ڪر تون وٽ انهيءَ احوال ڪي،
تان ڇڏين تون غير قيل ۽ قال ڪي.

پاڻ ڪي لهه اندران تان ڪير آن،
ڪير آن ۽ آهين ڇا ۽ ڪير آن.

هن وجودي ويس ڪي تون دور ڪر،
پاڻ ڪي هيڪر مثل منصور ڪر.

عاشقن جو شه شاهه منصور آ،
قدر ڄاڻن ان سندو عارفَ پيا.

عشق ۾ سوريءَ چڙهائي پاڻ ڪي،
عاشقن جي سات ۾ ڪيو سر مٿي.

لوڪ ۾ ڪيائين ننگي شمشير عشق،
هر دو عالم ۾ ڪيائين سير عشق.

شبلي رحه ۽ جنيد رحه ات حاضر هيا،
حال ان جو سڀ ڏسي حيران ٿيا.

شير هو گجگوڙ ڪندڙ هي اُتي،
شاهه هو هي ٻيا سپاهي اُتي.

سر ڏنو ان عاشقي رستي اندر،
جسم جان کان ڪيو انهيءَ عاشق گذر.

پاڪ ٿيو خاڪي جسم جان کان پاڪ ٿيو،
سر ان جو مثل اوج افلاڪ ٿيو.

خود سڃاڻي خود سڃاڻج خود سڃاڻ،
دور ڪر عبدي وڃي کان پنهنجو پاڻ.

Gul Hayat Institute

ڪير هان مان ڪير هان ڪير هان،
ها انهيءَ حيرت اندر ڇا پير هان.

پير هيستان ذر عضوا هي ڪل،
نيستيءَ ڪان پڻ متي تون هوت هل.

خيال پنهنجو پاڪ ذر ديدن اندر،
سا سڄاڻي ديد نا ڪجهه غير ذر.

ڪر اکيون اڳتؤن جسم ڪر تون پتيان،
پڻ وسارو ڪر جسم پنهنجي ڪنان.

نور انجي ۾ اکين جو نور ڳڌ،
خيال ڪي ان ۾ ڪٺي ڀرپور ڇڏ.

تي زمين ۽ آسمان ان ۾ محو،
پڻ ٿئي سالڪ نشي ان ۾ محو.

نا هئڻ جو پَٽُ تي ويران هي،
اڃي انهيءَ نا هئڻ مان منجهه هئڻ جي.

ڪير هان مان ڪير هان مان ڪير هان،
ها انهيءَ حيرت اندر ڇا پير هان.

Gul Hayat Institute

آب ڪاغذ تين ڪتا ٻيئي ڪتي،
هي ڳري قادر ٿئي هو اُن متي.

هي اڃل ڪاغذ ڪٺي درياهه ۾،
جو تيو ٻوجهو بدن ۽ ساهه ۾.

جسم ڪاغذ آهي پاڻي ذات حق،
پير عبدالحق رحه ڏنو ايهو سبق.

خاص تين تان جان تن ڪر تون ڳداز،
عام جي راهه خدا روزو نماز.

جسم ڳارڻ ريءَ نہ تيندءِ حاصلي،
جي ڳرين هن راهہ ۾ تيءُ واصلي.

اي ادا هن راهہ ۾ پئہ تون ڳري،
زير بالائن ڪنان وڃ تون چڙهي.

ڪير هان مان ڪير هان مان ڪير هان ،
هان انهيءَ حيريت اندر چا پير هان.

جسم تنهنجو مثل فانوس آپسر،
جان تنهنجي شمع نور آ سر بسر.

۽ انهيءَ ۾ اوهو اتئي ڏيئو نهان،
ڪر تڪر فانوس ڪي تون اي جوان.

تان تئي ظاهر شمع افروز جان،
ڪر پري پردي جيان تَن تون وچان.

سمجهہ رک هن رمز کان آگاهہ تي،
۽ گدا مان تون منجهہ تصور شاهہ تي.

”عبده“ جي آهي آڪيو شاه انهيءَ،
عام کي هيءَ راهہ بتائي آ انهيءَ.

جي چوي شاه پاڻ کي آهيان بندو
مان انهيءَ شاه کي مگر هان چاڻندو.

بين کي پانهي چوڻ جي چا مَجال،
شاهہ اعظم آهي با درجي ڪمال.

عارفن جا توانا احمد ڪٽن،
بڌي خدمت ۾ ڪمر شهہ جي سَوَن.

ڪير هان مان ڪير هان مان ڪير هان ،
هان انهيءَ حيرت اندر چا پير هان.

Gul Hayat Institute

هـجـي آنـي ۾ پـکـيءَ جـو ٻـچـو،
کـٽ اُڏامـي هـوا ۾ سـگـهـنـدو اُهـو.

بـعـد مـدت جـي جـڏهـن آنـو ڀـڃـي،
کـنـپ کـيـڙي تـو پـکـي اڏرڻ لڳـي.

تـو اُڏامـي پـيـو مـتـي اوهـو پـکـي،
قـيـد ڦـاهـيءَ کـان لـهـي آزادگـي.

پـوءِ پـکـي اخـتـيـار وارو ٿـي اوهـو،
هـر ولايـت هـر طـرف اڏري اوهـو.

چـو تـہ آنـي ۾ تـئـي اڏرڻ کـتـي؟
سوز جـون ٻـولـيـون سـوبـن ٻـولـڻ کـتـي؟

اي ٻـچـا! هـي جسـم آنـي جـان ڀـڃـيـن،
تـان اُڏامـي طـرف حـق جـي تـون وڃـيـن.

کـر يـقـيـن آهـيـن پـکـي آنـو نـہ آن،
تـون سـڄـاڻـج پـاڻ کـي تـان کـيـر هـان.

آهـيـن نـادانـيءَ کـنـان آنـو تـيـو،
جـي تـئـيـن دانـا پـکـي آهـيـن اوهـو.

تـون پـکـي آهـيـن وڏي دريـاهـہ جـو،
آهـيـن قـيـد تـون کـتـي هـن جـاءِ جـو.

تـون اُڏامـي وڃ انـهـيءَ دريـاهـہ ڏي،
جـڳ انـدر نـعـرو تـڏهـن تـنـهـنـجـو لڳـي.

چـو وسـاري پـنـهـنـجـي بـلـنـدي اٿـي،
چـو پـسـنـد هـيءَ کـار نـاخـوش کـئـي اٿـي.

کـيـر هـان مـان کـيـر هـان مـان کـيـر هـان،
هـان انـهـيءَ حـيـرت انـدر چـا پـيـر هـان.

Gul Hayat Institute

شهر هڪڙي ڪي هماليہ چيو اٿن،
وچڻ اتھين تان محالہ چيو اٿن.

برف تي بلڪل گھٽي پئي پئي اُتي،
وچڻ جي پيٽي نہ آ ڪنهن جي اُتي.

جو ٿئي طالب وڃي اوهو اتي،
جي وڃي هستيءَ ڪنان اوهو ڇٽي.

پيچ توڙي پيچ پنهنجي ڪان ڇڏي،
عشق پنهنجو آئينو ان جو ڪري.

دل انهيءَ جي دنيا دين ڪان سرد ٿي،
هر دو عالم ڪان تونگر فرد ٿي.

چُست گھوڙو تا ڏين ان ڪي اتي،
سوار تي طالب انهيءَ گھوڙي متي.

ران هيتان اسپ طالب ڪيو اُتي،
بي گمان انوقت ويو منجھہ برف جي.

جڏهن بي حد برف ۾ اوهو رسيو،
برف ريءَ بيو ڪجھہ نہ ان اتھين پسيو.

Gul Hayat Institute

چُست گھوڙو سوار سان اتھين ڳريو،
جسم جان ڳاري صنم سان ساز ڪيو.

شاھ تنهنجي لطف ۾ ڪونهي عجب،
جو مهابي دوستن جي بي سبب.

عاشقن جي ملڪ ۾ داخل ڪرين،
ڪلافاتن ڪان ڪدي باهر ڪرين.

اي بچا ڏاڍي ڏکي تي راھہ هيءَ،
جسم جان ڳاري وڃي سِر پير ريءَ.

جسم کي ڳارڻ اُتي آهي وچڻ
ڳرڻ سان آسر جانب جو لهڻ.

ڪير هان مان ڪير هان مان ڪير هان،
هان انهيءَ حيرت اندر چا پير هان.

سپيءَ ۾ آدُر يگاني جاءِ ڪئي،
اُت انهيءَ گوهر اچي هو هاءِ ڪئي.

سا سپي توڙي لهج موتي شتاب،
جي گهرين وڻجار تو تيڻ ڪامياب.

آهي گوهر لئي سپي اوها حجاب،
دور ڪر پردي انهيءَ کي تون شتاب.

بي بها گوهر اتي ان جي اندر،
جي لهين تين شاهه تون جڳ جي اندر.

سا سپي هي جسم آهي اي پسر،
توڙ سا يڪبارگي تيءُ بهرور.

بنان توڙڻ سپيءَ جي گوهر ڪتي،
آهين پيو پردي اندر من ماءُ جي.

جسم فانيءَ کان ٻاهر تي ڪڍ متو،
تان بقا ماڻي جسم کي ڪر ڦتو.

جسم سان ڪاتي خدا حاصل ٿئي،
بي جسم تيءُ تان وصل واصل ٿئي.

ترڪ ڪر هي جسم منجهه راهه خدا،
تان ٿئين تون شاهه منجهه هر دوسرا.

جسم سان جا ڪار آ، سا ڪار ناهه،
ڪتي تي عاشق جو سوريءَ سوار ناهه.

Gul Hayat Institute

ڪير هان مان ڪير هان مان ڪير هان،
هان انهيءَ حيرت اندر چا پير هان.

هي گهڙو خاڪي پريل تي ساڻ آب،
پوڻ پاڻيءَ سان نہ تي اوهو خراب.

ناهہ تون ايهو گهڙو، آن آب تون،
هي گهڙو ٿوڙي مٿو ڪڍي دوئيءَ ڪون.

تَنُ گهڙو پاڻي منجهس آ پاڪ ذات،
ذات ڪي گم ڪيو اتي اندر صفات.

اي ٻچا! تو پاڻ ڪي ڪيو آ گهڙو
چو ڪٽي آندو اتي وچ ۾ گهڙو.

ڪين تون آهين گهڙو تون آهين آب،
ڪين آن تون ابر آهين آفتاب.

اول اتهون آب تو جاري ٿئي،
پوءِ وچ ۾ تو ڳڙو بڻجي پئي.

واءُ اهڙو ڪو لڳي وچ تي ويو،
جو ڳڙو پاڻيءَ منجهان بڻجي پيو.

مگر اول آب آخر آب هو،
گهڙي هڪڙي ٻي شڪل ۾ تيو اوهو.

اي ٻچا! هن جسم ڪي ڳاريوءِ جڏهن،
ذات اطهر ڏي وئين ٻوڙي تڏهن.

سد سڪندر جسم آ تنهنجو ميان
جي پچين سلطان تين تون انهي مان.

ڪير هان مان ڪير هان مان ڪير هان،
هان انهيءَ حيرت اندر چا پير هان.

Gul Hayat Institute

جڏهن جاميءَ نئين ڏنو احرار کي،
بند ڪيائين پوءِ ڪل گفتار کي.

اڳ پئي جوڙئين مسئلن جا ڪتاب،
پوءِ ڇڏئين ڇوڙي اوهي ڪل ڪتاب.

سمنڊ ۾ اڇلين ڪتابن جا ورق،
جُلد ڪيئي سمنڊ ۾ ڪياءِ غرق.

شيخ هن سر ڪان جڏهن واقف ٿيو،
لذتن مڙني ڪنان موڙئين متو.

راز رمزن ڪان جڏهن واقف ٿيو،
شه عبيدالله رحہ جو طالب ٿيو.

ڇاڻ ويسه سان سراپا آ اوهو،
پڻ سڄي، ڪاٻي، مٽي، هيٺ آ اوهو.

ڪير هان مان ڪير هان مان ڪير هان،
هان انهيءَ حيرت اندر ڇا پير هان.

تو ارادي سان جڏهن ڪوهہ ڪوٽجي،
اڻ ڏنو پاڻي تڏهن تو ويڪجي.

مٽي ٻاهر ڪيڻ گهرجي اي پسر،
تان گهڙيءَ ڪانپوءِ اچي پاڻي نظر.

غيب تي ويساهہ آڻ آ ايهو،
جو زمين مان آب ڪڍجي ٻاهر تو.

ڪڻ ايهو پردو مٽيءَ جو ڏس خدا،
سو خدا آهي لڪل اندر ردا.

ڪر نڪر چادر اِيها ٿيءُ بي حجاب،
ڇو تہ آهي اَبر اندر آفتاب.

Gul Hayat Institute

ڪر گذر خود ڪان حاصُل تئي،
پاڻ ڪان جيڪو وجي و اصل تئي.

ڪر گذر شهوت هوا ۽ حرص کون،
تان بلا ۾ بوالهوس ڦاسين نه تون.

نانگ شهوت مار منديءَ ۾ تون اول،
تان نه تين اندر بلا جي تون وتل.

منهن ڪري ڪافور جذهن واءُ ڏي،
واءُ تي ۽ جسم ڪافوري چڏي.

پڪ وجودي واءُ سان ڪر اي پسر،
راز جي رمزن ڪنان تين با خبر.

ذات تي اوهو لنگهي جيڪو صفات،
تيو اوهو بي جسم اندر ڪائنات.

مان نه ڪيان تفصيل انجو ۽ بيان،
جو ڪري مشڪل بيان انجو زبان.

راهه سئين تي چاڻ هيءَ توڙي نه چاڻ،
ڪر انهيءَ رستي ڪنان آگاهه پاڻ.

ڪير هان مان ڪير هان مان ڪير هان،
هان انهيءَ حيرت اندر چا پير هان.

سال ڳچ هُيڙس مسلمان ديندار،
تي ڪيم تسبيح جا داڻان شمار.

منجهه وظيفي درد جي شاغل هيس،
طرف مسجد رات ڏينهن مائل هيس.

ڏينهن ڳچ تي زهد رياضت مون ڪئي،
ڪيفيت معلوم سورن جي نه هئي.

Gul Hayat Institute

سال ڪيئي منجهه عبادت جي هيس،
ساڻ طاعت منجهه تفاوت جي هيس.

ذڪر الا الله گهڻو مون تي ڪيو،
سڀ ڪهين تي آفرين مونکي ڪيو.

پوءِ ويس مان پير عبدالحق رحہ ڏي،
تان چڏي نيڪي بدي مان ڪُل تُڏي.

بحر وحدت ۾ ڏئي غوطا تهين،
درد جي موڙي رکي دل ۾ اتهين.

عشق افزون فقر سان امداد ڪيو،
مون سندو ويران گهر آباد ڪيو.

دينداريءَ کي وسارائي چڏيو،
مذهبن کان تنهن مونکي ٻاهر ڪڍيو.

سا مسلماني ڪتي ۽ مان ڪتي،
حسن تيو محبوب جو هر جاءِ تي.

چوتڪارو جسم پنهنجي کان لڌم،
دين ايمان ۽ ڪفر کان سر ڪڍيم.

عشق اندر ڪُن جي آڻي وڌو،
ٻين خيالن کان سنڀالي من وتو.

جسم خاڪي انهيءَ اهڙو گم ڪيو،
جو اُتي نا دل رهي نا دم رهيو.

تو گهڻيون موجان اوهو دريا رکي،
تن منجهان هڪڙي اچي هر ڪنهن مٿي.

موج بعضي خون پور خوني ٿئي،
ڪونہ ٿو ان موج ۾ سيڪو پئي.

Gul Hayat Institute

آب ان جو خون کان پي تيز تيو،
خون ۾ سرخيءَ ۾ اچي آميز ڪيو.

پير مون کي انهيءَ ساگر ۾ وڌو،
جت اميد ۽ خوف نيڪ ۽ بد نہ ڪو.

جسم خاڪي گم توجہ سان ٿيو،
ٿيو اوهو جيڪي هيو سوئي ٿيو.

حال گردش مون سندو ڄاڻي نہ ڪو،
پير عبدالحق رحہ هادي راهہ جو.

پير هيتان آڻ تون مٽ خاڪ کي،
تان رسين هيڪڙو وڃي حق پاڪ کي.

خاڪ جي مٽ کي اول ڪر دور تون،
جو اتي پردو وڏو هي "مان ۽ مون".

تا ٿين هي ٻئي انهيءَ ڪانپوءِ هڪ،
ڪونہ آڇ تون انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ.

روشني سورج ٻئي آهين هڪ،
ڏسڻ ۾ آهي اوهو ملڪان ملڪ.

Gul Hayat Institute

هئڻ کي نہ هئڻ ڪيو تي اي پسر،
نا هئڻ کي هئڻ ۾ آڻين مگر.

نا هئڻ کي محو ڪر اچ هئڻ ۾،
تي سڄو نابود تون هن هئڻ ۾.

نا هئڻ کان پوءِ ڪڍ سر هئڻ مان،
چک لذت هڪ دفعو مَنڌ پيڻ مان.

مهرباني پير جي مون ڪئي بيان،
ڪيا توجه ان سوين مون تي عيان.

پير منهنجي جو نہ مٽ ڪو منجهہ جهان،
هن مڪان کون ٿو نِئين جو لامڪان.

ڪير هان مان ڪير هان مان ڪير هان،
هان انهيءَ حيرت اندر ڇا پير هان.

هي جسم آ خاڪ جو خيمو پسر،
ڪر ٽڪر خيمو ايهو تون سربسر.

آهي خيمي جي اندر سو شاهہ پاڪ،
تون ڏسين اوهو لنگهين جي مشت خاڪ.

ڪونہ آ اندر ٻيو تون آهين پاڻ،
ڇاڻ ويسہ ساڻ ڏس تون پاڻُ پاڻَ.

ڪڏهن ٿو آسمان تي گهمندو وتين،
ڪڏهن ٿو ميدان تي ٻڪندو وتين.

ڪڏهن پينو ڪڏهن شهنشاهہ وزير،
ڪڏهن ٿين دربان ڪڏهين ٿين امير.

آهي جو ڪجهہ تون ئي آهين ٻيو نہ آهہ،
تو بنان وچ ۾ ٻيو ڇئہ ڪير آهہ.

Gul Hayat Institute

خيال منهنجي جي پکيءَ پرواز ڪيو،
لامڪان اندر ڪٽي مونکي ويو.

سمند ٿو ات موج موجن تي هٽي،
انهن موجن منجهہ سالڪ کي هٽي.

موج هيٺين ٿي مٿي تاءِ لڳي،
۽ مٿين تي موج ترتاءِ لڳي.

نام ان درياهہ جو آ نار نور،
تو ڪري واڪا انهيءَ کون ٿيءُ دور.

جو لنگھي اتھون اوھو بي خود ٿئي،
يا سڙي يا فنا ٿي سر ڏئي.

ڪڏھن نئي تر ۾ ڪڏھن آٽي متي،
ڪڏھن سرگردان ڪري ڪُن ۾ ستي.

سو مھا ساگر رکي نا انتھا،
ناھ ان کي ابتدا نا انتھا.

سو مھا ساگر نہ ڪائي پر رکي،
موج حائل سو يڪايڪ ٿو رکي.

خيال ھي ان موج ۾ نئين موج ٿيو،
جمگي ھڪ موج تيزي ناھ پيو.

موج آھي تان اوھائي جا بجا،
ھر طرف پاٽي روان ٿيو جا بجا.

آھي ڦيرو ھيئن منھنجي خيال جو،
ٿي عيان نا بيان ھن احوال جو.

ھيئن گردش حال منھنجي جو بيان،
نيت ٿي اندر زماني جي عيان.

ناھ جاري سمنڊ ذاران ڪو پيو،
موج ٿو سو موج ٿي ماري پيو.

مان انھن موجن اندر موج ھان،
موج ٿيو ھان مان مگر سرگشت ھان.

موج آھي مون سنديئي جا بجا،
مان ئي جاري آب آھيان جا بجا.

لذت آگاھيءَ سندي ات ٿي ٿئي،
جسم جان جي جاءِ جاتي نہ رھي.

Gul Hayat Institute

لذت ڪنهن کي آهي آگاهيءَ سندي،
جاءِ نا اُت آ چرا ۽ چون سندي.

مان انهيءَ حيرت اندر حيران هان،
لامڪاني مرغ جان پروان هان.

مان گهڻو حيرت انهيءَ ۾ هان پيو،
گرچه پيڇري ڪان ڇٽي آهيان ويو.

مان ڏنا بي حد اشارا هن ايهي،
تان به سمجهي ڪونه ٿو رمزون ايهي.

پير مون کي رهنمائي آهي ڪئي،
دل سين خيالن ڪنان ٻاهر ڪئي.

شهر منهنجي پير جو آشهه دراز،
پير عبدالحق رحه هادي سرفراز.

جيڪڏهن هيڪر ڏٺو ان کي ڪهين،
پاڻ کي پاٽون ڪڍيو آهي تهين.

ٿيو خدائي ٻانهڙو ٻانهن منجهان،
خاڪ ان جاءِ جي سرمون وجهان.

مان ٻهاريدار هان درگاهه جو،
ڪمترين آهيان بندو تنهن شاهه جو.

ڪيتري پي ثنا هاديءَ جي ڪيان،
ڪين ٿي پوري ڪڏهن اندر بيان.

سمنڊ سياهي ۽ ڪيان وڻ جي قلم،
ته به نه شهه جي ثنا ۾ مارين دم.

مان گداز نامه کي ڪيڙو تمام،
تو ختم نامون سندم هي والسلام.

Gul Hayat Institute

هـت اچـي مـنـهـنـجـي قـلـم جـو سـريـڳـو،
جـو هـيـس لـکـڻـو لـکـيـائـيـن سـو رڳـو.

ڪـير هان مان ڪـيـر هـان مـان ڪـيـر هـان،
هـان انـهـيءَ حـيـرت انـدر چـا پـيـر هـان.

تاريخ 22 محرم 1333هه مطابق تاريخ 11 ڊسمبر 1914ع ۾ گدازنامه ترجمه ٿيو.
مترجم هادي بخش فقير سگ دربان شاهه درازا شريف.

Gul Hayat Institute

سچل جي بيتن جو تحقيقي جائزو

گذريل سال هن ئي موقعي تي سچل جي ڪافين جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو پيش ڪيو هيم. هينئر بيتن بنسبت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻو اٿم.

سچي سائينءَ جو پهريون رسالو مرزا علي قلي بيگ مرتب ڪري ڇپايو، جيڪو ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ 1340 ڪافيون آهن، جيڪي سنڌي ، سرائڪي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ آهن.

ٻيو ڀاڱو مصطفائي پريس لاهور مان 1903ع ۾ ڇپيو. هن ۾ سچل جون ڏهه سي حرفيون، ڏوهيڙا پنجابي مرغ نامو، وحدت نامو، سسئي، مارئي، مومل، نوري ڄام تماچي، روجهن، پورب، حقيقت ۽ جهولڻو بابت ڏنل آهن. هي ڀاڱو 14 صفحن تي مشتمل آهي. مگر هن رسالي مان ڪيترائي سر مورڳوئي غائب آهن، جيئن سارنگ، مومل راڻو، سورٺ، جوڳ ۽ هير رانجهو وغيره.

هن رسالي ۾ جيڪي پنجابي ڏوهيڙا ڏنل آهن اهي پنجابي ڏوهيڙا هرگز نه آهن پر اهي سرائڪي بيت آهن، انهن سرائڪي بيتن مان به ڪيترائي بيت گم آهن. جيئن :

1- عشق لڳا گهر وسر ڳيوسي مطلب سڀ ٿيوسي،
حاصل آ ٿيوسي سارا، جو ڪجهه آپ منگيوسي،
سود زيان ڪنون ميان سچل، هڻ تان ڇٽ پيوسي. (1)

---

1. مولوي محمد صادق: سچل جو سرائڪي ڪلام ، سنڌي ادبي بورڊ 1959ع ص 25.

2- نا مئن ڪيتا ڪڙڪا تسبيح نا مئن زهد عبادت،
نا مئن مسجد مندر وڙيا نا مئن تقوا طاعت،
سچل دا ٿيا بخت سوايا جو ڪيتي عشق امانت.[1]

ڪيترن بيتن مان ڪي ناياب سٿون غائب آهن. جيئن:

ڇوڙڪي مسجد پڪڙ ڪنارا ڪر توبهہ ترڪ ثوابون،
پاڪ جايان سپ ڳول رهيس هڻ لذم دوست خرابون،
ڏوهين جهان وسر ڳيوسي پيئڻ نال شرابون،
سچل حق حاصل نہ ٿيوي، ويکڻ نال ڪتابون.

هن رسالي ۾ متين ست ڪانہ آهي ڇوڙڪي مسجد (الخ)

بهرحال هن رسالي ۾ جيڪي سر ڏنل آهن انهن مان ڪيترا بيت ڪٽل آهن تہ ڪئين بيت اڻ پورا. جن سڀني جو وچور هن مختصر جائزي ۾ پيش ڪري نٿو سگهجي.

ان ڪانپوءِ ماستر در محمد ۽ ٻين دوستن، داستان وڏو رسالو سچل سائينءَ جو مرتب ڪيو. پوڪر داس، ٽانور داس تاجر ڪتب آريہ اسٽيم پريس لاهور مان 1910ع ۾ ڇپيو.

هي رسالو 304 صفحن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ 727 سنڌي. سرائڪي ۽ اردو ڪافيون ۽ 5 سي حرفيون ڏنل آهن.

هن رسالي جو بنيادي ماخذ مرزا علي قلي بيگ وارو رسالو آهي مگر هن ۾ بہ سي حرفيون جيڪي سنڌيءَ ۾ آهن، اهي سچل جي ڪنهن بہ ڇپيل رسالي ۾ موجود ڪين آهن:

1- الف آءُ پيارا، جاني جيءَ جيارا، صاحب سردارا
محب موچارا، ڏانهہ ڪنهن دستور، پون پلپل پور[2]

1- آغا صوفي : سچل سرمست، پوراڻي رام اليڪٽرڪ پريس شڪارپور 1933ع.
مولوي محمد صادق: سچل جو سرائڪي ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ 1959ع ص 121.

2 . ميان در محمد ۽ ٻيا شڪارپور: پوڪرداس ٽانور داس تاجر ڪتب آريہ اسٽيم پريس لاهور 1910ع ص 177.

Gul Hayat Institute

2- الف آءُ جاني، ڪر احساني، محب مهرباني
گهوريان مڏيون ۾ مال، ساجن لهه ڪا سنڀال،
جانب جيئين شال،منهنجي ناهه مجال، ورنهه ڏي وصال [1]

ان ڪانپوءِ "سچل سرمست" آغا غلام نبي صوفيءَ مرتب ڪيو ۽ رام ويرومل ڀورائي رام اليڪٽرڪ پرنٽنگ ورڪس شڪارپور مان 1933ع ۾ ڇپيو.

آغا صاحب 230 صفحن تي حيات سرمست لکي آهي، جنهن ۾ سچل جي سوانح تي عالماڻي انداز ۾ روشني وڌي آهي. هن رسالي ۾ 889 بيت آهن. ڳاڻيٽي جي لحاظ کان هي رسالو سڀني رسالن کان سوايو آهي مگر هن رسالي ۾ سچل جي سرائڪي بيتن کي پڻ سنڌيءَ ۾ منظوم ڪري پيش ڪيو ويو آهي. جنهن ڪري بيتن مان اصليت ۽ شعريت ختم ٿي وئي آهي.

جيئن:

عشق جني سان غمزو لاتو علم نہ سي پيو پڙهندا،
منجهہ ڪفر اسلام مذاهب عاشق مور نہ اڙندا،
ماري نعرو حق جو سچا، سوليءَ سر ڏرندا [2]

حقيقت ۾ اهو بيت سرائڪي ۾ هن طرح آهي:

عشق جنهان ڪون غمزه لايا، اهي اور ڪتاب نہ پڙهسن،
وچ ڪفر اسلام مذاهب عاشق ڪڏان نہ اڙسن،
مار نغارا حق دا سچل، سوليءَ سر آ چڙهسن. [3]

---

1 . ميان در محمد ۽ ٻيا شڪارپور: پوڪرداس ٽانور داس تاجر ڪتب آريہ استيم پريس لاهور 1910ع ص 180.

2 . آغا صوفي: سچل سرمست، رام اليڪٽرڪ ورڪس شڪارپور 1933ع ص 24.

3 . مولوي محمد صادق: "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1959ع، ص -222.

رسالو ميان سچل فقير جو ٻاگو ٻيو - مرزا علي قلي بيگ مصطفائي پريس لاهور 1903ع، ص 66.

يا هن بيت تي غور ڪيو.

چا جو ڪعبو چا جو قبلو هي يي سڀ بهانا،
ناقص نيت ڪعبي واري مرد گهمن مئخانا،
سچل ستگر ائين آکيو حق لهن مستانا. (1)

مگر اصل بيت هن طرح آهي:

ڪيهي ڪعبي ڪيهي قبلي اي تان سڀ بهاني،
ميوين ڪيوين نيت ڪعبي دي ڪران پير مئڏا مئخاني،
سچل آپ سائيان فرمائيا، "تيوو حق مستاني" (42)

هن رسالي ۾ پڻ سچل جا ڪيترائي مشهور ۽ مقبول بيت ڪونہ آهن، جيئن:

1- مسجد دي وچ ڪاڻ تڪر دي ڏيندي بانگ صلاتان،
منهن چي، ڏاڙهي ڏنگي، خام پڙهن خلواتان،
عام ليڪي روزي رکدي، هن ڪاوڻ ديان آفاتان،
سچل راهہ نہ اها سچ دي، برهہ واليان ٻيان باتان. (3)

2- ڪي جو لکيائين، سو ملان وچي واچيو،
هڪ ست پڙهيائين، ٻي ست سڏڪن ۾ پيو (4)

3- پرزو پڙهڻ آيو اتي، ملان مسيت منجهائ،
سورن سندو سائ، آيس سڀ ڪنهن ست مؤن. (5)

4- هڪ ست پڙهيائين، تنهن ٻي واچڻ نہ تئي
ائين اقائين، تہ هيءَ ڄر ڄري نہ جهليان (6)

ايڏي محنت ۽ محبت جي باوجود بہ هيءُ رسالو آغا مرحوم ڪان

1 . آغا صوفي: سچل سرمست رحہ اليڪٽرڪ ورڪس شڪارپور 1933ع، ص 29.
2 . مرزا علي قلي بيگ، سچل جو رسالو ڀاڱو ٻيو، مصطفائي پريس لاهور 1903ع 73.
3 . مرزا علي قلي بيگ، سچل جو رسالو، ڀاڱو ٻيو، مصطفائي پريس لاهور، 1903ع ص 71.
4 . ايضاً ص 77. 5 . ايضاً ص 77. 6 . ايضاً ص 77.

مڪمل تي نہ سگهيو آهي.

سچل سائينءَ جي هڪ ٻئي عاشق صادق رکي ٻائي عرف نماڻو فقير سچل جوڪلام عرف عاشقي الهام، سنڌ پرنٽنگ پريس ٻڙودا پارت مان 1952ع ۾ ڇپايو.

هن من موهيندڙ ڪتاب ۾ سچل جون 700 سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون، 5 سي حرفيون، 131 سنڌي بيت ۽ 53 پنجابي (سرائڪي) بيت ڏنل آهن.

هي رسالو پنهنجي مرشد سان بي پناهہ عقيدت جو هڪ لافاني مثال آهي.

هن رسالي جون ڪافيون مرزا علي قلي بيگ واري رسالي تان چونڊ ڪيون ويون آهن، البت ڪي ڪافيون اهڙيون بہ اٿس جيڪي سچل جي ڪنهن بہ ڇپيل رسالي ۾ موجود ڪين آهن. 131 سنڌي بيتن مان 21 بيت ميان صاحبڏني (سچل جي ڏاڏي جا) آهن ۽ ٻہ بيت شاهہ لطيف جا، جيئن:

1 - ملا مربئي ماءُ، پتو ڦسيئي پيٽ ۾،
سڄاڻي الله، منهن هڻي تو ڏوڙ ۾.

2 - ڦريا پسي ڦيڻ ، ڪرين ڪير نہ چڪيو،
دنيا ڪارڻ دين وڃائي ولها ٿيا.

وحدت نامي جي سري سان جيڪو ڪبت جي هيئت ۾ سچل سائينءَ جو بيت آهي، ان ڪبت ڪي ننڍن ننڍن بيتن جي هيئت ڏئي ڏهہ بيت ان مان ڏنا ويا آهن.

باقي بيتن تي بہ ويچار ڪرڻ سان پليءَ پٽ ڄاڻ پوي ٿي تہ 34 بيت اهڙا آهن، جيڪي اصل ۾ سرائڪيءَ ۾ آهن ۽ نہ سنڌيءَ جا ۽ عجب جهڙي ڳالهہ تہ ساڳئي رسالي ۾ اهي ساڳيا بيت پنجابي (سرائڪي) بيتن واري ڀاڱي ۾ بہ موجود آهن.

Gul Hayat Institute

بزرگ شيخ مشائخ يارو نا مخدوم ٿياسي.
نہ ڪي قاضي نڪي ملا نہ معلم پير بڻياسي.
نہ ڪي ٿاهہ نڳيءَ جا ٿاهي رنگ رساءَ رکياسي،
سچل ٻاجهون عشق الله جي، ڪوئي هنر نہ سکياسي.[(1)]

وري اهو ساڳيو بيت پنجابي ڏوهيڙن ۾ پڻ هن ريت آهي:

بزرگ شيخ مشائخ يارو نا مخدوم ٿياسي،
نا قاضي نا معلم ملا، نا ڪوئي پير بڻياسي،
بازي جوڙ نہ عالم ڪيتي رنگ رساءُ رکيوسي،
سچو درد عشق دي ٻاجهون، نا ڪوئي هنر سکيوسي.[(2)]

بهرحال هن رسالي جي سنڌي توڙي سرائڪي ڀاڱي ۾ ساڳيا بيت آهن، تنهن هوندي بہ هي رسالو عقيدت جو املهہ تحفو آهي. سنڌ جي مشهور شاعر رشيد احمد لاشاريءَ سچل جو رسالو مرتب ڪيو، جيڪو آر- ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد اسٽينڊرڊ پريس مان 1958ع ۾ ڇپايو. هن رسالي کي ڪنهن ضرورت تحت ڇپايو ويو هو. تنهن ڪري تحقيقي ڪم ناليءَ ماتر بہ نظر نہ ٿو اچي. هن رسالي ۾ 308 صفحن تي سنڌي ڪلام ۽ 108 صفحن تي سرائڪي ڪلام ڏنو ويو آهي. هن رسالي جو بنيادي ماخذ مرزا علي قلي بيگ وارو رسالو آهي، جنهن مان اهو ڪلام ڏنو ويو آهي، حالانڪ مرتب کان ڪيترو ئي بهترين، مشهور ۽ مقبول مواد رهجي ويو آهي. جيئن:

1 - ڪلمي مون کي ڪين ڪيو مورئون مسلمان،
نڪي احمد موڪليو عرب کان ايمان،
سچل سر سبحان، عالم ليکي آدمي.[(3)]

---

1. نماڻو فقير: سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام بڙودا 1952ع ص- 427.
2. ايضاً ص- 454.
3. آغا صوفي: سچل سرمست، رام اليڪٽرڪ ورڪس، شڪارپور ص- 3.

2 - ماڻ ڪيان تہ مشرڪ ٿيان، ڪچان تان ڪافر،
انهيءَ وائيءَ ور، ڪو سمجهي سچيڏنو چوي. [1]

سرائڪي بيت تہ هن رسالي ۾ مورڳو ڏنا ئي ڪونہ ويا آهن.

ان ڪانپوءِ ساڳي سال ۾ رسالو سچل سرمست (سنڌي) عثمان علي انصاريءَ مرتب ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ. سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد مان 1958ع ۾ ڇپايو.

انصاري صاحب سچل جو ڪافين تي مشتمل جيڪو مواد ڏنو آهي ايترو ۽ اجا بہ زياده مواد ڪانئس رهجي ويل ٿو ڀانئجي ۽ خاص ڪري سچل جا اهي رندانہ ۽ سرمستان ٻول جيڪي فقير وجدائي ڪيفيت ۾ ڳائيندا آهن، اهو ڪلام هن رسالي ۾ شامل ڪيو ڪونہ ويو آهي. بيتن سان پڻ ساڳي ويڌن اختيار ڪئي وئي آهي. اوهان ڪي سچل جا هي مشهور بيت هن رسالي ۾ هرگز نہ لهندا:

1. مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
شيخيءَ پيريءَ بزرگيءَ بيحد ڀلايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏا ڪين آيا عقل وارا عشق کي.

2. محبت جي مهراڻ مان، جي ملان! چاش چکين
تہ ڪنز قدوري قافيہ پڙهين ڪين لکين،
رحل سڀ رکين، ملان! مسجد ڪنڊ ۾.

3. وقت اهو ٿي ويل، دوئيءَ دور ڪرڻ جو،
ڪڍ مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿئي اويل، اولهہ سج نہ الهي.

مطلب تہ هن رسالي جي پڙهڻ سان پتو پوي ٿو تہ هن ڪتاب ۾

1. آغا صوفي: سچل سرمست، رام اليڪٽرڪ ورڪس، شڪارپور ص-4.

ڪيتروئي بهترين مواد عدم موجود آهي. انهيءَ رسالي ڪانپوءِ مولانا محمد صادق راڻيپوري سچل جو سرائڪي ڪلام سهيڙيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ 1959ع ۾ ڇپايو. هن رسالي کي معياري ۽ مڪمل بنائڻ کان مولانا صاحب وسان ڪين گهٽايو آهي، تنهن هوندي به ڪيس ڪيتروئي ڪلام هٿ اچي نه سگهيو آهي.

جيئن:

1. ايمان سلامت هر ڪوئي منگي مئن عشق سلامت منگي،
منگن ايمان لڄاون عشق نون دل حيرت وچ ونگي،
سچل عشق واليان دا نوڪر ڪيا جو شرابي پنگي.

2. عشق ديان باتيان سڻو مئن آکان ساري لوڪ سڻائين،
عشق دا ماريا ڪوئي نه ڇٽي ڳالهه اها چت لائين،
عاشق نام جنهين دا سچو پير تنهن پنوائين.

ڪيترن بيتن مان وري ڪي سٽون ڪٽل آهن. جيئن:

منهن محبوب دا سارا مصحف، زيرين زبرين نالي،
عشق واليان آيتان دي وچ پيش تي شد برحالي،
جزمان نقطي صحيح سڄاڻين، قاري ڪوئي سنيالي،
بسم الله نال لکيان سڀ سوران پڙهن ورهي والي،
مسجد ۽ محراب اتاهين سچو ڄاڻ رهي متوالي. (1)

ليڪ ڏنل سٽ مولوي صاحب جي رسالي ۾ ڪانه آهي.

جڏان تير لڳس تڏاهان توبهه توبهه پڙهسي،
دست سباڏي هن خوني خنجر يا بچسي يا مرسي،
سچو حاضر هون اڳاهون هرگز نا او مڙسي.

هن بيت مان پهريون ٽئي سٽون ڪٽل آهن جيڪي هي آهن:

---

1. مرزا علي قلي بيگ: رسالو سچل فقير جو، مصطفائي پريس لاهور 1903ع، ص-58.

يار آکيا وت عاشق کون جو نال اساڏي اڙسي،
فوج حسن دي سراهين دي چپ چپاتي چڙهسي،
تاب نہ جهلي کتڪ اهين دا پڄسي يا ڳڙسي.[1]

بهرحال هيءُ رسالو بہ عالمن کان تحقيق جي طلب ٿو ڪري.

Gul Hayat Institute

1. مرزا علي قلي بيگ: رسالو سچل فقير جو، مصطفائي پريس لاهور 1903ع، ص- 68.

سچل جي ڏاهپ

هيل تائين سنڌ جي صوفي شاعرن بابت ٻڌايو ويو آهي ته اهي ان وقت جي سماجي، سياسي ۽ اقتصادي حالتن کان بي خبر ۽ ان وقت سندن چوڌاري جيڪو وهيو واپريو پئي، تنهن کان لاتعلق پنهنجي ڌن ۾ پورا هئا. جيڪي ڪلام چيو اٿائون، اهو ڪائنن استغراقي حالت ۾ چئجي ويو آهي.

اچو ته انهن سيني حقيقتن تي ٿڌي سيني ۽ سنجيدگيءَ سان ويچار ڪريون، معلوم ڪريون ته سنڌ جو سدا حيات شاعر سچل سرمست ڪيتري قدر ان وقت جي ماحول ۽ حالتن کان واقف ۽ باخبر هيو. حضرت سچل سائينءَ جي شاعري پڙهي پليءَ پٽ معلوم ٿئي ٿو ته هو نهايت ڏاهو ۽ دورانديش هيو.

سچي سائينءَ جو جنم 1152 هجري ۽ وفات 90 سالن جي عمر 1242 هجريءَ ۾ ٿي. سندن ڏاڏي ميان محمد حافظ عرف صاحبڏني جنهن هن درگاه جو بنياد وڌو، تنهن 1192ھ ۾ وفات ڪئي. جڏهن سچل سائين جي عمر 40 ورهيه هئي. ميان صاحبڏني ڪانپوءِ سندس مرشد عبيدالله جيلاني جي فرمان مطابق ميان صاحبڏني جو ننڍو پٽ عبدالحق (سچل جو مرشد، چاچو ۽ سهرو) گاديءَ تي ويٺو. ميان عبدالحق ڪانپوءِ سندس پٽ سخي قبول محمد (سچل جو سؤٽ) گاديءَ تي ويٺو، جنهن سچل سائينءَ جي وفات (1242ھ) کان ٽي سال پوءِ 1245هجري ۾ وفات ڪئي. ان مان معلوم ٿيو ته سچل سائين ٽن گادي

ڏٽين جو دور نہ رڳو اڪئين ڏنو پر انهن جو خليفو ٿي رهيو. شاہ عبيدالله، ميان صاحبڏني کي موڪلائڻ وقت تاڪيد ڪيو تہ درگاہ جو سجاده نشين لوڙهي ۾ رهي ۽ خاندان جو هر فرد گاديءَ ڏٽيءَ جي بيعت ڪري .

جيئن تہ گادي نشين لوڙهي اندر رهندا هئا، تنهن ڪري انهن جو ٻاهريون ڪم ڪار سنڀالڻ سچل جي ٻلي هيو.

مير صاحبن کان درگاہ لاءِ جاگيرون مليل هيون، انهن جي سنڀال، درگاہ جي لنگر جو انتظام سچل سنڀاليندو هيو. مرشدن پاران ٻين درگاهن جي ڏٽين ڏانهن شاعري توڙي غميءَ جي موقعن تي سچل پاڻ ويندو هيو. راڻيپور، گمبٽ، پير ڳوٺ، کهڙا توڙي جهوڪ شريف جي گادي ڏٽين سان سندس سٺا لاڳاپا هئا.

سچل ۽ کهڙن جي مخدومن جا لاڳاپا

"تذڪره مخاديم کهڙا" جي روايت آهي تہ هڪ ڀيري مخدوم محمد عاقل اول ۽ سندس ڀاءُ مخدوم محمد جو ٻنين تان تڪرار ٿي پيو. مخدوم محمد، مير سهراب خان وٽ پڪاريو، مگر ڪوبہ ڪڙتيل نہ نڪتو پڇاڙيءَ ۾ سخي قبول محمد ۽ سچل وٽ دانهين ٿي ويو. سچل سائين، محمد عاقل وٽ سفارشي ٿي ويو تہ مخدوم صاحب پنهنجي مهر ڪٽي سچل جي حوالي ڪئي، جنهن فيصلو ڪري ٻنهي ڀائرن کي کير کنڊ بنائي ڇڏيو.

هيءَ پڻ "تذڪره مخاديم کهڙا" جي روايت آهي تہ ڪو مخدوم بزرگ فوت ٿي ويو ۽ سچل سائين عذر خواهيءَ لاءِ ويو. ميت دفنائڻ وقت سچل سائين قبر تي موجود هيو ۽ سچل جنهن طرف کان بيٺل هيو تہ ميت منهن ڦيرائي هئي پاسي ڪيو. ان روايت مان جيڪڏهن "ميت جي منهن ڦيرائڻ" تي اعتبار نہ بہ ڪجي تڏهن بہ ٻنهي درگاهن جي ميل ميلاپ جي خبر پوي ٿي.

سچل جا ميرن سان لاڳاپا

هيءَ هڪ مجيل حقيقت آهي تہ مير صاحبن جا پيوند درگاه درازا سان ايتريقدر پختا هيا، جو مير صاحبن درگاه لاءِ ديهہ دراز جاگير بہ ڏني، رهڻ لاءِ هڪ بنگلو بہ ٺهرائي ڏنو ۽ درگاه جو قبو بہ مير رستم خان تعمير ڪرايو هو.

حيدرآباد جي هڪ هندوءَ، مير سهراب خان وٽ اچي نوڪري ڪئي، جنهن کي هن پنهنجو مختيار ڪار ڪيو هو، جنهن سرڪاري پئسا غبن ڪيا ۽ سرڪار ڪيس قيد ۾ وڌو. ان حيدرآبادي عامل جا مائٽ ميان فضل الله جهوڪ واري وٽ ويا ۽ قيد ٽيل هندوءَ جي لاءِ سفارش گهريائون، جنهن خواجہ عبدالحق ڏانهن هڪ خط ۾ لکيو تہ "اسانجو هڪ بازو ايڏانهن ميرن وٽ جهلجي پيو آهي، اهو ڇڏائي ڏيندا."

خواجہ عبدالحق، سچل سائينءَ کي حڪم ڪيو تہ "انهيءَ هندوءَ جي ٻانهن ميرن کان ڇڏائي اچو." ان روايت سان بہ حقيقتون معلوم ٿيون، هڪ تہ سچل جا ميرن سان بهتر تعلقات هيا ۽ سڄي سنڌ ۾ سچل ۽ ميرن جا لاڳاپا مشهور هيا پيو تہ درگاه جهوڪ شريف ۽ درگاه درازا جا تعلقات بہ سٺا هيا.

Gul Hayat Institute

سچل جي حسن پرستي

سڀ شاعر انسان هوندا آهن، مگر سڀ انسان شاعر نہ ٿيندا آهن. اهڙي طرح سڀ حسن پرست شاعر نہ ٿيندا آهن ۽ سڀ شاعر حسن پرست ضرورت هوندا آهن. سچل انسان هيو، سچل شاعر هيو، سچل جي سيني ۾ دل هئي. سچل جي شاعريءَ کي پڙهڻ کانپوءِ اقرار ڪرڻو پوندو تہ مٿس مجازي عشق جو اثر هو. ڪو پرين هيس جنهن جي نظر جو تير سندس سيني ۾ ڪتل هيو. ان کانسواءِ اهڙيون روايتون بہ ملن ٿيون تہ سچل جي راڳ، ناچ ۽ حسن پرستيءَ سان گهري دلچسپي هئي.

هڪ پيري ڪيس رت جا اسهال ٿي پيا ۽ ان وقت قبول محمد

اول گاديءَ تي هو، جنهن مير رستم خان کي لکيو ته” کي راڳيندڙ ناچڻيون موڪلي ڏيو.“ ناچڻيون آيون، هار سينگار ڪري سچل وٽ پهتيون، انهن کي ڏسي اهڙو خوش ٿيو، جو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ راڳ تي نچڻ ٽپڻ لڳو. هونئن به پرين جي پهچڻ سان اڳها به سگها ٿيو وڃن. وري هڪ ٻي روايت به ٻڌڻ وٽان آهي ته جيوائي نالي ڳائڻي لاڙڪاڻي طرف جي وينل هئي، جنهن ٻڌو ته سچل بيمار آهي، سو ڪيس پڇي به اچان ۽ مجرو به ٻڌايانس. هوءَ هار سينگار ڪري درازن ۾ آئي ۽ فقيرن ٻڌايس ته سچل بيمار آهي ۽ بنگلي ۾ سمهيو پيو آهي، پوءِ اها ڳائڻي مٿي بنگلي تي ويئي ۽ سچل ڪيس ڏسي چيو ته” بسم الله اسانجا طبيب، اسانجا حڪيم آيا ۽ هڪدم ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيو.“

سچل جي وطن دوستي

وطن جنهن ۾ انسان ڄائو نپنو، وڏي وڏو ٿيو؛ ڇڳي ۽ ٽڳي ٿو، جنهن ۾ سندس ستن پيڙهين جون هڏڙيون دفن ٿيل آهن. اُن سان محبت جو هڪ فطري جذبو آهي. اُهو ڪهڙو اٺاسي ۽ اياڳو هوندو، جنهن کي پنهنجي ديس سان دلي لڳاءُ نه هجي. اسان جا صوفي شاعر وطن پرستي ۽ انسان دوستيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. هو جڏهن قومي جذبو مائو ۽ قومي ايڪي ۽ اتحاد جي اٽاٽ ڏسندا هئا ته وڏي واڪي چوندا هئا ته:

گهوريو سو پر ڏيهه، توڙي قلن چانئيو

يا

پرت چڏي پرڏيهه جي، ساڻيهه ڪج سنيال،
لکن سند ئي لعل، مڇڻ مفت وڃائين.

اهڙي طرح سچو سائين به وطن جي محبت جي جذبي سان سرشار هيو ۽ وڏي واڪي چئي ڏنائين ته :

ديس سچل دا درس درازين نا مڪه نا ملتان.

ٻني ۽ ونيءَ تي سر ڏيڻ سنڌي قوم جو قومي ۽ اخلاقي فرض ڄاتو ۽ سڃاتو ويندو آهي. جُوءِ ۽ جوءِ ڇڏڻ مرد جي مرڪ نہ آهي. اهڙي تند سچل هن طرح ٿو تنواري:

هڪ جُوءِ ٻي جوءِ مرد نہ ڇڏن ميندرا،
تو پڻ پرين پوءِ ڪوهہ لڄايو ڪاڪ کي.

<<<<•>>>>

هڪ جُوءِ ٻي جوءِ ڇڏن ڪين جوان،
اُهي پيي انسان، جيڪي ننگن تان نثار ٿيا.

سچل جي دور انديشي

سچل جي دور ۾ فرنگي هندستان ۾ مغل سلطنت کي آهستي آهستي هڙپ ڪندا ٿي ويا تہ ٻئي پاسي ٺٽي ۾ واپاري ڪوٺي کولڻ سان سنڌ ۾ پنهنجا پير ڄمائي چڪا هئا ۽ سندن ٻيڙيون سنڌو نديءَ ۾ ٽلڪنديون نظر اينديون هيون. سچل نہ ٿي گهربو ۽ هونءَ بہ ڪو محب وطن نہ چاهيندو آهي تہ ڪا ڌاري قوم سندس قوم کي دغا ۽ دولاب سان غلام بڻائي، اهڙو ڏس اڳ لطيف بہ ڏئي چڪو هيو :

ٻيڙي منجهہ درياءَ، ڪي ٻڏي ڪي اُپڙي،
معلم ماڳ نہ اڳئين، فلنگي منجهہ ڦريا،
ملاح تنهنجي مڪڙيءَ ۾ اچي چور چڙهيا،
جتي ڍينگ ڍريا، تتي تاري تنهنجي.

وري ساڳيو سڏ سچل سائينءَ هينءَ ورجايو :

مڪڙي ڏنم موج ۾ تنهن ۾ مير ملاح،
مڇيون مارن اوچتي بانڪا بيپرواهہ،
هند سنڌ تي فلڪ نہ آڻن شوريا وتن شاهہ،
هر بحر جا حاڪم ڄاڻي مارن ملڪ سپاهہ،

واٽڙا رکن تن متان ويچارا ويساهه،
آسرا اڙين جا آهن منجهه الله،
ڏئي پاند پناهه رکي وٺندا راج کي.

سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ ڪيترائي واضح اشارا ڏنل آهن، جن ۾ قوم کي ڪليل لفظن ۾ خطرن کان آگاهه ڪيو ويو آهي. سچي سائينءَ جي دؤر ۾ ڪهڙن جي مخدومن جو زور هيو، هو توري گهٽي ڳالهه تي هندن کي زوريءَ مسلمان ڪندا هئا. مخدومن جي فتوا حاڪمن وٽ حرف آخر جي حيثيت رکندي هئي. سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن ۾ مذهبي چڪتاڻ اوج تي هئي، تنهن جو لازمي نتيجو اهو نڪرڻو هيو، ته هندو ۽ مسلمان وڙهي قومي طور انتشار جو شڪار ٿي ويندا، جنهن جو فائدو انگريز سامراج کي پوڻ جو سچل سائينءَ کي اُلڪو هيو ۽ هن هندو توڙي مسلمانن کي ڪليل لفظن ۾ پڪاري چيو:

وقت اهو ٿي ويل دوئي دور ڪرڻ جو،
ڪڍ مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿئي آويل، پوءِ اولهه سج نه اُلهي.

۽ جيڪڏهن اهو سڏ رائگان ويو ته اُن جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو، اهو لازمي طور تي انگريزن جي فائدي ۾ هوندو ۽ سچل ٻڌايو ته:

اولهه سج نه اُلهي، متان ٿئي اوير،
ميڙي ويندئي مغربي، تاريڪيءَ ۾ تير،
چڏي ويندئي چيرين، ڊونڊين سندا ڍير،
مرد ڏين تا مام ۾، مانجهي ڪي متير،
وجهه اٿي تون پاڻ ۾، هيڪڙائيءَ جي هير،
ناسودي ناخير، پٽ سپ نابود ڪر.

سچل جو پيغام هيو ته سنڌ جي هندن توڙي مسلمانن کي ان

وقت ۾ تي، سنڌ دشمن مغربي سامراج جو مقابلو ڪرڻ گهرجي، مگر افسوس جو سچي سائينءَ جي وقتائتي سڏ کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪيو ويو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ ۾ نائون مل پيدا ٿي پيو. جنهن انگريزن جو ساٿ ڏئي، سنڌ جي قومي آزادي کي ختم ڪرايو.

جيئن ته مان هاڻي ٻڌائي چڪو آهيان ته درگاه درازا جا جهوڪ (ميرانپور) جي درگاه سان سٺا ناتا هيا. جهوڪ جيڪا سنڌ جي تاريخ جو محور آهي. هتان ئي وحدت الوجود جو سج اڀريو. هتان ئي مذهبي ڪٽر پڻي ۽ انتها پسنديءَ خلاف جهنڊو بلند ڪيو ويو. جهوڪ، جنهن لاءِ لطيف چيو:

جهجان پسيو جهوڪ، آيل سگهارن جي،

جهوڪ، جنهن لاءِ سائين رکيل شاهه فتح پور (بلوچستان) واري چيو:

قلڙيون فتح پور تي، ميرانپور تي مينهن،
جڏهن نئون لڳو نيهن، تڏهن جانب مليو جهوڪ ۾.

جهوڪ جي درگاه جو باني شاهه عنايت سنڌ جي بيڪسي ۽ بيوسيءَ جو مثال آهي. شاهه عنايت جيڪو سنڌ جي ڏتڙيل ۽ مظلوم قوتن کي هڪ لڙهيءَ ۾ پوئڻ ٿي چاهيو. سنڌ ان وقت دهليءَ جي مغل سلطنت سان لاڳاپيل هئي. شاهه عنايت کي شهيد ڪيو ويو. شاهه عنايت کان اڳ سنڌ جو هڪ عالم دين تفسير ۽ حديث جو ماهر مخدوم بلاول شاهه بيگ ارغون جي حڪم سان گهاڻي ۾ پيڙجي چڪو هيو. افسوس! جو مخدوم صاحب جهڙي خدا رسيده بزرگ لاءِ قرآن شريف کي حربي طور استعمال ڪرڻ کان به نه مڙيا.

سرمد، مخدوم بلاول ۽ شاهه عنايت هڪ ئي سلسلي جون ڪڙيون آهن. سنڌ جي شاعرن ۾ سچل پهريون شاعر آهي، جنهن نالو وٺي مخدوم بلاول، سرمد شهيد ۽ شاهه عنايت جو ذڪر ڪيو ۽ اها

Gul Hayat Institute

روايت اجا تائين صوفي شاعرن وٽ قائم آهي. سچل چيو:

گهاٽي ۾ بلاول پيڙايئي، عنايت منجهه ميدان مارايئي،
سرمد کي ڏيئي لت کهايئي، عاشق تو آزمائين تون.

اڄ جي دور ۾ جڏهن انسان پنهنجا قدم چنڊ تي رکي چڪو آهي، تڏهن به سنڌ جو ماڻهو اجاين وهمن ۽ وسوسن ۾ ڦاٿل آهي ته اڄ کان اڍائي سئو سال اڳ سنڌي ماڻهوءَ جي ذهني پهچ ڪيتري هوندي. جنهن قوم جو ماڻهو ڪري ۽ ڪوڙي جي پرک لهڻ نه سکيو آهي ته ان قوم جا چالاڪ ۽ مفاد پرست ماڻهو اندر ۾ ڪارو ڪانءُ ويهاري ٻاهر ڀولي هنج جي ڀولي اڀوجهه انسانن کي ڦريندا آهن.

سچل سائين وهمن وسوسن توڙي ظاهر داريءَ جي باري ۾ چيو آهي:

نه! وٽ شيخ مشائخ يارو، نه مخدوم تيوسي،
نه ڪي قاضي نه ڪي ملان نه معلم پير بڻيوسي،
نه ڪي ٺاه ٺڳيءَ جا ٺاهي، رنگ رساءُ رکيوسي،
سچل ٻاجهون عشق جي، ڪوئي نه هنر سکيو سي.

خلق جماعت مل ڪراهڻ، آپ ڪون پير سڏيندي،
دست جهپال مصلي ڪلهي ڪورا ڪوڙ بڻيندي،
درد بنان دلبر دي او سب بيجا ڪم ڪميندي،
"سچل" دا اهو سخن سچا، ڪستوري آپ اُڏيندي.

مڪر بازي وچ ڦڪل گهڙيندي، طرحون طرح ڪريندي،
نوعان نوع عالم دي اڳون، لاف گراف مريندي،
"اسان اينوين تي اسان اينوين" سي ڪوٺي ماڻ پريندي،
ڪوڙي ڪوڙ والي تا"سچل" ٻيٽي ٻاٽ ڏريندي.

شيخي تي مخدومي ڏونهين، اي تہ ساري ٺڳي،
اها جماعت جوڙ والي، سا ويک بره ڪنون پڳي،
آءُ اچانڪ نال محبوبان دي، لنئون جنهان دي لڳي،
سچل پڇي پير نہ رکدي، پرت تنهان دي تڳي.

اج جي ائتمي دور ۾ بہ سنڌ جو عام ماڻهو ڪاني ڪرامت ۾ ويساه رکي ٿو. سنڌ ۾ ڪيئي ڪاني ڪرامت جا صاحب ليکيا وڃن ٿا. مگر سچل تڏهن بہ چيو هيو:

سر اهو سارو سچاڻج، ڏي ڪن نہ ڪرامات ڪي.

دل سان ذرو درد قبوليم، ڪشف قبور ڪرامت ڪين،
ڪري ڏيکارين ڪيترو عالم ڪي بہ عجب تہ بہ چا ٿيو.
دائرا دعوتن جا ڦرين، ڪرين تسخيرات طلب تہ بہ چا ٿيو،
ڪاڻ تماشي ڪيترا پچن پار عرب تہ بہ چا ٿيو.

سچل پنهنجي فارسي غزل ۾ چيو:

من مست خرابات، شدم مست خرابات،
نہ طالب وظائف، نہ ڪشف ڪرامات.

Gul Hayat Institute

سچل سر آپڻا چاڻي، پهچاڻي آپڻي صورت،
نہ تون ڪيا هنئي، تي ڪيا ٿيسي، دگر ڪرامات ڪيا ڪيتا.

مدد ڪتاب

1. مرزا علي قلي بيگ، سچل سائين جو رسالو، سال 1902ع .
2. آغا صوفي، سچل سرمست، 1923ع.
3. نماڻو فقير، سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام، 1952ع.
4. رشيد احمد لاشاري، سچل جو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام، 1958ع.
5. عثمان علي انصاري، سچل جو رسالو، 1958ع.
6. مولوي محمد صادق، سچل جو سرائڪي ڪلام، 1959ع.
7. سچل سرمست، نئين زندگي پاڪستان پبليڪيشن، 1964ع.
8. سچل سرمست، اطلاعات ڪاتو، سيپٽمبر 1974ع.
9. ماهوار پيغام، رسالو اطلاعات ڪاتو، 1979ع مهينو آگسٽ.
10. شاهه جي رسالي جو مطالعو، دين محمد وفائي، 1962ع.
11. تحفته الڪرام، مترجم مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ 1957ع.
12. جنت سنڌ ليکڪ مولائي شيدائي، سنڌي ادبي بورڊ 1958ع.
13. تاريخ ڪلهوڙا جلد پهريون، مترجم سنڌي ادبي بورڊ.
14. قاضي علي اڪبر درازي، دولهه درازي، 1980ع.

Gul Hayat Institute

ڪو حق چوي ڪوئي نا حق چوي

اسان جي سدا حيات صوفي سنتن ۽ شاعرن سان وڏي ۾ وڏو الميو اهو آهي جو هر ڪو پارکو سندن ڪوتا کي پنهنجي ذاتي نظرين ۽ سوچ جي پسمنظر ۾ پرکي ۽ پروڙي ٿو. شاعرن جي سوانح توڙي شاعريءَ کي ان وقت جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جي پسمنظر ۾ ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ جي خير ڪا ڪوشش ڪئي وئي آهي.

اسان جي شارحن ۽ مرتبن ور ور ڪري اهو ساڳيو پراڻو رينگي جو رڪارڊ پئي وڄايو آهي ته "هي شاعر ڪاني ڪرامت جا صاحب، شرع جا پابند ۽ پنهنجي وقت جا وڏا بزرگ هئا"

جيتوڻيڪ انهن سنتن پنهنجي پيغام (جيڪو شاعريءَ ۾ ڏنل آهي) ۾ انهن سڀني مروج نظرين خلاف وڏي واڪ نهايت بي ڊپائيءَ سان پيڙ تي ڏونڪو هڻي بغاوت ڪئي آهي.

"دل سان ذرو درد قبوليم ڪشف قبور ڪرامت ڪين"

"سر پنهنجو سارو سجاڻج، ڏي ڪن نه ڪرامت ڪي"

"من مست خرابات، شدم مست خرابات
نه طالب وظائف نه ڪشف ڪرامات"

"بزرگ شيخ مشائخ بزرگيءَ بيحد پلايا"

"بزرگيءَ ڪان پڇي بيدل رنديءَ جا رنگ رچاياسي"
"عشق شرع ڪيا لڳي"

Gul Hayat Institute

"عشق ڪيا ڄاڻي شرع دي نال"

اها تند اسانجي هر صوفي شاعر تنواري آهي. هاڻي ٿڌي سيني سان غور ڪرڻ گهرجي تہ ٿٽي ۾ کهڙن جا مخدوم نهايت متشرع عالم باعمل هئا پوءِ انهن کي اسان جي عوام ايتري جيءَ ۾ جاءِ نہ ڏني، جيتري هنن فقيرن ۽ شاعرن کي ڏني.

اسان جي صوفي شاعرن جي مڃتا جو ڪارڻ سندن شاعري بہ ڪونہ آهي، ڇاڪاڻ تہ شاعري مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ بہ ڪئي "بناءُ السلام" جهڙو ڪتاب اسلامي عقيدن کي سمجهائڻ لاءِ نهايت تفصيل سان شاعريءَ ۾ لکيو. مگر مخدوم صاحب جي شاعريءَ کي اهو معراج هرگز نصيب نہ ٿيو، جيڪو اسان جي صوفي شاعرن ماڻيو. دنيا جي جنهن بہ خطي ۾ جيڪڏهن ڪو سنڌي ڪٽنب آباد آهي تہ اتي اسان جي درويشن جو نام، رام جي نام وانگر ڇيو وڃي ٿو.

اسان جي مهاپرشن ۽ امرلوڪ درويشن جي مڃتا جو اصل ۾ ڇٽو سبب سندن پيغام آهي. اهو پيغام اسان جي دردن جو دارون آهي، جنهن ۾ انسان دوستي، خدا شناسي، پاڻ سڃاڻڻ، محبت ۽ مروت جو سنديش آهي. اهو پيغام اسان جو سنڌي عوام وڏي عقيدت ۽ احترام سان هيئن سان هنڊائي پنهنجي من مان مذهبي ڪٽرپڻي جو مير ڪڍي ٿو.

هينئر مان سچل جي شاعريءَ جي حوالي سان عرض ڪندس تہ الله سان سندن عشق ڪيترو بہ هجي مگر سندن مجازي محبوب بہ ضرور آهي. سندن سوانح توڙي شاعريءَ ۾ چٽا ثبوت آهن.

پنهنجي مجازي محبوب جي سوڀيا جي ساراهہ جا ڍڪ هيئن ٿو ڀري.

"شمع ڪنون رخ روشن طرحون تجلا،
ويکڻ نال وساريا زاهد تسبيح مسيت مصلا،
ويک حسن حيران ٿئي ڪيا قاضي ڪيا ملا."

مٿئين بيت جي پسمنظر ۾ جيڪڏهن سچل جو محبوب "خدا" يا ٻي ڪا مذهبي هستي هجي ها ته سچل کي تسبيح مصلا ۽ مسيت وسارڻو ڪونه پوي ها. پر هت ته اُهو محبوب آهي، جنهن جي پسڻ سان تسبيح ۽ مسيت مصلي کي به خيرآباد چوڻو پوي ٿو.

شاهه لطيف به چوي ٿو:

"اير چنڊ پس پرين تو اوڏا مون ڏور"

شاهه جو پرين پري آهي ۽ پرينءَ کي چنڊ ويجهو آهي. تنهنڪري شاهه چنڊ کي قاصد ٿو ڪري، جيڪڏهن شاهه جي محبوب مان مراد"خدا" يا "رسول ڪريم" هجي ها ته شاهه انهن کان پاڻ کي پري محسوس نه ڪري ها.

چاڪاڻ ته "ونحن اقرب اليه من حبل الوريد" (خدا اسان جي رڳ کان به ويجهو آهي)

النبي اوليٰ باالمومنين (نبي ڪريم صلم مومنن کي ويجهو آهي) هت ته اُهو پرين آهي، جيڪو پري اکين کان اوجهل آهي. جنهن جي ڏسڻ لاءِ اکڙيون آتيون ۽ دل بيقرار آهي.

هاڻي مجازي عشق جي جواز ۾ شاعريءَ مان حوالا پيش ڪجن ٿا.

"لوڪ ڪنون لج مول نه آوي عشق گهميان گهتيان"
"طعني تنکي زينت انهان دي مول نه تيون ڪتيان"

"ڪم نه عاشق سو ڪرين، جنهن ۾ تنهنجي تعريف ٿئي، (1)
ڪڻ ملامت سر مٿي، مر ڏيهه پيو طعنا ڏئي"

"جا نالو گنهندي نينهن جو تنهن، کي ايندي شهر نيڪالي"

"برهه جا بر بدناميون ، چمي چشمن تي چايا سي"

1۔ در کوئے نیکنامی مارا گذر نہ دارند۔ حافظ شیرازی

”بيدل“ چوڙ بزرگي سچي، پچون يار سجڻ دي وچين ،
بند حياءُ شرم دي پچي، ويکين نين نظار“
(بيدل)

عشق وڃايو حجاب، ڦٽ ڦڪڙي ڏاج منهنجو،
باري بار برھ جو آليم، چمي ملامت سر تي چايم،

ٻڍل جيڪي محبت مُٺيون، سيئي سهنديون جهيڙا جٽيون
آيو نينهن نواب، طعنا تهمت لاڳ منهنجو،

لوڪ ڪان لڄ نہ اچڻ، عشق ۾ گهٽيون گهمڻ، تعريف جهڙو ڪم نہ ٿيڻ، ڏيھ جي ملامت ۽ طعنا سهڻ، بزرگي ڇڏي حياءُ شرم جا بند پچي يار جي پويان وڃڻ، نينهن جي نالي وٺڻ ڪري شهر نيڪالي اچڻ، ڦٽ ڦڪڙي سهڻ، چمي ملامت سر تي کڻڻ، جهيڙا جٽيون پلوَ ۾ پائڻ، اهي سڀ مجازي محبت جا مامرا ۽ مرحلا آهن، جن جو ذڪر اسان جي شاعرن ڪيو آهي.

هت بہ ڳالهيون ڪرڻ نهايت وقتائتيون آهن، جن جو فڪر اسان جا برک ڏاها ۽ عقل جا اڪابر ڏاڍي ادمبر ۽ پذيرائيءَ سان ڪندا آهن تہ صوفي شاعريءَ ۾ رڳو هيئاهين هلڻ، منهن مونن ۾ پائي غربت سان گذارڻ، سڀ ڪجھ صبر سان سهڻ، رواداري هوچون توکي نہ چوڻ . لکئي مان لک نہ لهڻ (تقدير) جون ڳالهيون آهن. بيشڪ اهي ڳالهيون سنڌي شاعريءَ ۾ آهن پر هرو ڀرو سنڌي شاعريءَ جو تاجي پيٽو اهو ڪونہ آهي. اهي اصطلاح ۽ ورجيسون ڏاڍ ۽ ڏمر واري سماج ۾ هونديون آهن پر اُن وقت جا ڏاها ٻاٽ ۾ لاٽ ٻاري قوم جي رهنمائي ڪندا رهيا آهن.

هيٺ هي ستون اسانجي سنڌي شاعرن جي شعور جي ساک ڀرن ٿيون :

”اڳيان تکر تر، متان روھ رتيون ٿئين“
”واهڙ ڀريون نہ پاءِ، تو پرڻ ليکو ڏيٺو“

”جا تو پائين اچ، تنهن پاڙيءَ پنا ڏينهڙا“
”سنها پانءِ نہ سپ، وياءَ واسينگن جا“
”متان تيغ ترار، مار تہ متارو تئين“
(شاھ)

”اُهي بہ انسان جيڪي ننگن تان نثار ٿيا“
”هڪ جُوءِ ٻي جوءِ مڙس نہ ڇڏن مينڌار“
”مذهب ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا“
”مذهب مور نہ مچيان آءُ مشرب منجهہ مدام“
”ڪيئي ڪعبي ڪيهي قبلي ايتان سڀ بهاني“
(سچل)

”سو سيون ڏيئي وڪ ونجي هيڪڙي“
”ڪرڙي ڪائي رت پت نہ وجهي وات ۾“
”ڪرڙي ڪائي ماھ پيئي رت پيالين“
”سوپون سر گهرن سرريءَ سوپ نہ سپجي“
”ڪانئر الڪو ڪنڌ، سورھ سوئو سوپ جو“
(خليفو نبي بخش قاسم)

هي چند حوالا مون مثال طور ڏنا ورنہ اسان جي سموري صوفي شاعريءَ تي انهيءَ فڪرجي گهري ڇاپ آهي، ٻي ڳالهہ جيڪا ڏاڍي طمطراق سان اسان ڪي ذهن نشين ڪرائي ويندي آهي، اها آهي پڪين ڪان پريت سکڻ (جيتوڻيڪ پڪين ۾ پريت ٿيندي ئي ڪانہ آهي) اسين طبقاتي سماج ۾ رهون ٿا ۽ اهو سماج، آڱرين تي ڳڻڻ جيترن قوم ۽ سرمائيدارن جو پيدا ڪيل آهي تہ جيئن گهڻا (هيٺا) ڪمائڻ ۽ ٿورا ان جي رت ست جي پورهئي تي عيش ڪن. هاڻي مان شاعريءَ جي حوالي سان ٻڌائيندس تہ پکين ۾ پريت ڪانہ ٿيندي آهي.

ڇتي جهڙا شاھ ڏياري هوتن ڪي هيڪل،
ڇا بلبل لڙندي بار سان.

”سامهون سرڙيون ويٺيون آهن، بازن جي ور ڳيرو آ“

”مان بازن جي گهيري ۾ ڳيري ڏسان ٿو“

”ڇا بلبل رهندي باغ اندر جت بلشا بحري باز هجن“

بلبل ۽ ڳيري سان باز جي پريت ڪڏهن به ٿيٺي ڪانهي، جهرڪي جي چوزي سان ڪانءَ جي پريت ڪهڙي ٿيندي؟ ڪڪڙن جي ويڙهه اسان جي وڏيرن جو مرغوب مشغلو آهي. اهڙي ظالم، مظلوم، جابر ۽ مجبور، ڏاڍي ۽ هيٺي، چور ۽ پاڳئي ۽ سرمائيدار ۽ پورهيت جو پيار بنهه ناهي ٿيٺو.

اسان جي عظيم صوفي شاعرن محبت جا گيت ڳائي انسان ذات کي پيار ۽ الفت سان رهڻ جي پٺي تلقين ڪئي آهي. تنهن هوندي سندن شاعريءَ ۾ نفرت جا اهڃاڻ پڌرا آهن. شاهه لطيف ڪر ڪي نه ٿو پٺي جنهن جي من ۾ سدائين مندي آهي.

(الا! ڪرجين، مندي جن جي من ۾)

سندس دل مان هي شعر اهڙڪا ڏئي ٿا نڪرن:

”ڏکاريا ڏيهه مان، موذي سپ مرن“
”ملان مرئي ماءُ، پتو قسئي پيٽ ۾“

جيڪو مهانگي ٿيڻ لاءِ ميڙي ٿو رکي، پنهنجي پيٽ پرڻ لاءِ ۽ قوم جي نڙي تي نهن ڏيڻ کان به نه ٿو مڙي. ان لاءِ انسان جي ذهن ۾ جيڪا سوچ سرجندي اها شاهه جي مٿئين شعر مان پڌري آهي[1] ملان جنهن اسلام جي غلط تاويل ۽ تشريح ڪري حاڪم ڌر پاران حق پرست

1 . ملان مان اسان جي مراد اهي مذهبي پيشوا آهن جن قرآن جون آيتون ٽڪن تي وڪٽي خدا جي مخلوق جي ڪل لائي آهي ٻي صورت ۾ اسان جا باضمير ۽ حق پرست عالم جن چئي جهاد پٺي ڪيو آهي انهن جا نالا سنڌ جي جو سونهري باب آهن ۽ ابد تائين عزت احترام سان ڪيا جيئن مولانا عبيدالله سنڌي، تاج محمد امروٽي، محمد صادق وارو دين محمد وفائي، غلام محمد گرامي ۽ مولانا غلام محمد قاسمي صاحب.

Gul Hayat Institute

ڪي مارائڻ لاءِ پئي رٿون رٿيون آهن. شخصي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ قومي مفاد کي داءَ تي لڳايو آهي. ان جي ڪڌي ڪردار کي اسان جي باشعور شاعرن خوب ننديو آهي. ميان صاحبڏني فقير (سچل جي ڏاڏي) هن بيت ۾ ملان ۽ مجاور جي لالچي ڪردار کي تشبيهه ڏني آهي.

ملان، مجاور، ڪانءُ تيئي اڪر هڪڙو.

مجاور به اسان وٽ سنڌ ۾ سدائين قبرن جو واپاري رهيو آهي.مري ويل انسانن جون اجايون ڪرامتون بيان ڪري اهوجهه ويساهي ماڻهن جا کيسا خالي ڪري سدائين پنهنجو پيٽ پربو آهي.

سچل ملان کي ڪارهن ڪٺي ڪنڌ ۾ ويهي مکڻ جي ميار هينئن تو ڏئي.

ملان تون محبت جو چکو ڪين چکين،
ڪٺيو ڪارهن ڪنڌ ۾ منهن کي ويٺو مکين،
سبق سورائتن سکيو، سو جي تون سکين،
ته رحل سڀ رکين، متا مسجد ڪنڌ ۾.

مسجد ۽ منبر جتان رسول ڪريم ﷺ امن ۽ سلامتي جا درس ڏنا، اتان جڏهن ملان نفرت، تعصب ۽ تنگدليءَ جا هوڪا ڏنا ته حساس شاعرن پنهنجا جذبا بيان ڪيا.

Gul Hayat Institute

جان جان مسجد منبر مناري نه ويران ٿيسين،
تان تان راهِ حقيقت دا ڪڏان نه حاصل ٿيسين.

ملان جڏهن مذهب ۽ قرآن جي غلط تشريح ۽ تاويل ڪري حاڪم ڌر جو ساٿاري بنجي محڪوم ۽ مجبور انسانن جي نڙيءَ تي ننهن ڏيڻ کان به نه مڙيو ته اسان جي شاعرن ملان جي ان سرڪاري مذهب خلاف پنهنجا اڌما هن طرح بيان ڪيا.

هلي اسلام کان هاڻي، ڪاهي منجهه ڪفر آيا سي،

قرآن ڪتاب سيئي لوڙاهي، دين مذهب ڇڏياسين ٻوڙائي،
متي عرش پنهنجا خيال اڏائي، پير پريت ۾ پاياسي
(داتا فيض درياه) ·

بهرحال ملان اسان جي سماج جي اها ڪني مڇي آهي، جيڪا ڪڏي نه وئي ته سموري ڪري (سماج) کي ڪنو ڪندي.

حق موجود

سچل جو اڻ ڇپيل ڪلام

(1)

رانجها تخت هزاري دا، صاحب جنهن دا عشق لگا،
مئن واريان.
ڪر سينگار سجڻ دي اڳيان، سياليا مشڪ ملو.
انا احمد بلا ميم، چاڪ دا حسن ويکو.
اها مصلحت ڪيڙيان والي، مينون نا آکو.
مئن ٿيوان قربان سجڻ تان سر سچل دا سيو.

(2)

چولي سجڻ دي چيري مجهه ڪون ڪباب ڪيتا.
ڪر ناز يار پياري رخ تي نقاب ڪيتا.
تن من تنبور طبلي، سر عاشقان دي اصلي،
جادوگران دي جلوي، رڳ رڳ رباب ڪيتا.
نينان دا تير ماريئي، زارو زار چا رئاريئي،
دل دا حجاب ٽاريئي، سانون بي حجاب ڪيتا.
سر دار پر چڙهيندي، عاشقان نون وت مريندي،
ڪنڌ ڪات پر ذريندي، ايذا عذاب ڪيتا.
ڪهتا سچل بچارا، هم هون غلام تمارا،
مک کا ويکيا نظارا، اڪبر ثواب ڪيتا.

Gul Hayat Institute

(3)

گھنڊ کول ديدار ويکائو، مٺن آيا مک ويکڻ
پا پازيب پيران وچ ڪڙيا کون چمڪائو.
مٺن آيا مک ويکڻ
نال اسان ڏي دلبر سائين، الھ لڳ الائو
مٺن آيا مک ويکڻ
پھر پوشاکان ويس گلابي، چوٺا چندن چٽائو
مٺن آيا مک ويکڻ
نوري رواسبزي چولا، هيري نال جڙائو
مٺن آيا مک ويکڻ
حال سچل دا معلوم تيکون، سائل کون سکائو
مٺن آيا مک ويکڻ

Gul Hayat Institute

ست پريت دي

سچل سائين جي پهرين مرتب جو شرف مرزا علي قلي بيگ کي حاصل آهي. مرزا صاحب سچل سائين جو ڪلام 1895ع کان گڏ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ستن سالن جي پيار جو پورهيو مرزا صاحب 1902ع ۾ ترتيب ڏئي ڇپايو. پهرين ڀاڱي ۾ صرف سچل جون 1340 ڪافيون آهن.

مرزا علي قلي بيگ جي رسالي ۾ ڪجھ ڪافيون اهڙيون به آهن، جن مان ڪي سٽون گم آهن. ڪافين لاءِ مرزا صاحب خود هن طرح لکيو آهي "هڪ ڪتاب هالن واري پير صاحبن وٽان به مليم پر اهو ڪن جاين تي اڏوهي کاڌل هو، جنهنڪري بعضي سڄيون سٽون ۽ بعضي سٽن جا ڀاڱا کاڄي ويا آهن، وري اهو ڪلام ڪنهن ٻي ڪتاب ۾ لکيل ڪونه هو، تنهن ڪري خالي ڀاڱا لاچار خالي ڇڏڻا پيا. انهيءَ اميد تي ته مبادا هن کان پوءِ ڪو ڪتاب اهڙو به هٿ اچي، جنهن ۾ اهي لکيل هجن." [1] انهن ڪافين مان ڪجھ ڪافين جون رهيل سٽون يا مصراعون مون علي محمد فقير کهڙي کان ٻڌي لکيم. علي محمد فقير ڳوٺ دلاور تعلقي گمبٽ ۾ ويٺل آهي. فقير صاحب جي عمر 90 سال ٿيندي.

علي محمد فقير نول گهٽ نوشهري فيروز واري جو طالب هو. فقير صاحب سڄي عمر مختلف درگاهن تي ڪافيون ڪلام ڳائيندي گذاري آهي. فقير صاحب، محمد فقير ڪتياڻ جي سنگ ۾ پڻ رهيو آهي. وڏي ٻڌ سڌ وارو درويش آهي. ڪيس مختلف شاعرن جون هزارين ڪافيون هن پير سني ۾ به ياد آهن ۽ پاڻ به سٺو روايتي قسم جو صوفي

Gul Hayat Institute

شاعر آهي. سندس اڪثر رهڻ درگاهه نانڪ يوسف تي ٿيندو آهي.

غير خيال نہ رهندا وي، ڏيکڻ نال وي هادي سائين وي ميان. (2)

متين ڪافي مان هي مصراعون ڪتل آهن:

مڙ مڙ ويندا وي ميان غيران ڪولون
ڪول اسان ڏي نهين ڀهنداوي
سچو جالي وي ميان روز غمان وچ،
سهٽا سنيال نہ لهندا وي.

نيٽان هڻ ناز، سانون مڙگان نال مريندا (3)

هن ڪافي مان هي سٽ گم آهي:

سچل دا هي سجدا هردم
شوقئون شهر درازا.

هيٺ ڏنل ڪافي ۾ پڻ ڪي سٽون ڪونہ آهن:

يار رنگ لايو ڏسو تون جي هئين حال ۾ (4)

هي مصرعون هن ڪافي ۾ ڪونہ آهن:

دم سنيالي دم ڪي آءُ عشق جي افعال ۾،
اور دم "الله هو" پئو پئي نہ ورد وبال ۾،
اي سچل تو ساڻ سڪ ٿيندي قرب ڪمال ۾
بلڪ مخلص خيال دل سان رهہ تون ساهہ سنيال ۾.

هيٺين ڪافي پڻ اڻپوري آهي:

هئہ وي سنيان ويل اهائي
گذر ڳئي رات سيائي (:)

هي سٽون ڪتل آهن:

عشق گھمائي آڻ منادي، اوئي غم اوئي شادي،
مرشد عبدالحق ميڏا هادي، رمز سچل کون جنھن لائي.

هيءَ ڪافي رسالي ۾ پڻ اڻپوري آهي:

چرڻ پرڻ وارو ڪير، هيءَ ڳجھارت ڪوئي پيچي (6)

متين ڪافي ۾ نالي واري ست هن ريت آهي:

"سچو" سچ تہ ڳالھہ اسان جي،
سمجھي ڪو مرد متير.

هيتين ڪافي پڻ رسالي ۾ نا مڪمل آهي:

مستانا ڪيون ماريوئي مولا (7)

نالي واري ست پڻ هن ڪافي ۾ ڪونہ آهي:

سچل ڪون اپڻي ڪول ٻلھاڪي،
بيخودي دا جام پلاڪي چڱا ڪيتوئي.

هي ڪافي بہ رسالي ۾ اڻپوري آهي:

موليٰ موليٰ ري، ويکو سڀ مولا (8)

Gul Hayat Institute

نالي واري ست هن ريت آهي:

"الانسان سري وانا سره"، ساڙ سچو اهو چولا

حوالا

1. مرزا علي قلي بيگ "رسالو سچل سائينءَ جو" ديباچو صفحو 2.
2. ايضاً ڪافي 155، صفحو 7
3. مرزا علي قلي بيگ "رسالو سچل سائين" ڇاپو ٻيو، صفحو 142. ڪافي نمبر 146.
4. ايضاً صفحو 23 ڪافي نمبر 744.
5. ايضاً ڪافي 1165.
6. ايضاً ڪافي 1166.
7. ايضاً صفحو 382.
8. مرزا علي قلي بيگ "رسالو سچل سائين" صفحو 383 ڪافي 1335.

Gul Hayat Institute

سچل جي حضور ۾

سچل سرمست پنهنجي دور جو عظيم شاعر ۽ بي ڏپو صوفي هيو. هن پنهنجا صوفياڻا خيال نهايت بي باڪيءَ سان پنهنجي شاعريءَ ۾ بيان ڪيا آهن. سنڌ ۾ ڪئي سندس طالب ۽ پوئلڳ هئا، جيڪي وحدت الوجود جي فڪر جو پرچار سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۽ ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڪندا هئا. سچل سان سندن محبت ۽ عقيدت چوٽ چڙهيل هئي، سچل جي وفات تي انهن پنهنجي خيالن ۽ جذبن جو اظهار پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي.

نانڪ يوسف، وفات 1266هه

نانڪ يوسف سچل جو خاص ٻالڪو ۽ خدمتگذار هئو. نانڪ پنهنجي اڪثر ڪلام ۾ سچل ۽ درازن جو ذڪر محبت ۽ عقيدت سان ڪيو آهي، فقير نانڪ يوسف سچل جي وفات تي هڪ ڪافي چئي آهي جنڪا هيٺ ڏجي ٿي :

ڪافي

محبن ڪي خوشي آئي، چڙي فنا ڪي بقا سڏاڻا

1- باقي ٿيڙا وڃي بقا ۾، پرين پنهنجي سير لقا ۾،
هاديءَ ڪي سڏ سياڻي، سچي صاحب سچ سيباڻا.

2- منجهه حضور هاديءَ جي يارو، ظاهر باطن نينهن نظارو،
مٽي مرشد چٽ چلائي، سڻي عاقل ٿين اياڻا.

3- پنهنجي پرين پاڻ گهرايا، هت بہ هاڪي ڏيهہ سڪايا،
مڙي ملڪن سيج وڇائي، پنجن تنن يارن من ڀاٽا.

4- حورن ڪيڙا هار هزارين، خاطر پرين بي انت اپارين،
غيبئون عشق الائي، "عند مليڪ مقتدا" يار ٽڪاٽا.

5- ٻارهن سئو ٻائيتاليهہ تياري، چوڏهين رمضان هجري هسواري،
واڳ وطن تي ورائي، ڏيئي عشق اولاٽا.

6- يوسف يار سچل ڪيو فراقي، موٽي ملندا تيندا اوطاقي،
اها ڳالهہ برهہ آڳائي، روئن نانڪ نيڻ نماٽا.

فقير غلام حيدر شر وفات 1894ع

فقير غلام حيدر، نانڪ يوسف جو طالب هيو. فقير غلام حيدر جي سچل سان بہ ساڳي محبت ۽ عقيدت هئي، هيءَ ڪافي بہ فقير صاحب سچل سائينءَ جي وفات تي چئي آهي، جيئن ڪافيءَ جي ٽلهہ مان معلوم ٿئي ٿو.

ڪافي

سچل موٽ سڏن تي وٺيون نہ وجهجن ميان!
جهڙا تهڙا پرين پانهنجا، ڇني نا ڇڏجن ميان!
ٻيڙيءَ چاڙهي سپرين، چرم نا ڇڏجن ميان!
اوٺا پوٺا پرين پنهنجا، پير پري پڇجن ميان!
پڳهہ جي نہ پريت جا، تاڻي توڙڪجن ميان!
"قبول محمد" قرب جا هيٺن هٿ ڏجن ميان!
"غلام حيدر" غير جا لوڏي لاهہ ڪيجن ميان!

سچل جي وفات وقت"قبول محمد" اول سجاده نشين هو.

گهرام فقير جتوئي

گهرام فقير پڻ سچل جي صحبت مان رڱجي ريٽو ٿيو هيو. ان

پڻ سچل جي وفات تي ارمان ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو آهي.

ڪافي

هو سچو سالڪ سچل، دانهه درازي در هيو

1- ساوڪ تي ساٽيهه تي، مينهن محبت جا اٿا،
جن فيض فلڪن تي رکيا، هادي حضوري حر هيو.

2- هندو هزارين مسلمين، معراج لئي سڪندا رهيا،
جن حوض ڪوثر مؤن چکيو پيتو پيالو پرهيو.

3- قنڌار ۽ ڪابول ۾، ڪشمير ۽ ايران ۾،
هر ڪنهن سٽيو هر ڪنهن ڏٺو، گهرام غازي گرهيو.

بيدل فقير

جيتوڻيڪ فقير قادر بخش بيدل سچل جو طالب ڪين هيو، پوءِ به سچل لاءِ کيس بي انتها محبت ۽ عقيدت هئي. سندس هي ڪافي بيحد مشهور آهي.

ڪافي

عشق جو يارو درازن ۾، عجب اسرار هو،
مست سالڪ شهه سچو، عارف اتي اظهار هو.

Gul Hayat Institute

1- برهه جي برسات جو، تنهن وير تي وسڪار هو،
ظاهر و باطن تنهين وٽ، درد جو ڏڪار هو.

2- مرد سو منصور وانگر، عشق جو اوتار هو،
وجد وحدت ۾ سدا، خاصو تنهين خمار هو.

3- منجهه سخن تنهن جي، الوهيت سندو آثار هو،
جنگ، جذبي موج مستي ۾ شل عطار هو.

4- پنهنجي رائي سان پرين، نوري ورهه نروار هو،
وصل جي پوءِ موج ماڻي، ذوق جو ذخار هو.

5- طور ٻارهن سئو ٻائيتاليهه ۾ تيار هو،
چوڏهين رمضان جي هادي پرن هسوار هو.

عبدالله فقير ڪاتيار

سچل سرمست سنڌ گورنمينٽ لائبريريءَ ۾ هڪ ڪافين جو بياض موجود آهي، جنهن ۾ عبدالله نالي شاعر جي ڪافي موجود آهي. عبدالله نالي سچل جو استاد به هيو مگر اهو درويش سچل جي وفات کان اڳ 1222هه ۾ فوت ٿيو آهي. جنهن جي وفات جو قطعو خود سچل منظوم ڪيو هو، جيڪو فقير صاحب جي مزار تي درگاهه درازا ۾ لڳل آهي. هن ڪافيءَ مان پائنجي ٿو ته هيءَ ڪافي عبدالله ڪاتيار جي آهي، ڪافيءَ جي مفهوم مان به معلوم ٿو ٿئي ته ڪافي سچل جي وفات ڪانپوءِ جي رچيل آهي. سچل 1242 هجري بمطابق 1827ع ۾ وفات ڪئي ۽ عبدالله ڪاتيار سنه 1250هه ۾ وفات ڪئي آهي.

ڪافيءَ پڙهڻ ڪانپوءِ پڪ ٿئي ٿي ته فقير کي سچل سان بي پناهه محبت هئي ۽ عبدالله فقير سچل کان متاثر هيو، البت مريد پير صاحب پاڳارن جو هيو.

ڪافي

هڻ جو ديواني ٿيان،
سچو يار دي خاطر سيان!

1- نه پاندي چڪني دي چولي، چاڪيتم اولي گهولي،
ڏيکو وچ ڏکين دي پيان، سچو ياردي خاطر سيان!

2- ڪاوڻ سبهي نا پيوڻ، جاني بنا ڪيها جيوڻ،
رنگ روپ ڪنون جو رهيان، سچو يار دي خاطر سيان!

3- عشقئون عبدالله ۾ آهين، ماران مئن سنجهه صباحين،
نيئي وهاڪي نيان، سچو يار دي خاطر سيان!

Gul Hayat Institute

موريو فقير سومرو

موريو فقير سومرو ميرو خان تعلقي جو ويٺل ۽ سخي قبول محمد (پيو) جو طالب هيو. بيدل جي ڪافي جڏهن فقير صاحب جي ڪن تي پئي تہ فقير جي جذبي جوش ڪاڍو. بيدل جي ڪافيءَ جو مفهوم هيو تہ عشق جو درازن ۾ اسرار هيو، هينئر ناهي، مگر موريي فقير ڪي درازن ۾ ساڳيو سچل وارو رنگ ڏسڻ ۾ ٿو اچي ، تنهن ڪري موريي فقير پنهنجي جذبن جو اظهار هن ريت ڪيو.

ڪافي

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار آ،
نينهن جو نعرو نئون اڄ تائين نروار آ.

1- شوق شريعت منجهہ طريقت ۽ حقيقت هسوار آ،
معرفت ميدان ۾ سورهيہ سخي سردار آ.

2- ڪونتل ڪڏائي عشق جو چو طرف چوڌار آ،
”طالب المولي مذڪر“ ترڪ دنيا دار آ.

3- نظر ناڪسن گوهر متو غمخوار آ،
گل حسن، طالب علي، ڏس جند وڏو جنسار آ.

4- هردم بهاري برهہ جي وحدت سندو واپار آ،
ساري فقر جو سرگرو مظهر علي مختيار آ.

5- ظاهر سچل باطن سچل جي سپ سندس سينگار آ،
غير تون چاڙين متان اولي ابر انوار آ.

6- سڏ سڻي سانگي اچن ديدار تو درڪار آ،
پرت جو پيالو ڏيو ”موريو“ مگڻهار آ.

Gul Hayat Institute

جاڳي ته سوئي بادشاهه

سنڌ کي قدرت اڪيچار نعمتن سان نوازيو آهي، سندس ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ جنهن وسيلي قديم زماني کان سنڌ جا سجاڻ واپاري ڏورانهين ڏيهه کان ججهو ناڻو ڪمائي، سنڌ ۾ محل ماڙيون اڏي سنڌ جي سونهن ۾ اضافو آڻيندا هئا. اولهه ۾ جابلو سلسلو پنهنجي پيٽ ۾ بي بها معدني وسيلا سانديي سنڌين جي خوشحاليءَ جي علامت بڻجي سگهي ٿو. اوپر ۾ ڪڇ جو رڻ دشمن کان بچاءَ جو ڪم سرانجام ڏئي رهيو آهي. ايشيا جي وڏي ۾ وڏي ڊنڊ منڇر به سنڌ ۾ آهي، جتي مڇيءَ وسيلي سنڌ جا مهاڻا پنهنجو پيٽ سهڻي نموني پالي سگهن ٿا. ان کان سواءِ سڄي دنيا جا پکي موسم آهر سنڌ ۾ اچن وڃن ٿا.

سنڌ، جنهن مان مديني جي مير کي ٿڌي هوا جي هير محسوس ٿي هئي، ان سنڌ ۾ اهڙا درويش صوفي ۽ سنت پيدا ٿيا جن هميشه حق جو هوڪو ڏئي سنڌين کي محبت ۽ ايڪتا جو درس ڏنو. انهن درويشن مان اسان جو بيدل سائين جو نالو به سرواڻ صوفين جي سٽ ۾ ڳڻجي ٿو، جنهن محبت کي مذهب ۽ دوئيءَ کي دجال سڏيو هو. نئن ته صوفين تي عام پڙهيل طبقو اهو الزام ڏريندا آهن ته صوفين منهن مُونن ۾ وجهي غربت سان گذارڻ جو ڏس ڏنو آهي، مگر انهن درويشن جو پيغام پڙهندي معلوم ٿئي ٿو ته هو پنهنجي وقت جا وڏا سجاڻ ۽ وطن دوست هئا. انهن عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ، پاڻ سڃاڻڻ لاءِ ڀرپور ڪاوشون ورتيون ۽ سهڻو ڪردار ادا ڪيو.

Gul Hayat Institute

سنڌ ۾ پھريون صوفي شاعر جنھن جو ڪلام ججھي انداز ۾ مليو آھي اھو آھي قاضي قادن. جيڪو سخت مذھبي قسم جو ماڻھو ھيو، سرڪار وٽ بہ سندس ھلندي پڄندي ھئي، پر جڏھن سندس ياڳ کليو تہ ھن جي اندر ۾ ازلي ۽ روحاني جاڳرتا آئي تہ ھن ڪتابي عمل مان ڪابہ ھڙ حاصل ٿيندي ڪانہ ڏٺي تہ وڏي واڪي چيائين:

ڪنز قدوري ڪافيا، پڙھي پروڙين سڀ،
ڪَر مندي ماڪوڙي، ڪوھہ ۾ پئي ڪڇي اڀ.

اِھا ساڳي حقيقت بيدل سائينءَ ھيئن فرمائي:

اڪران دي وچ جوئي اڙيا، عشق دي چاڙھي مول نہ چڙھيا.

پر اھا ڳالھہ قاضي قادن تڏھن چئي، جڏھن ڪيس اندر مان اشارو مليو:

جوڳيءَ جاڳايوس، ستو ھوس ننڊ ۾،
تھان پوءِ ٿيوس، پريان سندي پيچري.

جوڳي علامت آھي، ڪنھن رھبر جي ۽ جاڳائڻ علامت آھي روحاني باشعور ٿيڻ جي. جاڳڻ جو ذڪر سيني شاعرن ڪيو آھي. شاھہ عبداللطيف فرمائي ٿو تہ:

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي عبداللطيف چوي، مٽيءَ لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، اچيو آڳھہ ان جي.

پر اتي سچل سائين ھيئن ٿو فرمائي:

جاڳڻ آھي جنجال، ننڊ تہ ناز پرينءَ جو،
سمجھي ڪو سچيڏنو چوي، ھاديءَ وارو حال،
خاصو رکين خيال، تہ سمھڻ مان ئي سڌ پوي.

جاڳڻ جي عظمت پنھنجي جاءِ تي سچل چوي ٿو تہ ”جيڪڏھن خيال

پاڪ ۾ سهڻو آهي ته سمهڻ مان به سڏ پئجي سگهي ٿي“. ننڊ جنهن ڪي سيني صوفين غفلت جي علامت ۾ موت جي پيڻ سڏيو آهي، ان لاءِ بيدل سائين هيئن به فرمايو آهي:

سلطان سپني ۾ ڏسي، جيئن پاڻ ڪي پينار ميان،
جاڳي ته سوئي بادشاهه، الحق حڪومت دار ميان.

ڇو ته خواب يا سپنو جيستائين ننڊ آهي ته اهو حقيقت ئي آهي، جيئن بادشاهه ننڊ ۾ هجي ۾ خواب ڏسي ته هو بادشاهه نه پر پينار آهي پر جڏهن ننڊ مان جاڳندو ته پاڻ کي بادشاهه ئي سمجهندو. اهڙو انسان به جيڪڏهن ننڊ (غفلت) ۾ هوندو ته هو پاڻ کي ڪجهه به نه سمجهندو پر جڏهن جاڳندو پر شعوري طرح ته هو به پاڻ کي ٻانهو نه پر مالڪ ئي سمجهندو. اتي عبد معبود آ جوئي سائين ٻانهو سوئي نظر ايندو. قطرو قلزم ۾ سمائبو ته اهو قطرو نه پر بحر بي ڪنار ٿي ويندو.

Gul Hayat Institute

عشق ڪيم اظهار

سڀ ساراهه ان صاحب کي سونهي، جنهن انسان کي ”اني جاعل في الارض خليفه“ (تحقيق مان زمين تي نائب موڪلڻ چاهيان ٿو) جو لقب ڏئي ملائڪن جو مسجود بنايو. سڀ واکاڻ ان واحد حقيقيءَ کي جنهن انسان کي ”لقد ڪرمنا بني آدم“ (تحقيق انسان کي شرف وارو ڪيوسين) جو تاج پهرايو. جنهن محبوب لم يزلي ”لقد خلقنا الانسان في احسن تقويم“ جو شرف بخشيو. اهي سڀ لاثاني پر صوفياءِ ڪرام وٽ جيڪو شرف انسان کي ازلي ورثي ۾ مليو هي آهي (ترجمو): ”بيشڪ اسان آسمانن، ملائڪن ۽ جبلن کي امانت آڇي پر انهن کڻڻ کان انڪار ڪيو“. صوفين سڀني ان امانت مان مراد ”عشق“ ورتي آهي، جنهن کي انسان ئي چمي چشمن تي کنيو. حافظ شيرازي ان لاءِ فرمائي ٿو:

”آسمان بار امانت نتوانست کشيد،
قرعءِ فال بنام من ديوانه زدند.“

سچل سائينءَ به ان اثر هيٺ چيو ته:

”اها امانت عشق والي نهين ميسر ملڪان“

اها ساڳي تند بيدل سائين به تنواري:

بار برهه تا باري جو چاتا، عرش ملڪ افلاڪ نه چاتا
عشق سارا سر تي اٿايا.

خسرو ساڳي حقيقت هن طرح تو بيان ڪري:

Gul Hayat Institute

خسروا در عشقبازي، ڪم ز هندو زن باش
ڪر برائي مرده سوزد، زنده جان خويش را.

بيدل اهو ساڳيو خيال هن طرح ٿو سمجهائي:

”هندو زال ڪان هيٺ نہ ٿي، جي طالب آهين تڪرار،
ماٺ ڪري پئو مچ ۾، عاشق ڇڏ اختيار،
آهيان مان اسرار، عالم ليڪي آدمي،
عرشئون اچي اتهين، عشق ڪيم اظهار.

سچل بہ عشق جي منصب کي اکين تي رکي فرمايو:

عشق لڳي تہ ڪر آمين، نا منجهہ ڪفر نا منجهہ دين.

پر بيدل فقير بہ عشق کي اکين تي رکي لک شڪرانا ٿو ڪري:

عشق عطا ڪيائون توکي، بيدل ڪر شڪرانا.

بيدل سائين عشق جي واکاڻ ڪندي فرمائي ٿو تہ عشق امام، محمد ۽ مهدي آهي، جيڪي دل ۾ دغا ۽ دوئي رکن ٿا اهي دجال آهن:

عشق امام ’محمد‘ مهدي، دوئي اٿي دجال.

پر بيدل فقير وڏو عالم هيو، ماڻهو کيس بزرگ سمجهندا هئا پر جيئن شاهہ لطيف فرمايو:

عقل مت شرم، ٽيئي نينهن نهوڙيا

ائين بيدل سائين بہ فرمائي ٿو تہ:

بدنامي دي پڳ تي ٿهندا، ڦٽ لعنت دا ڦل پلا،
برهہ بزرگ ساري نيتي، تنهن ڪون آکيوسي چل پلا.
يا
برهہ جا بار بدناميون، چمي چشمن تي چاياسي،
بزرگيءَ کان پڇي بيدل رنديءَ جا رنگ رچاياسي.

اهڙي بزرگي، پيري ۽ مشائخي کي سچل بہ ننديو آهي:

”عاشق ٿيوين مشائخ نہ ٿيون، ڪها ڪم تنهين وچ،
بزرگ شيخ مشائخ يارو، نا مخدوم ٿياسي“.

عشق اعليٰ منصب آهي ان لاءِ شينهن جي دل گهرجي فارسيءَ ۾ بہ ڪنهن درويش چيو آهي تہ:

جگر شير نہ دارد، سفر عشق م ڪُن.

چو تہ پرينءَ وٽ پهچڻ جو ذريعو فقط عشق ئي آهي. شاهہ صاحب بہ چيو آهي تہ:

پاڻ مَ ڪڄ پاڻ سين، وسيلا وڃاءِ،
عشق ساڻ اناءِ، پير پريان جي پار ڏي.

چو تہ جن جو عشق هادي، رهبر اڳواڻ آهي ان کي ڪو بہ گمراهہ ڪري يا ڀلائي نہ ٿو سگهي، خود بيدل سائين چوي ٿو تہ:

جنهن نون عشق بتاوي راهہ،
تنهن نون ڪون ڪري گمراهہ.

بيدل جي محبت ۽ عشق جو معيار هنن سٽن مان بہ ظاهر آهي.

مک ماهي دا ڪعبا قبلا عشق امام حقاني،
زهد عبادت تقويٰ تاون، اعليٰ عشق رباني.

ظاهري بزرگي ۽ پارسائي عشق جي آڏو هيچ آهن. خوش خير محمد فقير بہ فرمائي ٿو تہ عشق تقدير آهي، ان کي ڪائي تدبير ٽاري نہ ٿي سگهي:

عشق سارا تقدير، متان ڪو تدبير هلائي.

عشق سائين تہ اجان ہ وڪون اڳتي هيئن بہ چوي ٿو:

عشق لڳا مبارڪ هووئي، اها دعا فقيران دي آهي.

Gul Hayat Institute

علامہ اقبال بہ فرمائي ٿو تہ موجوده زماني جا علم ۽ فن خدا وٽ پهچڻ ڪان روڪين ٿا:

دانش حاضر حجاب اڪبر است،
بت پرست، وبت فروش و بت گراست.

ساڳي طرح دنياوي عقل بہ انسان کي گمراهہ ڪري ٿو ۽ ان جو مڪمل علاج آهي عشق:

علم عقل ڪان ٿي پري، سڪ سوز جي صلاح ڪر،
مذهب واري قيد ڪان بيدل عشق ڪندو آزاد.

مولانا رومي جو اثر سنڌي صوفي شاعرن تي گهڻو رهيو آهي. سندس مثنويءَ جي مقبوليت جو اندازو ان ڳالهہ مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ شاهہ لطيف بہ سفر ۾ مثنوي شريف کڻندو هيو. بيدل سائين تہ فارسيءَ جو يگانو عالم هيو. مولانا روم عشق جي تعريف ڪندي فرمائي ٿو:

شاد باش اي عشق خوش،سودائي ما،
اي طبيب جملہ علت هائي ما،
اي دوائي نخوت ناموس ما،
اي تو افلاطون وجالوس ما.

Gul Hayat Institute

ان خيال جي تائيد بيدل سائين هيئن ٿو ڪري:

عشق هي پير پيغمبر ميڏا، عشق هي هادي رهبر ميڏا،
عشق هي حيدر ميڏا، عشق هي ميڏي پشت پناهہ.

عشق جو بيدل سائين ايستائين گهوارو آهي جو فرمائي ٿو:

”بيدل برهہ جيهي ڪائي چيز نهين، چاندا قسم پلي قرآن دا مين“

روشن علي شاهہ تہ ايستائين وڏي واڪي چوي ٿو تہ عشق اسان کي ان مرتبي ۽ منزل تي پهچائي ٿو جت ملائڪ سڀورا بہ پهچي نٿا

سگهن.

عشق چڙي ٿو ته پهچائي، جاءِ جبريل جي جت ناهي،
پوريل در توڪلي، جڏهن عشق اچي انسان ۾.

بهرحال عشق خدا جي امانت آهي جنهن کي عطا ڪري.

Gul Hayat Institute

سک نہ ستا کڏهين

ڪاهوڙيءَ جي لفظي معنيٰ آهي، ڏٿ تي گذران ڪندڙ. ڏٿ ڏوريندڙ، جبلن تي ڏٿ ڳوليندڙ، ڪيتيءَ وارا، مال وارا، محنتي، اورچ، منتر باز ۽ منڊ رکندڙ ۽ ڏٿ جو مطلب ۽ مقصد آهي جهنگلي اَن يا ميوو سائون، مانڌاٽو ۽ مڪٽي گاهن مان اَن ڪري تري ماڻهو ماني پچائي يا پيٽ رڌي ڪائيندا آهن.

ڪاهوڙيءَ نالي ڪابہ راڳڻي نہ آهي، تنهنڪري پانئجي ٿو تہ اِهو نالو مضمون جي مطابقت ۽ مناسبت سان انهيءَ سُر تي پيو آهي. ڪاهوڙيءَ جو مطلب آهي ڏک سک ۾ ڏونگر ڏورڻ، جبل جهاڳڻ، ورچي نہ ويهڻ ۽ جهڙي تهڙي حال سان ڪشالا ڪڍڻ اهوئي سبب آهي، جو شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ سسئيءَ جي ڪاهوڙين سان پيٽ ڪئي آهي، ڇو تہ سسئيءَ جو بہ پنهنجي پرينءَ سان ازل جو پيچ پيل هئو. شاهہ لطيف تنهنڪري چيو آهي تہ:

منڍ نہ منجهان تن، پسي لوڪ لڏن جي،
جا پر ڪاهوڙين، سا پر سکي سسئي.

ڪاهوڙين جي لاءِ محترم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو تہ "سر ڪاهوڙيءَ جي روحاني معنيٰ کي نظر ۾ رکڻ سان گڏ ظاهري مضمون موجب بہ شاهہ صاحب غريبن جي ڪشٽ ۽ جدوجهد جو جيڪو نقشو لفظن ۾ ڪڍي ٿو سو هڪ انسان دوست ئي ڪڍي سگهي ٿو".[1]

شاهہ لطيف ڪاهوڙين جي اڻٽڪ جدوجهد محنت ۽ سادگيءَ جو

Gul Hayat Institute

نقشو هن طرح چٽيو آهي:

سڪا منهن سندن، پيرين پراٽا ڪيترا،
سا جوءِ ڏوري آيا، سونهان جت منجهن،
ڳجها ڳجهيون ڪن، تهان پراهين پنڌ جون.

ڪاهوڙي نهايت سادا عام انسان آهن، جن جا بک ڏک تي منهن بہ سڪي ويا آهن ۽ پيرن ۾ پراٽيون جتيون پر اهي سادا ڪاهوڙي اهڙا باشعور باهمت ۽ پرعزم پانڌيئڙا آهن، جو اهو ڏيهہ تا ڏورن جتي سونهان بہ منجهيو تا پون پر ڪاهوڙي اڃا بہ پراهين پنڌ جا احوال تا ڪن.

لطيف جي سموري شاعري علامت نگاريءَ جو شاهڪار آهي. ڪاهوڙي علامت آهي، محنتي شخصيت جي جنهن جو پنهنجي محبت ۾ ايمان آهي. هو ڏک سک، سردي گرمي ۾ پنهنجي منزل مقصود ماڻڻ جي لاءِ ڪوشان ۽ سرگردان آهي:

ڪاهوڙين ڪٽي، ساجهر ٻڌا سندرا،
ڏوريندي ۾ ڏونگرين، ڪيائون پاڻ پٽي،
ڏکن ڏيل هٽي، ڇيهہ لڌائون ڇپرين.

ڇو تہ هنن جو محنت ۽ پورهئي ۾ ايمان آهي. ڪاهوڙي ڏونگر ڏوري جاڻڻ ۽ گهر ويٺي پاڻ گهرڻ وارن مان نہ آهن.

جي ڪو ڏٽ ڪري، تہ ڏونگر ڏورڻ ڏاکڙو،
ڇپر ڪين ڏئي، سوڪڙيون ستن ڪي.

عام سنڌي ماڻهو آسائش طلب ۽ سهل پسند آهي، تنهنڪري انهن عام ماڻهن لاءِ اهو رستو جو ڪائنتو آهي پر جن جي جاکوڙ ۽ جدوجهد ۾ يقين ڪامل آهي تہ انهن لاءِ ٻيلو بہ ورانگهون آهي، اهي جتان وڃن اتان رستو آهي:

ويجهو وڃ ۾ وات جي، ڪهج ڏنهن ڪوات،
اجهي منجهان آت، آديسي تي آءُ تون.

Gul Hayat Institute

جيڪي گهيڙ ڏسي ۽ پوءِ گهرن ته انهن جو عشق عام رواجي آهي پر جن ڪي عشق جو اصلي آزار آهي ته اهي جتان به اچن اتان رستو ڪليو پوي.

گهڙن جي گهيڙاءُ، تانگهو عشق تن جو،
ايندیون اوتڙاءُ، جن ڪي عشق عليل ڪيو.

۽ انهن ڪاهوڙين جو پنهنجي ڏت ڏورڻ ۽ جبل جهاڳڻ سان دل جو لڳاءُ آهي، ڏوراهين منزل ڏورڻ لاءِ ڪو به وهٽ نه تا ڪٽن.

ڪٽن نه ڪيڪان، پنڌ پراهين هليا،
ڏوتيئڙا ڪنهن ڏت ڪي، جنبيا ڏنهن جابان،
ڪاهوڙين اهڃاڻ، انگ نه سڃي اڳڙي.

شاهه جي سورمن ۽ سورمين ۾ هڪ ڳالهه عام آهي، اها آهي ارادي جي پختگي جيڪي ڪاهوڙين جو دستور آهي هر پنهنجي عمل ۾ سچا ۽ عزم جا پڪا ۽ اٽل آهن.

مون ڪاهوڙي لڪيا، گهرين نه گهارين،
واحد لڳ ولهن ۾، وريو جر هارين،
گوندر گذارين، جيئن ڏوتي گڏ تيا.

Gul Hayat Institute

شاهه لطيف جي سورمن ۽ سورمين جو ذڪر ڪندي، ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ هڪ نئين نقطي ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي ته. ”شاهه لطيف وٽ اجتماعي سورما به آهن. اجتماعي سورمن مان منهنجو مقصد آهي ته ڪو به هڪ شخص سورمو نه آهي، جيئن پنهون يا ٻيجل آهي پر ان جي بجاءِ هڪ گروهه يا هڪڙو ٽولو ڪن خاص عادتن، خاصيتن، لاڙن وارن ماڻهن جي ٽولي يا گروهه ڪي گڏي مجموعي طور تي شاه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ سورمي جي حيثيت ڏني آهي. مثلاً ڪو به ماڻهو انڪار نه ڪندو ته سر ڪاهوڙيءَ جا ”ڪاهوڙي“ سورمن جي حيثيت نه تا

رکن. ان سر ۾ ڪاهوڙي هڪ فرد نہ آهي پر هڪ گروهہ آهي، جيڪو ذات جي تلاش ۾ آهي سڀ ڪاهوڙي سورما آهن.“ (2)

جت پکيءَ نہ پير، تت تمڪي باهڙي،
هيو هاريندو ڪير، ڪاهوڙي ڪير ري.

پورهيت اها پلاري ۽ اهم هستي آهي جنهن جي هٿن کي شاهہ لطيف ”سون سريکا هٿڙا“ سڏيو آهي. انهن هٿن جي هاج جي طفيل ئي انسان ترقيءَ جون سڀ منزلون طئي ڪيون آهن.

مددي ڪتاب

1. ڪلياڻ آڏواڻي، ”شاهہ جو رسالو“ مڪتبہ برهان اردو بازار، ڪراچي.
2. تنوير عباسي، ”شاهہ لطيف جي شاعري“ جلد هيو نيو فيلڊ پبليڪيشن. 1985ع.
3. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1983ع.

Gul Hayat Institute

غلام حيدر فقير شر ۽ سندس خاندان

سموري سنڌ سدائين عالمن، عارفن، صوفين ۽ شاعرن جو ديس رهي آهي، پر تنهن هوندي به جيڪڏهن هرهڪ ضلعي وار صوفين ۽ شاعرن جو ڪاتو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته ضلعي خيرپور ۾ درويش ۽ شاعر سوايا پيدا ٿيا آهن.

خيرپور رياست جي والي مير صاحبن مان گهڻا ته پاڻ به شاعر هئا پر هتان جا مڙئي ٽالپور، درويشن جي احترام ۽ شاعرن جي قدرداني ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا.

درازي درويش، پاڳارا پير، ڪنڊڙيءَ جا ڪلتار ۽ کهڙن جا مخدوم، اهي چند نامور خاندان آهن، جن جا اڪثر چشم و چراغ علمي تدبر، صوفياڻي مزاج ۽ بلند پائي جي شاعريءَ سبب، سنڌ جي علم و ادب جي تاريخ ۾ هڪ نمايان مقام رکندڙ آهن.

Gul Hayat Institute

درازا، پير ڳوٺ، ڪنڊڙي ۽ کهڙن جي درگاهن جا ڏٽي نه رڳو پاڻ عمدا شاعر هيا، پر انهن جي مريدن ۽ معتقدن ۾ به اسان کي اڪيچار اهڙا خاندان نظر اچن ٿا، جن وقتن بوقتن شعري ادب کي مالا مال پئي ڪيو آهي.

چڙو درازن جي درگاهه سان واڳيل خاندانن ڏانهن ئي نظر ٿي ڪجي ته لاڙڪاڻي جا قادري، شڪارپور جا مغل ۽ شيخ، روهڙيءَ جا قاضي، کهڙن جا اڄڻ، نانڪ يوسف جا پس مانده ۽ ميرواهه تعلقي جا شر فقير، شاعريءَ جي آسمان جا سدا درخشنده ستارا نظر اچن ٿا. اڄوڪي

صحبت ۾ اسان درگاهه ڊرازا سان وابستگي رکندڙ جنهن خاندن جو ذڪر ڪري رهيا آهيون، سو آهي خيرپور ضلعي جي ميرواهه تعلقي جو فقير غلام حيدر شر ۽ سندس خاندان!

1_ فقير غلام حيدر شر

فقير غلام حيدر ولد قائم خان شر 24 رمضان، 1225هه/ 1800ع ڳوٺ مينگهو فقير شر ۾ ڄائو. قرآن شريف پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي ۾ پڙهيو ۽ فارسي، عربي تعليم هنگورجن جي مدرسي مان حاصل ڪيائين.

هڪ دفعي فقير غلام حيدر، ميان عبدالرحمان مهيسر ويٺل ڳوٺ ڪمال پور تعلقو گمبٽ سان ملاقات ڪرڻ ويو. آخوند صاحب ساڻس هنگورجن جي مدرسي ۾ گڏ پڙهيو هيو. آخوند عبدالرحمان مهيسر کيس ٻڌايو تہ ”هتان توري مفاصلي تي هڪ درويش نانڪ يوسف رهي ٿو. جيڪو سچل سائينءَ جو طالب آهي، تنهن ڪري هلي فقير نانڪ يوسف جو ديدار ڪجي.“ پوءِ آخوند عبدالرحمان ۽ فقير غلام حيدر اچي نانڪ يوسف جي ڪچهري ۾ پهتا، جتي اڳ ئي فقراءُ جو ميلو متل هيو. فقير صاحب ۽ آخوند صاحب روح رهاڻ ڪري آخرڪار نانڪ يوسف ڪان موڪلائڻ لڳا. موڪلائڻ مهل آخوند عبدالرحمان، نانڪ يوسف کي چيو تہ ”ابا! اٿين ئي ٿيندو جئين اوهان چاهيو ٿا.“ وري فقير غلام حيدر عرض ڪيو تہ ”قبلا! مون کي الاهي عشق مان بهرو ڏيار.“ اهي لفظ ٻڌي يوسف فقير پڙڪو ڏئي اٿيو ۽ غلام حيدر فقير کي سيني سان لائي چيو، ”ٻچا! اهو ئي ٿيندو جيڪو تو گهريو.“ ان ڪان پوءِ فقير غلام حيدر جو پيچ نانڪ يوسف سان تاحيات قائم رهيو ۽ اڄ تائين درگاهه غلام حيدر فقير جا نانڪ سائين جي درگاهه سان تعلقات قرب ۽ محبت وارا آهن.

Gul Hayat Institute

غلام حيدر فقير جي ڪلام ۾ مرشد سان عقيدت

جهڙيءَ طرح نانڪ يوسف پنهنجي ڪلام ۾ سچل سائين سان محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو آهي، ساڳي طرح غلام حيدر فقير به پنهنجي ڪلام ۾ نانڪ سائين سان محبت ۽ عقيدت جو جابجا اظهار ڪيو آهي.

نيهن تہ نانڪ شاھ جي ذوق وڃايو زنگ

فقير غلام حيدر هڪ سڄي ڪافيءَ ۾ صرف نانڪ سائينءَ جي صورت ۽ سيرت جو نقشو چٽيو آهي:

حسن لايا هل، ننگي نانڪ شاھ جي،
آئي آري ڄام جي، معاف ٿي آ مشڪل،
ننگي نانڪ شاھ جي.
محبن جي مجلس ۾ گفتي ۾ گل گل،
ننگي نانڪ شاھ جي.
اڄڻ ساڻ عجيب جي پوَلتا پل پل،
ننگي نانڪ شاھ جي.
اديون مون گهر آيو، عشق ڪري هل هل،
ننگي نانڪ شاھ جي.
غلام حيدر غير ويڙو، پور چڙهيا پل پل،
ننگي نانڪشاھ جي.

فقير غلام حيدر پنهنجي مرشد فقير نانڪ يوسف (وفات 1853ع) جي حضور ۾ هڪ مناجات چئي آهي، جيڪا فقير صاحب دلي عقيدت ۽ مرشد سان محبت جي غمازي ڪري ٿي:

نانڪ شاھ نگاهون نوري، هردم يوسف يار حضوري،
نہ دم نہ دلبر ڪان ڪا دوري، آس ڪيو اڄي مون من پوري،
مربي ڪامل ماھ منير، مدد ڪندين تون مرشد ميرا!
عاشق مولا قطب ڪبير.

Gul Hayat Institute

غلام حيدر فقير جي ڪلام ۾ درازي درويش جو ذڪر:

جيئن تہ غلام حيدر فقير، نانڪ سائينءَ جو طالب هيو. نانڪ يوسف وري سچل سائينءَ جو خاص ٻالڪو ۽ مريد هيو. تنهن ڪري فقير غلام حيدر جي سچل سائينءَ سان بہ والهانا عقيدت هئي ۽ سچل کي فقير صاحب هادي، رهبر، مرشد ۽ ستگر سڏيو آهي:

1- سچل موٽ سڏن تي، وتيون نہ وجهجن،
ٻيڙيءَ چاڙهي سپرين، چر ۾ نہ ڇڏجن.

2- سرتيون سيباڻو ساهہ کي، سچو شهنشاهہ.

جڏهن سچل سائينءَ وفات ڪئي ان وقت درگاهہ درازن جو گاديءَ ڏڻي سخي قبول محمد اول هيو. تنهن ڪري فقير غلام حيدر سخيءَ جي در تي هن طرح سوالي آهي:

1- قبول محمد قرب جا هيٺن هٿ ڏجن.

2- سخي شاهہ قبول محمد قرارو، چوڏهن طبق ۾ آ جنهن جو نقارو،
توتي چت پنجتن سداتون سوپارو، هي غلام حيدر آ تنهنجو پينارو.

سخي قبول محمد اول جي وفات 1245هہ کانپوءِ ميان نظر محمد گادي نشين ٿيو. فقير غلام حيدر جي ان سان بہ عقيدت ۽ محبت ساڳي سچل سائينءَ واري رهي، جيڪا سندس هن ڪافيءَ جي ٻولن مان پڌري آهي:

نظر محمد نينهن جو ٻاريو اندر ۾ آڙاهہ.

ميان نظر صاحب (وفات 1252هہ) کي ٻہ فرزند هيا: وڏو خواجہ نجم الدين ۽ ننڍو ميان محمد غوث. ميان نظر محمد جي وفات کان پوءِ سندس وڏو پٽ خواجہ نجم الدين درازي مسند عشق تي جلوه افروز ٿيو.

ميان نجم الدين جي حضور ۾ فقير غلام حيدر هن طرح ٿو ٻاڏائي:

Gul Hayat Institute

1 – نجم الدين تي ننگ آهي مون مسڪين جو.

2 – نجم الدين جي نينهن نوازي، در تي دم دم منهنجي آزي.

ميان محمد غوث (وفات 1272هه) ولد ميان نظر محمد نهايت خوب صورت ۽ نيڪ سيرت هيو. سخا ۽ عطا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيو. سندس مزار طور سينا واري مقبري ۾ پنهنجي والد محترم سان گڏ آهي.

غوثل جي گفتار جو، ورهه وڏو مون کي ونگ.

بهرحال فقير غلام حيدر درازي درويش جو پڻ مريد صادق هيو.

فقير صاحب جو اولاد

فقير غلام حيدر ٻه شاديون ڪيون هيون، جن مان ڪيس ست پٽ ڄاوا، 1 - مينگهو فقير، 2 - علي مراد فقير، 3 - دين محمد فقير، 4 - در محمد فقير، 5 - خداداد فقير، 6 - ڳوڙو فقير ۽ 7 - غلام نبي فقير.

وقت جي حاڪمن سان لاڳاپا

فقير غلام حيدر جي وقت جو حاڪم، مير علي مراد خان پڻ عقيدتمند هيو. جنهن فقير صاحب کي جاگير ڏيڻي ڪئي. مگر فقير صاحب ان کي سڪو ٽُڪر سڏي وٺڻ کان انڪار ڪيو. فقير صاحب جو مقبرو پڻ مير علي مراد خان تعمير ڪرايو هو. جيڪو هينئر پوئينرن جي عدم توجه سبب خسته حالت ۾ آهي.

فقير صاحب جو شعر

فقير غلام حيدر سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ٻولين ۾ شاعري ڪئي آهي، جيڪا بيت، ڪافي، مولود، مدح، مناجات ۽ مرثين جي اصناف سخن تي مشتمل آهي.

Gul Hayat Institute

فقير صاحب جي ڪافين ۾ اندروني قافيي جو سٽاءُ ڏاڍو وڻندڙ ۽ دل کي ڇهندڙ آهي. جيئن:

چشم چال، ڪري ڏمال، دونها درد ڏکايا،
نينهن ناز، دلنواز عقل سات لٽايا.

هن مناجات ۾ پڻ اندورني قافيي جو سٽاءُ تمام سهڻي نموني نيايل آهي. جڏهن هيءَ مناجات ميان سرفراز عباسيءَ جي مشهور مداح، پلاڃار ، هن غلام جي پيران چيل آهي:

يا شاهہ، ڪرنگاهہ، علي شير خدا جا،
سٽي آهہ، ڪري ڪاهہ، اڇين نور نبيءَ جا.

هن ڪافيءَ ۾ فقير صاحب سنڌي اصطلاحن ۽ محاورن کي تمام سهڻي، سليس ۽ عام فهم زبان ۾ بيان ڪيو آهي:

جهڙا تهڙا پانهنجا ڇني نہ ڇڏجن،
ٻيڙيءَ چاڙهي سپرين، ڇر ۾ نہ ڇڏجن،
اوٺا پوٺا پانهنجا، پير پري پڇجن،
پڳهہ جي تہ پريت جا، تاڻي توڙ ڪجن.

مطلب تہ فقير غلام حيدر پنهنجي دور جو اهم صوفي شاعر هيو، جنهن جي فن ۽ فڪر تي سچل جي گهري ڇاپ آهي.

وفات

آخر هن درويش صفت صوفيءَ 1278هجري مطابق 1861ع ۾ هي مٽيءَ جو ملڪ ڇڏي پنهنجي رب ڪي پرتو. فقير صاحب جي وفات ڪانپوءِ سندس وڏو فرزند مينگهو فقير گاديءَ تي ويٺو. سندس چونڊ ڪلام پڙهندڙن کي هديو ڪجي ٿو.

Gul Hayat Institute

بيت

1- هادي آهه حڪيم، مولا ساري ملڪ جو،
سڀاجهو سين، پرين رازق رب رحيم،
اجهو آسيئڙن جو، قادر قرب ڪريم،
"لاتقنطو" ترهو، اجهو آهي عظيم،
غلام حيدر ناهه ڪو، آهي رب عليم،
ڪاڪيون! آهه ڪريم، لک چوراسي جوڻ ۾.

2- نيتان ڪيئن نماز، جو سڪ سنڌو ئي نه ڏئي،
"ونحن اقرب" ويجهڙو عشق ڪيا آواز،
"فاذ ڪروني اذڪر ڪم" رمز لڳي دم تاز،
ڪيو وحدت ويڙهه وجود ڪي پرت ڪيو پرواز،
"موتو قبل" محو تيا ڏسي نيڻن ناز،
"فاينما تولو فثم وجه الله" برهه بڇايا باز،
غلام حيدر غلبو ڪيو شوق شاهي شهباز،
ڪر سر ڏيڻ جا ساز، تونهين تند وڄاءِ تون.

3- روڳي رڪعتن ۾ اوري تا اڙجن،
عاشق لنگهيا اڳتي سورهه سر ستن،
رليا وڃي رند رام سان هو وينا وقت پڇن،
غازي وڃي گم ٿيا هو بيٺا منجهه ٽڪرن،
"ونحن اقرب" ويجهڙا ڀوڙا ڪين ڀڏن،
"لاتفقطو" ترهو عاشق عين ڏسن،
محبت جي ميدان ۾ پهل ڪئي پتنگن،
غلام حيدر غير جون ڪپيون لامون لاهوتين،
هو روزن منجهه رلن، هن ڪي هر دم ڏس حضور ۾.

Gul Hayat Institute

4- انـڏن ڪـي الله جـي ڪـل پـوي تـي ڪـانـ،
روڳي سپ رهجي ويا گـانـدو مـنـجـهـ گمان،
لنگهي لاهـوتـي هـلـيـا ڪـٽـي سـڪ سـامـان،
غـلام حـيـدر ڪـدي ڇـڏ تـون زهـد زيـان،
جي موج ڪيا مستان، سي جدا جالن ڪيـنـڪـي.

ڪافيون

اهـي آڏوتـي اٿـمـوٺ، رمـزان روز رلائـن تـا،
ڇـئـنـچـل چاڙهي چوٺ، سـرنـدا سـاز وڄـائـن تـا.
سوز سناسين سر تي چايو، محبت وارو مينهن وسايو،
يـجـي عـدم جـي اوٺ، جـلـدي جسـم جـلائـن تـا.
برهہ بيراڳي عاشق ڪيئڙا، نينهن نشانبر ناميان نيـڙا،
اسـم ذاتـي دم چـوٺ، سـامـي سـنـڪ وڄـائـن تـا.
عشق اليلان چوليون ڇتڪن، برهہ جا بادشاهہ دم دم اٽڪن،
گهور ڪيون ڏس گهوٺ، سورهيہ سر سنـيـائـن تـا.
غلام حيدر گر گرفتاران، لن ۾ لن ۾ لولي تانگهہ تـنـوارن،
يجـي ڪُـفـر جـا ڪـوٺ، مـرشـد مدد مـلـهـائـن تـا.

Gul Hayat Institute

(2)

سـامـي هـن سـنـسـار جـي سـڪ ۾ پـاڻ سـڪـائـن تـا،
سـڻ غـازيـن جـي گـفـتـار، لـوڪـان پـاڻ لـڪـائـن تـا.
موج مستيءَ جي جنهن سر آئي، تسبيون ڇڏي تيا ترت توائي،
انـهـن ڪـيـو اظـهـار، گـيـت انـا الـحـق ڳـائـن تـا.
لنگهي لهر ۾ پيا لاهوتي، نينهن ڪياسي نيئي ناسوتي،
چـيـر لايـو چـمـڪـار، روح ۾ رام ريـجـهـائـن تـا.
انـا احـمـد بـلامـيـمـي، رمـز ربـانـي رحـم رحـيـمـي،
جـيـئـن جـيـئـن بـرهـا بـار، سـامـي سـوز سـهـائـن تـا.

غلام حيدر غير وڃائي، لنگهيا لاهوتي ناد وڃائي،
ٿيا ملڪ ساري مختياري، نوبت نينهن وڃائن ٿا.

(3)

اسين پاڻ ڪان وياسي،
ڪنهن جاءِ بيءَ پياسي.
ونحن اقرب ويجهڙو،
اسان موتو مري جياسي.
هر دم هاديءَ حال ۾،
اسان نوبت نينهن نياسي.
جانب آيو جوءِ ۾،
اسان صدقي سر ڪياسي.
لاحد لولي يار جي،
اسان روحي رمز رلياسي.
غيرت ڳالهيون غير جون،
پيا وهم سڀ وياسي.
وحدت ويريون آئيون،
اسان سوريءَ صاف ٿياسي.
غلام حيدر گرسان،
هردم هڪ ٿياسي.
چشمن جوتان لائيون،
گوشي درد گڏياسي.

(٤)

عشق مچائي ذم ذام،
نرڪ تڏان اسلام ٿيوسي.
فوجان حسن ديان چوڦير چڙهيان،
مشرق مغرب مول نہ اڙيان،

دوست گهتيا دل دام،
جوشان دا كوجام پيتوسي.
نوبت نينهن دي بيرنگ بازي،
ماهي مليا دوست درازي،
اصلئون ها انجام،
رم رم وي وي رام رهيوسي.
انا احمد عشق اشارا،
بلا ميم نينهن نقارا،
محبت موج مدام،
عشق والا انعام ديوسي.
غلام حيدر گم صورت وچ،
مرشد والي ماهه مورت وچ،
هادي حق هنگام،
عشق ساڏا امام ٿيوسي.

(5)

عشق آيا اسرار، برهه بيدار كيتوسي.

نال ماهي مئن نيهڙا لايا، جهولي يار اساڏي سمايا،
برهه كيتا پڙكار، وحدت وسكار كيتوسي.

دم دم دلبر ديدان لايا، جان جسم وچ پڙكن باهيان،
ماهي مليا مختيار، تڏان سينگار كيتوسي.

ونحن اقرب لگڙا نعرا، آپي كيتا عشق پسارا،
لنؤ لنؤ وسدا يار، قتل كي كار كيتوسي.

غلام حيدر حيرت هوئي، لنؤ لنؤ وسدا يار اهوئي،
دوست مليا دلدار، اندر ديدار كيتوسي.

Gul Hayat Institute

2_ مينگهو فقير شر (1817_ 1895ع)

مينگهو فقير پٽ غلام حيدر شر، ڳوٺ مينگهي شر تعلقي ميرواهه ۾ 27 رجب، 1233هه/1817ع ۾ ڄائو. سندس اصلي نالو حبيب الله هو، پر پوءِ پٽس ڪيس هن ڪي درويش "مينگهي ڏنگراج" جي نالي سان سڏيو ۽ انهيءَ نالي سان مشهور ٿيو. اڻ پڙهيل هو، قرآن شريف جون ڪي آيتون ياد هئس جي پيو اچاريندو هو. شعر چوڻ پيءُ جي صحبت ۾ سکيو. مينگهو فقير حد درجي جو سخي ۽ رحمدل هيو. سندس در تان ڪو به سوالي هٿين خالي ڪونه موٽيو. مينگهي فقير جو ڪلام سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ٻولي تي مشتمل آهي، فقير صاحب بيت، ڪافيون، سي حرفيون، مداحيون ۽ مناجاتون چيون آهن، جيڪي پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

مينگهو فقير ميان نظر محمد (1201هه - 1252هه) جو طالب هيو، فقير صاحب اڪثر پنهنجي ڪافين ۾ درازي درويشن ۽ درازن سان محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو آهي:

1 - شعلو شاهه دراز جو،
مينگها مست مدام.

2- مينگها محفل مرد ملهائن، دست وٺي سي درد جڳائن،
درازي ديدار ڏسو.

3 -مينگها متارا موج ۾، پيالا پيتائون اوج ۾،
دم دم درازي فوج ۾، وحدت واديءَ ۾ غرق.

هي پڻ حقيقت آهي ته تصوف جا سڀ سلسلا حضرت علي عليه السلام کان شروع ٿين ٿا. سنڌ ۾ صوفي شاعريءَ جو بنياد ئي حضرت علي عليه السلام جي هن فرمان تي ٻڌل آهي ته "من عرف نفسه فقد عرف ربه" جنهن پاڻ سڃاتو تنهن ڄڻ ته رب کي سڃاتو. هر صوفيءَ پاڻ سڃاڻڻ جي تلقين ۽ تبليغ ڪئي آهي. سنڌ جي سڀني صوفي شاعرن حضرت علي عليه السلام سان پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو

Gul Hayat Institute

آهي. مينگهو فقير بہ انهن مان هڪ آهي. فقير صاحب پنهنجي ڪافيءَ ۾ پنهنج محبت ۽ بيوسيءَ جو بيان هن طرح ٿو ڪري:

جت هت نہ پڄي پير،
اتي ايندو علي شير.

عرش فرش ۾ حيدر هوڪو، ڳالهہ اها سمجهو لوڪو
تنهن جو ثاني ناهي ٻيو ڪو، ڪفر ڪنبائي ڪير.

قلندر شهباز سنڌ جي نامور هستين مان هڪ اهم هستي آهي، سنڌ جي اڪثر صوفي شاعرن قلندر شهباز جي شان ۾ گوهر افشاني ڪئي آهي. جن مان مينگهو فقير بہ هڪ هيو. مينگهو فقير هڪ ڪافيءَ ۾ چوي ٿو:

اڄي رس مير مروندي،
قلندر ڪر مدد منهنجي.

تنهنجي پيو پيش پينارو، سڄ هي عرض تون سارو،
سچا سيد تون سوپارو، نپائج ننگ تون ننگي.

مينگهي فقير کي ٽي پٽ هئا. غلام شاهہ، قائم فقير ۽ مراد علي. فقير صاحب 1895ع ۾ وفات ڪئي. سندس وفات بعد سندس مربي پٽ غلام شاهہ گاديءَ تي ويٺو. سندس ڪلام جو نمونو پڙهندڙن کي هديو ڪجي ٿو:

بيت

1- نفس وڏو نادان، وڙهج ويريءَ سامهون،
ڪل ڪتي جي رکي ڪوڪيو جنگي جوان،
مدعيءَ کي مهميز سان، پرزا ڪجي پاڻ،
"ڪل نفسٍ ذائقتہ الموت" اهو اتي اهڃاڻ،
مينگها مرشد ساڻ، وتي نہ آهي وار جي.

Gul Hayat Institute

2- ڪاڪيون ڪوهيار دل جي، ڪوڪ پوي ڪا ڪن،
اندر اوهيرا ڪري، محب وٺو آهي من،
طلب جون تارون لڳيون، لڳو راڳ رڳن،
مينگها مولائين، تڪيا ڪيا توحيد ۾.

3- تڪيا ڪيا توحيد ۾، ساجهر سويري،
مڃ مرشد جي ڳالهڙي تحقيقا تاري،
"موتو قبل انت موتو" انهيءَ اشاري،
جڏا جياري، مينگها آيو مصطفيٰ.

ڪافيون

عشق حسن اسرار ڏسو،
سر سوليءَ هسوار ڏسو.

چٽ پٽ چشمان چوٽان لائن، گهڙيءَ گهڙيءَ سي گهوران گهائن،
ناز نيٽن نروار ڏسو.

زوريءَ زلفان جادو لائن، مزگان مرچي آڻ آڙائن،
صاف سيني ستڪار ڏسو.

ابرو سيف ايراني اڙائن، ڪاڪل قاتل آڻ ايارن،
چشمن جا چمڪار ڏسو.
مينگها محفل مرد ملهائن، دست وٺي سي درد جڳائن،
درازيءَ ديدار ڏسو.

(2)

اکين اسرار جون ڳالهيون،
سوين چالا لکين چاليون.

اڙن چوڪيون اچي چوري، ظاهر ڪن زلف تا زوري،
برهه بيرنگ ڪئي پوري، ڪيان ڪهڙيون ڪنهن سان ڳالهيون،

Gul Hayat Institute

اڇن فوجان حسن پهريون، لڪين لاحد چڙهن لهريون،
چلائن چوٽ سين ڇهريون، ڪري بيداد سي پاليون،

لائن هينئڙي اندر هوري، وجهن اهڙي ڪٽي ڏوري،
هميشه هوند هڪ جهوري، نيڻن نوڪان آهن نراليون،

مينگها مرشد چيو چاري، اندر اورچ نه تي عاري،
جيئن جڳ سان گهمين ساري، جانب سان جوءِ ۾ جاليون.

(3)

رند روز رمزن ۾ رتا، اسم ۽ جسم ڪي ڏين ترڪ.

مست مئخاني هليا، سوليءَ متي سالڪ سليا،
جهوليءَ نه ڪنهن پيءَ ڏي جهليا، موتو قبل مانجهن مرڪ.

گهوٽ گهورن گهائيا، ڳالهين ڳٽن سي ڳائيا،
نينهن نعري نائيا، ڪن طمع توڪل سان ترڪ.

سانگا ڇڏيائون ساهه جا، اسم و جسم الله جا،
راڪا ٿيا رب راهه جا، ورهه وصل وارن ورق.

مينگها ستارا موج ۾، پيالا پيتائون اوج ۾،
دم دم درازي فوج ۾، وحدت جي واديءَ ۾ غرق.

(4)

ناحق ٿئين نادان، وينين پنهنجي واٽ وڃائي.

ڪاڏانهن آئين ڪاڏي ويندين، هٿ نه هوندين لوءِ لڏيندين،
ﭘڌ فرمودو فرقان، فاذڪروني اذڪرڪم آهي.

حرص هوا ۾ ٿئين حيراني، دسي وينئي دڳ ديواني،
مخنث واري مام، طالب دنيا تو ۾ آهي.

Gul Hayat Institute

روز الستيءَ آواز الائي، ڪالهہ قالوءَ جا قول ٻڌائي،
سنبري نہ ڪنئين سامان، اهو تعجب تنهنجو آهي.

مينگها مرشد موج جڳائي، وحدت واري راهہ بنائي،
جنگ پياري جام، جوڙي جوش جڳائي.

(5)

چشم ڪنيون ٿو ڇُٽين،
نيڻن واري ناز سان.

بينسر بازو بند زوراور، ٻاڻ هنيون ٿو ٻُٽين،
جيئن شيرين ڪيو فرهاد سان.

چاهہ زنخ ۾ شاهہ سڪندر، قيد ڪيون ٿو ڪُٽين،
جيئن شاهہ محمود اياز سان.

پلپل پلڪارن پور رکن ٿيون، محبت مور نہ مٽين،
مينگها دم ٿي شاهہ دراز سان.

(6)

دلڙي لٽي دلبر وئين، بيشڪ نيڻن جي ناز سان،
قول قالوءَ جا ڪيم تنهنجي الستي آواز سان،

فاذڪروني فيض اٿئي ذڪر واري امداد سان،
هيئنڙو حبيبن هٿ ڪيو، بازي برهہ بيداد سان،

مهت مون سان ڪر ملڻ جو "اقرب" واري ارشاد سان،
خنجر ڪنيو خوني هٽن، جيئن ڪيئي فرهاد سان،

خيال خارج سڀ ويا، تنهنجي نظر نواز سان،
قيس جيئن قربان ٿيئڙو، ويڙهيو ولين وڻ زاد سان،

مينگها جيئن مشهور ٿي، سورهيہ ڏين سر ساز سان،
قدمن مٿان قربان هر دم، صاحب سچي دراز سان.

Gul Hayat Institute

3 _ **قائم فقير شر** (1857 _ 1990ع)

قائم فقير ولد مينگهو فقير شر، ڳوٺ مينگهي شر تعلقي ميرواهه ضلعي خيرپور ۾، 13 شوال، 1274هه /1857ع ۾ ڄائو. فارسي ۽ عربي تعليم حاصل ڪري دستاربند عالم بڻيو. سندس شعر سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ٻولين تي مشتمل آهي، جنهن ۾ فقير صاحب جا بيت، ٽيهه اکريون، مولود، مناقبات ۽ ڪافيون مشهور آهن. رسول ڪريم ﷺ ۽ اهلبيت ڪرام جي محبت ۽ عقيدت سندس ڪلام ۾ جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿي. جنهن جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

1 - علي حق حيدر، پڇي ڪوٽ خيبر،
ٻڌي سوال سائل، آجو قيد ڪئون ڪر،
منجهئون مهر محبت، ڏيو جام وحدت،
ڪري پر پيالو ساقي حوض ڪوثر.

2 - دين علي ايمان علي اعليٰ افضل شان علي،
طالب ٻيو طبيب نه پڇي ريءَ مرتضيٰ مشڪل ڪشا،
حيدر آهه حڪيم هيٺن جو درد منڊن درمان علي.

3 - شاهه علي درياهه علي، هيٺن جو همراهه علي،
”لحمڪ لحمي دمڪدمي“ حضرت جو همراهه علي،
ترت لنگهائج تار انهيءَ مان، عاصن لڳ الله علي،
تو ريءَ تڪيو ناهه ٻيو، وارث ڪرڪا واهه علي،
حب گهران حسنين حمايت، پنجتن پشت پناهه علي.

هي فارسي غزل پڻ درگاهن تي اڪثر ڳايو ويندو آهي.

ورد است در زبانم نام علي علي،
شب روز ثنا خوانم نام علي علي.
”من ڪنت“ گفت مرسل، مولائي مومنان را،

Gul Hayat Institute

رهبر وسيلہ دائم نام علي علي.
قائم غلام قمبر، قمبر، غلام حيدر،
قربان تن وجانم نام علي علي.

قائم فقير، سخي قبول محمد ثاني (وفات 1925ع)جو طالب هيو، جنهن جو ذڪر فقير صاحب پنهنجي شاعري ۾ ڪثرت سان ڪيو آهي:

1 - مرشد مسند تنهنجي قائم قيامت تائين،
دوست درازي دلبر، حامي هادي حيدر،
پنجتن تنهنجي پاڪر، سيد توسان سائين!

2 - ڪر قائم سر قرباني، جند جان صدق مهماني،
مليا شهر درازن جاني، آوي دوست ڏيوي دلداري.

قائم فقير 24 ربيع الثاني 1334هه/1906ع ۾ وفات ڪئي.
قائم فقير جو چوند ڪلام پيش خدمت آهي.

بيت

1- نرگسي نين سياهہ سجڻ دي، ناز پري نروار ڏوهين،
ڪاڪل سنبل خنجل ڪريندي، مشڪ ختن تاتار ڏوهين،
مزگان تير ڪمانان ابرو، خاص خنجر تلوار ڏوهين،
نال عشاقان ڪرن لڙائي، سيني وچ ستڪار ڏوهين،
قيامت سرو صنوبر طوبيٰ، غنچہ دهن گلزار ڏوهين،
لب مرجان يا لعل بدخشان، خنده شڪر گفتار ڏوهين،
چنچل چال ڪيتي، شرميلي، فيل ڪبڪ رفتار ڏوهين،
شمس قمر قربان تيون، صدق صدق صدبار ڏوهين،
شوق شبر شبير دا شامل، دوست ميڪون درڪار ڏوهين،
حسن حسين حمايت ميڏي، مولا دي مختار ڏوهين
قائم حامي وچ حشر دي، نبي ﷺ، علي ؑ سردار ڏوهين.

2 - ڪدي ڪانگل توڏيان، جيءُ بڪيون جيرو،
وجي ڪاءُ ولات ۾، جت دوستن جو ديرو،
پڇي مان پريت مان، پرين پري پيرو،
قتل هي ڪيهو، قائم قرباني تيو.

3 - راڻا سياڻا ميندار، ڪامل اچ ڪاهي،
مهڻا جي مومل جا، لالڻ چڏ لاهي،
تاه اچ تاهي، قائم ڪنور ڪاڪ جا.

ڪافيون

تنهنجي حسن ڪيا حيران، سوين سلطان چوان،
غب غب ۾ جيئن غرق سڪندر، يوسف منجهه ڪنعان،
مصر زندان چوان.

هد هد ڏس حيرت ۾ آندو، حضرت سليمان،
سبا ايران چوان.

ادهم ابراهيم چڏيو هو، سارو سپ سامان،
طنبو طولان چوان.

ملڪ فلڪ تيا جتي سلامي، باري آهي بيان،
زمين آسمان چوان.

پير بزرگ شيخ مشائخ، ڪوڙين منجهه ڪفران،
مثل صنعان چوان.

دم دم منهنجي دلبر جي در تي، جن ملڪ انسان،
قائم قربان چوان.

(2)

اهي موڳا اتي منهن ڪار، ملان مردار چوان.
مردي خور مقامي چپرا، پس پتين جا پار،
چتيل چوڏار چوان.

نور تکن تا نذر ندورا، ويتاڪن ويچار،
انذا آزار چوان.

طالب الدنيا مخنث ملڙو، ياڙيا بي اعتبار،
تڙيل تڪرار چوان.

قائم چڏ تون ڪنڊ ڪتن جي، روحي تي رهوار،
نسنگ نروار چوان.

(3)

پسي حور پري غلمان، تيڻ قربان لڳي.
آيو شور بزار ۾، مصري تيا مستان،
ڏسڻ ڪنعان لڳي.

گلگون رنگ گلابي چهرا، سوز درد سامان،
نظر پريشان لڳي.

چاهه اندر لڪ بابل جا، هاروتي حيران،
املهه انسان لڳي.

قائم ڪرتون صبر سلڻ ڪئون، عشق عجب آفتاب،
زمين آسمان لڳي.

(4)

عشق جي آوڙاهه ۾، سر اچلي تي سرخرو،
دم دم پسين ديدار تون، آهي رمز روحي روبرو.

Gul Hayat Institute

منصور سوليءَ تي چڙهي، مرد ڏس معراج ڪيو،
"وفي انفسڪم" چئي، آهي فيض تو ۾ "فاذڪرو".
"انا احمد بلا ميم" سخن ڪيو سرور سچي،
"بسم الله والحمد الله" موج مرسل موبمو.
"قم باذن الله" نينهن تنهن نيشان ڪيو،
قم باذني شمس چئي، قول قائم ڪو بڪو.

(5)

ڪري حملو حُسن آيو، نسنگ نروار وهه وهه،
خنجر پيڪان جيئن پنبڻيون، چشم چيڪار چهه چهه.
ڪمان قوس قزح ابرو، يا شمشير ايراني،
چڙهي آهي فوج دراني، دلي دهڪار دهه دهه.
لڪين لقمان افلاطون، ٿيا حيرت ۾ حيران،
ڪيئي داناءَ ٿيا ديوانا، حسن بازار ڦهه ڦهه.
ڪاڪل ڪلنگي زلف زنگي، هٽي جن ٻاڻ دل ٻنگي،
ڦري جنسار سڀ جنگي، تفنگ تلوار ڦهه ڦهه.
ڪري جلوو آيو جاني، ڪرڻ مشتاق قرباني،
عجب لب لعل مرجاني، شڪرگفتار ٿهه ٿهه.
ڪوڙين سر هجن قائم، ڪيان سڀ يار تان صدقي،
ڪوڙين قدمن تان قرباني، ڏين ڏهوار ڏهه ڏهه.

(6)

ديدان دلبر فوج دراني، مزگان تير ڪٽاري وي،
ونگ وجهن اڙٻنگ دل کي، نيڻ نسنگ نرواري وي،
مارن ڪيئي مهميز هزارين، حملي سان هڪواري وي،
ڪائن خون دلين جو ديدان، ترس نه ڪن تڪراري وي،

سيني ستن سيف ايراني، ابرو ڏيئي الاري وي،
زلفان جنگي، جنگ فرنگي، حبشي حسن هزاري وي،
لب مرجان لعل بدرخشان، غنچہ دهن گلزاري وي،
ملڪ، فلڪ جا ڪيئي خادم، زهري ظالم زاري وي،
قائم سر قربان سڄڻ تان، جان صدق سؤ واري وي،
دلبر آيو ديري اسان جي، درشن جي درڪاري وي.

4- مراد علي فقير شر

مراد علي فقير پٽ مينگهو فقير شر وينل ڳوٺ مينگهو شر، تعلقو ميرواهہ ضلعو خيرپور ميرس 26 شعبان 1303 هجري مطابق 1885ع ۾ ڄائو. شاعري ڪيس وڏن کان ورثي ۾ ملي.

مينگهي فقير کي ٽي پٽ هئا: غلام شاهہ، قائم فقير ۽ مراد علي فقير. مينگهي فقير جي وفات بعد غلام شاهہ گاديءَ تي ويٺو. غلام شاهہ بنا اولاد جي گذاري ويو ۽ قائم فقير وري غلام شاهہ جي حياتيءَ ۾ ئي فوت ٿيو. تنهن ڪري غلام شاهہ جي وفات کان پوءِ سندس ٽيون نمبر ڀاءُ مراد علي فقير مسند تي ويٺو.

سندس ڪلام تمام ٿورو آهي جو پڻ ٻين شاعرن جي ڀران ڇپيو اٿس. فقير صاحب امي هيو، مگر سندس اندر جي اک ڪليل هئي. سخي قبول محمد ثانيءَ جي صحبت ۾ رڱجي ريتو ٿيو. سندس هڪ مناجات تمام مشهور آهي، جيڪا هن ميان سرفراز عباسيءَ جي مدح ڀران ڇپئي.

ڪافي

الهہ ڪون دم آهين ءِ چ چاڻ، الف جيوين وچ بسم اللّٰه.
صورت مرشد معنيٰ ويکين، سري سر ۾ هو اللّٰه.
لا اللّٰه وچ گم ٿيوين، اثبات ڪرين الا اللّٰه.
انا احمد بلاميم، صورت سمجهين صلي اللّٰه.

Gul Hayat Institute

سبحاني ما اعظم شاني، آپي كيتس اي الاءُ،
عدم كنون جو آيا آپي، كون پڇاڻي پساھ،
”مراد علي“ معنيٰ موهيا، صورت سڀ ۾ صلي اللّٰه.

(2)

جڏهن عشق كيو ارشاد،
سڄڻ مون آهه صحي سڃاتو.

سميع بصير ٻڌو هيءَ ٻولي، نينهن وڃايو ناد.
عليم كليم بہ آهه اهوئي، سمجهي ٿيءُ دلشاد.
پاڻ وڃائي ٿي تون پڌرو، اندر كري آباد.
ڇڏ خوديءَ جا خيال وڃائي، وٺ عشق سندو امداد.
مراد علي نينهن نوازي، ڇڏ خوشيون ۽ خواب.

(3)

عشق ناهي آسان
جذبئون جسم جلائي ٿو.

باهہ برهہ جي ڀڙكو لايو، وهم وجودي غير وڃايو،
سر ٿئي سبحان، ناميون نينهن نچائي ٿو.

صورت آهي سير سلطاني، بي صورت ۾ جلي جسماني،
ناهہ منجهان نشان، هر جا حكم هلائي ٿو.

عاشق كول اكيون ڏس اوڏاهين، منهن كيو بيٺو آهہ توڏانهن،
پري نا يانئج پاڻ، الانسان الائي ٿو.

رهبر آهي رمز رحماني، ونفخت فيه راز نهاني،
اڇڻ جو احسان، مراد علي ڳڻ ڳائي ٿو.

Gul Hayat Institute

(4)

ناتو نينهن لڳو دلجائي، آهي وات پنهل جي وائي،
برهه بيرنگ رنگ ۾ آيو،
سمجهه! تي سڌ سيائي.

جوش اندر جولان مچايا،
برهه اچي تيو پائي.

سيئي سور سيني ۾ آيا،
سڄڻن سڪ سمائي،

مراد علي محب ملڻ جي،
ڪر وحدت واري وائي.

(5)

ملڪ منو مارن جو سانگي سدائين سڪيا.

عمر تي آهيان ماندي، بيوس ڪيو تي باندي،
مارن کي نيئي ملنديس، ڏئي جيءَ جان جفا.

ڪوهه ڪتون ۾ن خور مان، ڦالودا آهن ڦڪا،
ويڙهيچن ڏي وينديس، مارو من کي متا.

قسمت قيد ڪيو، وسري ترنه ويو،
سرتين کي سارينديس، پکڙن منجهه پڪا.

مراد علي ڳهٽا، ڪين لڳن تا سهٽا،
جهانگين سان جاليندس، عيش ڪري سپ ڦٽا.

مداح

1- ڪيم گناهه، سنجهه صباح، بديون يار بخشايان،
آهيان ڏڏ، سٽي سڏ، اچو نيڻ وچايان،

Gul Hayat Institute

ڪيو نفس، گهٽو نحس، گهران بخش پلايان،
سٽي سوال، ڪيو پال، هيٺن هوت حمايتان،
پڏو سڏ، گولي گڏ، ڏيو برهه براتان.

2- وئي عمر سربسر، گناهن ۾ گڏياسي،
سوا شاهه، ناهي واهه، پرين پيش پياسي،
ڪيم ڏوهه، گهٽا ڊوهه، چوڻ چور هلياسي،
ڪري واهه، لڳ الله، سهٽا سام پياسي،
سچا سردار، ڏي آڌار، ڳچيءَ پاند ڪياسي.

3- ڏيو سمر، منجهه قبر، واهر وير وسيلا،
ڏينهن قيام، ترميزان، اچو يار البيلا!
پائي پوشاڪ، آئين لولاڪ، منجهان راز رسيلا،
منجهان احد، تئين عبد، هئين اصل اصيلا،
منجهان حال ڏيو خيال، تئي پرت پئيلا.

4- ڏيو مدت، منجهه عزت، تئي عمر سجائي،
ڪيل تات، سڄي رات، نه ڪيان مات متائي،
قالوءَ قول، ٻڌم ٻول، ڪيان وعدي وفائي،
هجي سرت، سچي پرت، سچڻ سود سچائي.

5- ڪيان حال، ڏيو خيال، اتم طلب تنوارا
ساعت سال، آهي محال، پرتئون رمز پيارا،
جيئڻ جنجال، بن وصال، آهن عشق اشارا،
پانيان بنبال، هي وبال، جدا محب مٽيارا،
منجهه رحم ڪريو ڪرم، پرين پاڪ پيارا.

6- وجن قرض، لهن مرض، ڪونتل عشق ڪڏايان،
هجي راز، برهه باز، چشمون چوٽ چلايان،

Gul Hayat Institute

تنهنجو خال، هجي بحال، نوبت نينهن وڄايان،
پرين پاڪ، جو اشتياق، وهم غير وڃايان،
ساڻ ديدار، ڏي آڌار، ديدان درس اُڙايان.

7- مراد علي، پرين هلي، اچي ڪندو پلي مون،
منجهان صفات، ٿئي اثبات، وحدت وير چڙهي مون،
محڪم موج، ڪري اوج، ذاتي ذڪر جلي مون،
گهران فڪر، ساڻ اثر، تن من تونهين چوي مون،
پڙهان ڪلمون، سچي دل مؤن، روحي رمز رلي مون.

5_ رجب علي فقير شر

رجب علي فقير ولد علي مراد فقير ولد غلام حيدر شر جي باري ۾ ڪابہ تفيصلي معلومات نہ ملي سگهي. فقير صاحب جو شعر پوين جي عدم توجہ سبب ضايع ٿي ويو. مگر اسان کي جو ڪجهہ ملي سگهيو آهي. سو تبرڪ طور پيش ٿو ڪريان:

ڪافي

جبل ڏس جتن جون، ويون ڪاڏي قطارون،
جادوگر جت هليا، ويا اٺ تہ اڏاريون،
سورن سسئي جو نيو آ، حسن هيڪارون،
وري ايندم ولهو، ٻڌي ٻاڪارون،
راضي ٿيءُ رجب سان، لهہ سگهو سنڀارون،
سٽي ٿيان سرهي، هوتن هونگارون.

بيت

1- آٽايو تہ اچان هلي، جي بيهان برهہ بهير،
سرتيون جام پنهونءَ مون کي سڪ سبيل،
رڻ ۾ رسن رجب سان، پارس منهنجا پير،
مديني جا مير، ڪج ڪو داد دلگير جو.

2- الله اهي آڻ ، جن ڏئي مون ڏينهن تيا،
آهون عاجز جون سٽي، ڪج ڪا ور وراڻ،
اهي اچن اگڻ تي، جن سان روح رهاڻ،
ڪوهيارل جي ڪاڻ، تي رجب راهه نهاريان.

3- آيا ڪي ايندا، مون ڏي سنيريا سپرين،
اچڻ ساڻ عجيب جي، وهم سپ وينداء
هميشه هوندا، راضي شال رجب سان.

6_ علي گوهر فقير بيخود

علي گوهر فقير ولد فولاد فولاد علي فقير شر، ڳوٺ مينگهو فقير ۾ 1918ع ۾ تولد ٿيو. فقير فولاد علي شر (وفات 1967ع) پنهنجي وقت جو نامور صوفي ۽ رندي رمزر ڪندڙ درويش هيو. فولاد فقير، غلام حيدر فقير جي پيشن گوئي ۽ دعا سان عشق الاهي واري تصوف جي اعليٰ منزل تي پهتل درويش هو. سندس لائق فرزند علي گوهر فقير پنهنجي والد عبدالحق عرف فولاد علي شر جي گاديءَ کي خوب سينگاريو ۽ سنڀاليو. علي گوهر جو ڪلام سنڌي، سرائڪي، اردو، هندي ۽ فارسي ٻولين تي مشتمل آهي. پنهنجي ڪلام ۾ علي گوهر ۽ ڪڏهن ڪڏهن بيخود تخلص ڪتب آڻيندو هو. جنهن ۾ فقير صاحب اعليٰ فڪر ۽ انوکي خيال جو وڏي بي خوفي ۽ دليريءَ سان بيان ڪيو آهي. سندس اڪثر ڪلام ٻين صوفين جي پيران چيل آهي. جيئن غلام حيدر فقير جي ڪافيءَ جا ٻول چيل آهن:

پجري آدم دي پي آيس، ڪيتم سير الاهي دا.

علي گوهر فقير چيو آهي ته:

پجري آدم دا مالڪ مين هون، ماريم طبل خدائي دا.

سچل جي فن ۽ فڪر جي پڻ فقير صاحب جي ڪلام تي ڇاپ آهي،

Gul Hayat Institute

سچل جو ڪلام آهي تہ:

هماري جان ڪون لڳڙي، هوائي شمس تبريزي.

۽ غلام حيدر فقير جي ڪافي آهي:

هماري جان ڪون لڳڙي، هوائي شيخ صنعاني.

وري علي گوهر فقير چيو:

هماري جن ڪون لڳڙي، هوائي شاهہ منصوري.

سچل جي هڪ ٻي ڪافي آهي:

محبتِ عشق مولا جي هزارين گهوٽ گهايا ها.
انهيءَ پڙ ۾ پهلوانن جوشئن جيءَ جلايا ها.

ان خيال جي ترجماني علي گوهر فقير هن ريت ڪئي:

محب عشق مولا جي گهڻا غازي گنوايا ها.
ڪنيا جي موج مستيءَ جي اهي هن آر آيا ها.

سچل جي مشهور ڪافيءَ جا ٻول آهن:

نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار.

Gul Hayat Institute

ان خيال کي فقير صاحب هن طرح بيان ڪيو:

انا ربکم العليٰ،
انسان جو شان آهي بالا !

علي گوهر فقير 1989ع ۾ هن ناسوتي جهان کي خدا حافظ چيو.

ڪافي

پڇري آدم دا مالڪ مئن هون، ماريم طبل خدائي دا.

لامڪان دا تخت بنايم، ڪرسي عرش نون پڇي ٺهايم،
وحدت ڪثرت ڏوهين رلايم، ذاتي ذوق ضيائي دا.

انــاالــحــق هــي مــيــڏا نــعــرا، آئـي، ان الله مــيــڏا نــعــرا،
ڪرسي عرش تي ڪيتم قرارا، شان ميڏا هي شاهي دا.

مام منصور نون مئن مارايا، شمس الحق دا مئن پوش لـهـوايـا،
خاص خـلـيـلـي بـاغ بـنـايـا، بـانـگ مـيـڏي بـادشـاهي دا.

”علي گوهر“ نالا پڇي ڏاريم، ”الست بربکم“ اول الا يـم،
اپڻي طاعت ڪيتي منايم، شرف مـيـڏي شـهـنـشـاهي دا.

(2)

”انــا ربــڪــم الا عــلــيٰ“
انسان جو شان آهي بالا!

صورت ۾ بي صورت آهيون، بي مـثـل مـثـالا،
هـر صـورت ۾ حـڪـم اسان جو، ادنيٰ يا اعـليٰ،
ساڳي صورت صاحب جي ٿئون، آهيون رب تـعـاليٰ،
ڪرسي عرش اسان جي ڪرتا، چست اهي چالا،
اعـليٰ عشق عـلـي گـوهر جو نـام سـيـئـي نـالا.

اڄ بہ فقير غلام حيدر شر جي روضي اڳـيـان رهـنـدڙ ڪـيـئـي مـنـڙا ۽ مهربان ماڻهو شعر و سخن جي سهڻي نموني آبياريءَ ۾ مشغول آهن. جن ۾ عطا حسين عطا، محسن عـلـي محـسـن، نـواز عـلـي وفـا، جمشيد علي جمشيد، امير حسين دوست، محمد مٺل مٺو، وجود علـي وجود، فقير نصيرڻ، ڊاڪٽر ارباب علـي ارباب ۽ آدم فـقـيـر جـا نـالا سرفهرست آهن. هي سيئي مٺيادار سچل جي فن ۽ فـڪـر جـي ورجـاءَ ۽ وڌاءَ لاءِ مصروف سخن آهن.

مددي ڪتاب

1. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: مداحون ۽ مناجاتون، سنڌي ادبي بورڊ 1959ع.
2. ديوان ميان غلام حيدر: منگي پريس، خيرپور 1960ع.
3. غلام نبي ميمڻ: ٽماهي مهراڻ 1967ع.
4. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: قافيون ڀاڱو پهريون، سنڌي ادبي بورڊ. 1985ع.
5. ماستر محمد موسيٰ سومري جو بياض، 1898ع.
6. فقير علي نواز مسڪين جو بياض 1912ع.
7. ماستر محمد بخش سومري جو بياض 1956ع.
8. بنده جو گڏ ڪيل قافين جو ذخيرو.
9. امير حسين دوست جي زباني معلومات.

Gul Hayat Institute

محبت فقير سومرو

محبت فقير جو اصل نالو جمعو فقير هيو ۽ پير ڳوٺ پرسان مگرجيءَ جو رهاڪو هيو. سخي قبول محمد ثاني (وفات 1924ع) جو طالب هيو، جنهن کيس ”محبت فقير“ جي نالي سان سڏيو.

درگاهه مخدوم نوح جي سجاده نشين مخدوم غلام محمد عرف گلڻ ڄام (وفات 1363ھ)، محمد فقير کٽياڻ (وفات 1939ع)، محمد فقير ڦرڙي (وفات 1952ع) سان خاص قرب هئس. فقير صاحب جي مخدوم احمد زمان لنواريءَ واري سان خاص عقيدت هئي، جنهن جو اظهار فقير هڪ ڪافيءَ ۾ ڪيو آهي!

اعليٰ عجائب عشق جو، اعلان ڪيو احمد زمان،
لولاڪ لما جو لقب لاثان ڪيو احمد زمان.

اڳين شاعرن جو اثر: هر شاعر پنهنجي پيشرو شاعرن کان متاثر ٿيندو آهي اهڙي طرح فقير محبت عليءَ تي به اڳين صوفي شاعرن جو اثر رهيو. انهن سيني شاعرن مان سچل جو اثر سندس ڪلام تي نمايان آهي. سچل سائين جي هڪ ڪافيءَ جا ٻول آهن:

سنوري آج سرموري بره باران آيا هي
ڪرم ڪرڪي صدف اوپر ابر نيسان آيا هي

فقير صاحب ان جو اثر هن طرح ورتو آهي:

ڪري بارش برهه برسر بادل باران ٿي آيو،
صدف تي اج ڪري احسان ابر نيسان ٿي آيو،

سچل سرمست جي مشهور ڪافي آهي:

محبت عشق مولا جي هزارين گهوٽ گهايا ها

۽ محبت فقير جي ڪافي جا ٻول آهن:

عجب العشق نار الله جنين سر مچ مچايا ها،
پريمي پور ۾ پلپل پتنگن جيئن پچايا ها.

عثمان فقير سنڌي ڪافي جو اهم ۽ انوکو شاعر آهي، جنهن جي ڪلام جو اثر محبت فقير تي پڻ نمايان آهي. عثمان فقير جي مشهور ڪافي آهي:

نشا ڪيتم نيهن نواب ڪنون
جند ڇٽ پئي گناهه ثواب ڪنون

ان ڪافيءَ جي پيران دريا خان فقير جي ڪافي آهي:

نشا ڪيتم ڪيف ڪلال ڪنون
جند ڇٽ پئي جواب سوال ڪنون

انهن ٻنهي شاعرن جي ڪلام پيران محبت فقير جي هيءَ ڪافي، سهڻو ۽ سدا ملوڪ مثال آهي:

Gul Hayat Institute

سرڪي پيتم شوق شهباز ڪنون
تي فارغ نفل نماز ڪنون

عثمان فقير جي هڪ ٻي ڪافيءَ جا شعر آهن:

اکين سيف سيني ۾ ساري لڳي
ڪجل ريهه ڪاري ڪتاري لڳي.

ان ڪافي پيران محبت فقير جون ٻه ڪافيون ڏسو:

حسن جنگ جا زخم ڪاري ڏنم،
جگر جان جيري مان جاري ڏنم.

يا

حسن جنگ جابر جلالي لڳي،
ڪجل ڪاري ڪيفي ڪمالي لڳي.

سچل سائينءَ جي ٻالڪن مان فقير نانڪ يوسف (1853ع) خاص پيارو طالب هيو. نانڪ يوسف جي هڪ ڪافي پنهنجي گهاڙيٽي (Form) جي لحاظ کان انوکي آهي. جنهن ۾ اندروني قافين جو سٽاءُ تمام پيارو آهي.

هم ديکا هي اسرار، برهہ بازار، تماشا پلپل کا وهہ واهہ
هم جاتون گي ٻلهار، هماري يار، حسن کي جهل جهل کا وهہ واهہ

اهڙي طرح محبت عليءَ جي ڪافيءَ ۾ اندروني قافين جو سٽاءُ پڻ تمام سهڻي نموني استعمال ٿيل آهي:

هم ڪيتا هي اثبات، هم همذات، جلا جسمات، جسم وهہ واهہ
هم طور تہ هم تجلات، قائم ڪلمات، ڪلي ڪائنات، قدم وهہ واهہ

سچل سائين کان پوءِ صوفي شاعري ۾ بيدل فقير جو اهم مقام آهي. محبت فقير جي ڪلام تي بيدل جو بہ گهرو اثر آهي. بيدل فقير جي سنڌ مشهور ڪافي آهي:

سک رمز وجود وڃاوڻ دي،
نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي.

ان ڪافيءَ کان ٻيدل فقير بہ متاثر ٿيو:

سک رمز جيتي مرجاوڻ دي،
نهين حاجت هنر هلائڻ دي.

اهو اثر محبت عليءَ هن طرح بيان ڪيو:

سک عادت عشق ڪماوڻ دي،
اک وچ اک اٽڪاوڻ دي،

Gul Hayat Institute

مٿين مثالن مان ظاهر ٿيو ته محبت فقير پيشرو شاعرن کان متاثر ضرور آهي، مگر فقير جو ڪلام سليس، عام فهم ۽ انداز بيان ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

محبت فقير جو مجاز: صوفين وٽ مشهور مقولو آهي ته "المجاز قنطرة الحقيقت" مجاز حقيقي عشق جي ڏاڪڻ آهي. فقير صاحب کي پڻ مجازي محبت جي مام موهيو هيو. ڳوٺ مجهد تعلقي گمبٽ ۾ مجهد پرسان هڪ ڍنڍ آهي، جنهن کي ٻوگهڙ به سڏيندا آهن. اتي هڪ ٻيڙي هئي، جيڪا پار وڃڻ لاءِ ڳوناٺن کي اڪاريندي هئي. ٻيڙائت جو نالو جهندو فقير هيو. جيڪو پٺائيءَ جي درگاهه جو پانڌيئڙو هيو. محبت فقير جو ان جي گهرواريءَ سان معاشقو هيو. فقير مائيءَ کي هندورو به ٺاهي ڏنو هيو. جنهن ۾ مائي لڏندي هئي. ان محبت جو ذڪر فقير هن طرح بيان ڪيو آهي:

مجازي عشق من موهي، ڪيو ماهر ميانٽيءَ سان،
ٻڌاسون ٻول ٻوگهڙ تي، لائي محبت مهاٽيءَ سان.

فقير صاحب جي وصيت: محترم پناهه ڦرڙي لکيو آهي ته محبت فقير مرڻ کان اڳ وصيت ڪئي هئي ته:

1. ڪفن بدران مونکي پاتل ڪپڙن ۾ دفن ڪجو.
2. جنازي سان قرآن شريف نه کڻجو.
3. جنازي سان فقير يڪتاري سان ڳائيندا هلن.
4. پير اوڀر طرف ڪجو.(※)

فقير صاحب عمر جا آخري ڏينهن ڳوٺ جسڪاٽي تعلقي ڪوٽڏجيءَ ۾ رئيس خدا بخش خان جسڪاٽيءَ وٽ گذاريا ۽ وفات به اتي سن 1960ع ۾ ڪيائين ۽ مرڻ کان پوءِ فقير صاحب جي وصيت تي عمل به ڪيو ويو.

※ محترم پناهه ڦرڙي جو مورخه 94-3-19 تي لکيل ذاتي خط. سندس ڪلام جو انتخاب پيش خدمت آهي.

Gul Hayat Institute

ڪافي

اسان پاڻ کي سجاڻي وحدت ۾ پير پاتو.
اثبات نفيءَ واري نسبت ۾ پير پاتو.

وحدت ۾ وک وڌائي، پڌرو ٿي پير پائي،
قلبي قرب ڪمائي ، قدرت ۾ پير پاتو.

اثبات جو اشارو، آهي نفيءَ ڪان نيارو،
الٽو عجب اوپارو، عبرت ۾ پير پاتو.

بيرنگ برهه بحالي، بي مثل بي مثالي،
جلوو پسي جلالي، جميعت ۾ پير پاتو.

محبت علي ميثاقي، صوفي صفا ٿي ساقي،
اظهار ٿي اوشاقي [1] عرفت ۾ پير پاتو.

ڪافي

جي پڇئي ته پاڻ سڃاڻ،
ظاهري زهد ڪان مات مني ٿئي.
پيچ هئڻ عقبيٰ جو پولو، حور رقصور ڪان پلي چڏ پاڻ،
چگي تنهن ڪان ورهه وٽي ٿي.*
ڇڏ طمع تڪرار، ٿي طالب، ترڪ دنيا واجب ڄاڻ،
ڪنهن سان ڪڏهن ڪين ڪٽي ٿي.
"وهو معڪم اينما ڪنتم"، ساجن تو سان ساڻ ٿي ساڻ،
"ونحن اقرب" چست چٽي ٿي.
اول آخر ظاهر باطن، ڄاڻ انهيءَ کي پاڻ نه آڻ،
مڙ نه محبت سر جي سٽي ٿي.

---

(1) عشاقي

* چگي تنهن ڪان وهه جي وٽي ٿي (بياض علي محمد فقير کهڙو)

ڪافي

صفت اولي ۾ آهيان انسان، نہ تہ نانوَن ڪان آهيان نرالو،

1- بيڪ بشر جو پول پلايم، ڪثرت راند ڪري ريجهايم،
ساڻ سورن جو ڪٺي سامان، هر هنڌ آيس تي هرتالو.

2- سود ثواب جو سائل ناهيان، ويد قرآن جو قائل ناهيان،
نہ ڪو دين ڌرم ايمان، پاڪ پليت ڪان آهيان پالهو،

3- ڪلمو "ڪن فيڪون" پڙهيوسي، گوناگون بيچون ٿيوسي،
جوڙي سارو جڳ جهان، لک چوراسي جوڻ ۾ جالو،

4- احد منجهان هت عبد تي آيم، محبت نالو نام ڌرايم،
ماڳ مگرجي (+) ڪري مڪان، ڪاڻ قرب جي ڪيم ڪشالو.

ڪافي

سهڻا تنهنجي برهہ ۾ بيمار تي رهيو هان.
ڪونهي قرار توريءَ بي قرار تي رهيو هان.

1- ڪيئي حڪيم حاذق ڪري ويا هزار حيلا،
پيو فائدو نہ تن مئون، ورتم ڪيئي وسيلا،
هاڻي فقط اوهان جي آڌار تي رهيو هان.

2- پيتيون سوين ستيون مون، حاصل نہ تي شفا ڪا،
باهيون بخار دل جا، جيءَ تئون نہ وئي جفا ڪا،
ڪيو لا دوا طبيبن لاچار تي رهيو هان.

3- ڪي تا چون چريو، هن پيتو ڪو جام آهي،
ڪي تا چون سراسر سوداءُ خام آهي،
بيوس هاڻي بدن ڪان بيزار تي رهيو هان

+ فقير صاحب جي ڳوٺ جو نالو لڳ پير جو ڳوٺ

Gul Hayat Institute

4- محبت چئي ماڙ منهنجي، توکان سواءِ نہ آهي،
دارون منهنجي درد جو ٻي ڪا دوا نہ آهي،
توسان ملڻ جو هاڻي حقدار ٿي رهيو هان.

ڪافي

علي امام منهنجو حيدر ڪرار آهي،
جابر جبار جنهن جي هٿ ذوالفقار آهي،

1- علي امام اڪبر، شير خدا غضنفر،
حسن حسين رهبر، پنجتن سان پيار آهي.

2- عابد جي در سوالي، باقر ڇڏي نہ خالي،
وارث وسيلو والي، جعفر تيار آهي.

3- موسيٰ رضا تي ڪاظم، اڪمل امام اعظم،
طالب تقيءَ جو خادم، دل جان نثار آهي.

4- نقي سان نينهن لاتم، اعليٰ عسڪري ڪي ڄاتم،
سرور نبي سڃاتم، مهدي مهندار آهي.

5- من ڪنت مولا فرمان، منجهہ شان شاهہ مردان،
ناطق حديث قرآن، ڏسو آشڪار آهي.

6- حبدار ٿيس حيدر جو، آل عبا جي گهر جو،
محبت غلام در جو، داغدار آهي.

ڪافي

سرڪي پيتم شوق شهباز ڪنون،
ٿي فارغ نفل نماز ڪنون.

Gul Hayat Institute

1- نشا نينهن والا مين نوش ڪيتا، ڳيا هوش انهان مدهوش ڪيتا
پر جوشان جوش خروش ڪيتا، سر سرگم ساز آواز ڪنون،

2- چوڙ محتسب واعظ ڪون، بد نيڪ نصيحتِ جائز ڪون،
ست جائز ڪون ناجائز ڪون، تي واقف مخفي راز ڪنون،

3- وچ وحدت دي نا غير رهيا، نا شر رهيا نا خير رهيا،
نا ويري نا ڪوئي وير رهيا، انا نحد دي آواز ڪنون.

4- محبت علي معبود سدا، موجودي وچ موجود سدا،
رهه عاشق لا مقصود سدا، تي شائق شهر دراز ڪنون.

ڪافي

جڏان پيتم مد مئخان وچون،
جند ڇٽ پئي ڏوهين جهان وچون.

1- ڀر ساغر سرڪ صراحي دي، ڏتي صوفي صاف صفائي دي،
وتي وصل وصال وفائي دي، خاصي خاص خمر خمخان وچون.

2- پلا سرڪ ساقي سرشار ڪيتا، وچ مستي دي هوشيار ڪيتا،
اسان آپ اتي اعتبار ڪيتا، تي آگهه "الانسان" وچون.

3- ڏتا ڪيف ڪلال ڪمال سانون، پرجام جلال جمال سانون،
تيا حاصل حال في الحال سانون، تيوسي فارغ ڪفر ايمان وچون.

4- محبت علي مئي نوش رهيا، تي متوالا مدهوش رهيا،
ڪنون راز فاش خاموش رهيا، ڪر جسم جدا جند جان وچون.

ڪافي

پيالا پيتا مست شراب دا مين،
چوڙيا رستا ڏوهه ثواب دا مين.

Gul Hayat Institute

1- ڏتا ساقي جام طهورا وچون، برحال برهه پرپور وچون،
کل کوثر حوض حضور وچون، کيتا نوش حيات دي آب دا مين،

2- تي شاغل شغل شرابي وچ، کرنوش نشا نيم خوابي وچ،
مشتاق لقابي حجابي وچ، رنگ گهري نين گلاب دا مين

3- وچ عشق کفر نه دين رهيا، نه شک رهيا نه يقين رهيا،
هک دل تي درد نشين رهيا، واريا ورق حساب کتاب دا مين.

4- ٻڌ شملا محبت علي شاهي دا، کر غرق گمان گدائي دا (x)
گهن راهه رندي گمراهي دا، ماريا نعرا نينهن نواب دا مين

ڪافي

رانجهن مئن گهر آيا محرم حال دا،
هڻ مئن ٿوڙيا سگ سيال دا.

1- عشق ازل دي ٻولي، ڏتڙي مادر لولي،
پهن پينگهي وچ جهوٽئي جهولي،
پتا نه ها ميکون عشق اڙيال دا.

2- تخت هزارا شاهي، کرکي تخت تباهي،
چوڙ آيا ميڏي سانگي ماهي،
صورت والا صاحب حسن کمال دا.

3- زلف کاريهر کالا، نينهن دا نانگ نرالا،
ونگ ولا ماريس ڏنگ اپالا،
ماريا منڊ منتر جوڳي جادوگر جمال دا.

4- خرخام کيڙي پيڙي، کريندي هل بکيڙي،
لڳيان دليان نون کون نکيڙي،
خوف نهين مينون کيڙي خر دجال دا.

X چوڙ گمان گدائي والا، شملا ٻڌ چاشاهي دا (سچل)

5- طعني مهٽي ڳالهيان، منهن چڙهه ڏيون سيالـيـان،
پــل پــل تــڪــيــان پــاڙي والــيــان،
چـاڙ نــ چـاتـا چـتـيـان اهـيـنـدي اقـبـال دا.

6- رانجها رنگپور آيا، گهور حسن دي گـهـايـا،
در چـــوچـــڪ دي چـــاڪ ســـڏايـــا،
لقب چا لايا محـبـت عـلـي مـنـجـهـيـوال دا.

مددي ڪتاب

1. رئيس خدا بخش خان جسڪاڻي ڪان مليل مواد.
2. علي محمد فقير ڪهڙي ڪان مليل ڪافيون.
3. بنده جو گڏ ڪيل ڪافين جو ذخيرو.
4. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ڪافيون جلد 3 س. ا. ب. حيدرآباد 1990ع.
5. هفتيوار اخبار ”صلح ڪل“ 19 سيپٽمبر 1939ع ٽنڊو جان محمد، ضلعو ٿرپارڪر.

Gul Hayat Institute

ميان رحيم بخش فاروقي "نثار درازي"

سنڌ سونهاري جون درگاهون ۽ خانقاهون علم ۽ عرفان جو مرڪز رهيون آهن، درازن واري درگاهه انهن مان هڪ آهي. جنهن جو وڏو مان ۽ مرتبو آهي، جنهن لاءِ سچل سائين فرمايو آهي:

ديس سچل دا، شهر درازا، مڪو نا ملتان.

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته درگاهه روحاني خواهه ادبي اعتبار کان سنڌ توڙي هند ۾ وڏو فيض رسايو. ميان صاحبڏنو (متوفي 1192هه)، خواجه عبدالحق (1214هه) سخي قبول محمد اول (1245هه) گل محمد، عبدالقادر (1982ع) ميان خدا بخش خاڪي (1960) ميان رحيم بخش نثار درازي شعري ادب جي تاريخ ۾ پنهنجا اڻ مٽ نشان ڇڏيا آهن.

Gul Hayat Institute

ميان رحيم بخش ولد ميان گل محمد فاروقي1921ع ۾ درازن ۾ ڄائو هو. پرائمري اسڪول درازا مان 1936ع ۾ فائنل پاس ڪري 1939ع ۾ پرائمري ماستر مقرر ٿيو. جتان 1941ع ۾ استعفيٰ ڏئي گوشي نشيني اختيار ڪري ذڪر فڪر ۾ گذارڻ لڳو. 1947ع ۽ 1955ع ۾ نجف اشرف ۽ ڪربلامعليٰ جي زيارت جو شرف حاصل ڪيائين. 1960ع ۾ فقير خدا بخش خاڪي بي اولاد فوت ٿيو. جيڪو سندس سڳو سئوٽ پڻ هيو. مريدن ۽ فقيرن ڪيس خاڪي فقير جي گاديءَ تي ويهاريو. ان ڪانپوءِ ميان رحيم بخش راڳ ويراڳ ذريعي صوفي تحريڪ يا سچل جي فڪر جو پرچار ڪندو رهي ٿو.

فقير صاحب جي شادي ۽ اولاد:

فقيرجي شادي پنهنجي سڳي سؤٽ ميان سرور علي جي نياڻيءَ سان ٿي. جنهن مان ڪيس هڪ پٽ رياض احمد آهي، جيڪو هينئر ميڊيڪل آفيسر جون خدمتون ڏئي رهيو آهي.

فقير صاحب جا طالب:

فقير صاحب جا سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب ۾ ڪافي طالب ۽ عقيدتمند موجود آهن. مگر انهن مان استاد عبدالحڪيم ۽ استاد قادر بخش فقير بلوچستان وارا نهايت باذوق، نهايت سمجهو ۽ صوفي طريقي جا پوئلڳ ۽ پرچارڪ آهن.

وٽن راڳ رهاڻ جون محفلون عام جام ٿينديون آهن ۽ پاڻ به راڳ ويراڳ جا ڄاڻو ڳائڻا آهن. ڪين سچل جون اهڙيون ڪافيون به ياد آهن، جيڪي ڪنهن به ڇاپي رسالي ۾ موجود نه آهن.

سنڌ ۾ گل حسن فقير بيخود باقراڻين وارو صوفياڻي تحريڪ جي لحاظ کان هڪ محبوب ۽ انوکي شخصيت هيو. بيخود فقير 1960ع کان باقراڻي شهر ۾ سچل سائين جي ورسي تي ڏينهن ساندهه ملهائيندو هيو، جنهن ۾ سنڌ جا صوفي ڳائڻا سچل جو عارفاڻو ڪلام ڳائيندا هئا ۽ ورسي هينئر سندس لائق فرزند اياز علي طرفان ميان رحيم بخش جي سرپرستيءَ ۾ ملهائجي ٿي. بيخود فقير عمر ۾ سچل سائين جو ساليانو عرس ڪڏهن به نه ٽاريو. فقير صاحب سچل سائينءَ ۽ فقير نانڪ يوسف جي ميلي تي جڏهن شهر جي ٻاهران رسندو هيو، تڏهن سندس ڳائڻا سازن آوازن سان هي ڪلام ڳائيندي رقص ڪندي درگاهه شريف تائين پهچندا هئا.

اسين فقير درازي نثار جا
سرمست سچل سردار جا

ان وقت ڳائڻن توڙي سامعين تي ڪيفيت طاري هوندي هئي. ميان رحيم بخش فاروقي جي ڪلام تي سچل سائين جي فن ۽ فڪر جي گهري ڇاپ آهي، جيڪا فقيرجي ڪلام پڙهڻ مان معلوم ٿيندي.

چونڊ ڪلام

ڪافي

ٿلهه: پيئڻ شوق شراب، فرض عين ثواب هيءَ رمز رندي رمزات آ.

منجهه نينهن نشي رهن مست سدا، مدهوش رهي ڪن فرض ادا،
ڇا، مئخان اندر، مسجد ڪعبي مندر، تن ساڳي ڏٺي تجلات آ.

مَن عَرفَ جي ڄاڻي مام ڪي، ترڪ سجدو ڪيائون سلام ڪي،
پي جام تي جام، سمجهي عشق امام، ماڻي مئي منجهان ملاقات آ.

مشهور شرابي ميثاقي رهج، شائق بيخود ازلي باقي رهج،
بت پرست مدام، سڌن خاص ۽ عام، اُتي برهه سندي برسات آ.

پائي جٽيو درازي عشق جو، ڏي سبق مجازي عشق جو
"نثار" هي راهه، ڪندو ڪين گمراهه، اثبات واري تسلات آ.

ڪافي

ٿلهه: هي آ چوڻ روا، آهي آدم الله، منجهه صفت سمائي ذات آ.

الحمد ڪان ڏس والناس تائين، رکي دوئي دغا چوٿو غير پائين،
حق آهي اهو، ناهي ڪين ٻيو، مڪان ماڳ هڪو هڪ بات آ.

آهي واجب ڪنهن جو سجدو ڪرڻ، هي آهي امر ناهي شرڪ چوڻ،
ميم پردي اندر، آهي خير البشر، الانسان سري اثبات آ.

رب ارني چيو ڪنهن طور اتي، لن تراني سندو من مذڪور اتي،
ٿيو صاف عيان، ڇڏ شڪ ۽ گمان، ساڳيو لُهجو ۽ ڪلمات آ.

هي مخفي درازي راز آ، ظاهر نام "نثار" آواز آ،
جنهن پاڻ ڄاتو، صحيح تنهن آ سڃاتو، رهيو هي هُو نڪي درجات آ.

ڪافي

تلھ: خيال ڪرين ڇو ڪعبي وڃڻ جو،
تو منجھ ڪعبو آهي ڄاڻ،

خلق الآدم صورت اعليٰ، شڪ گمان ڇڏ رک تسلا،
مام انهيءَ سان مقصد ماڻ.

"من عرف نفسه" ڪين ڀلائج، شرڪ نہ ترجو تنهن ۾ آڻج،
پاڻ سڃاڻيو پاڻ سڃاڻ.

دم ڪي سڃاڻج دم جي حقيقت، دم آ بقا دم ظاهر شريعت،
لاريب فيہ تون شڪ نہ آڻ.

"نثار درازي" نام صفت آ، مقصد مخفي سندو محبت آ،
ڇا جو بهشت ڇا دوزخ ڪاڻ،

ڪافي

تلھ: پنهنجو ڏسڻ آيو پاڻ تماشو، ٿي آدم منجھ اظهار،

ڪاٿي عبدي روپ نيارو، انا احمد ڪٿ نروار،
ڪاٿي ملحد ڪافر، مومن، سک، هندو، ديندار،
ڪاٿي جوڳي، يڳت، سناسي، ڪٿ ساقي مئخوار،
ڪاٿي قاضي، پنڊت، پوڄاري، ڪاٿي دين ڌرم ڪان بيزار،
ڪاٿي نام نثار درازي، ڇاڪ ڪٿي ميهار.

ڪافي

تلھ: گم ٿي پاڻ ۾ پاڻ سڃاڻج، خيال آهين ڪر خيال،

لِڪ ۾ آدم نام نرالو صورت منجھ بي مثال،
ڪير تو ٻولي ٻڌي ۽ ڦيرائي روپ لکين باڪمال،

عبد صفاتي پردي اندر، حيرت وارو حال،

"کُل شيءٍ یرجع الیٰ اصله"، سهي کج احوال،
خاکي بادي آبي آتش کهڙي قیل مقال،
نثار درازي رهہ تون همیشہ برهہ اندر برحال.

کافي

تلهہ: رمز رندي رمزات، عشق وارن ريءَ عام چا ڄاڻي،

غیر کڏهن نا کنهن کي پائین، هک ذات صفات،
مسجد مندر دیول دواري، ساڳي ڄاڻن تجلات،
سلن نہ کنهن سان اورن اندر ۾، خاصي سندن خیالات،
بحر حیرت ۾ رهن همیشہ، جلایائون جسمات،
هر مظهر ۾ نثار درازي، مخفي سندن هر بات.

کافي

تلهہ: سانگ کیهي هت چاک تي دلبر، خاکي صفت آیا چولي
انس دي اولي.

ویس متا کر بشري آیا، پول کنهن هت پولي،
انس دي اولي.

ونفخة فیه من روحي، پولڻ والا پولي،
انس دي اولي.

"الست بربکم قالو بلیٰ" کٿ، کیتا دلبر قولي،
انس دي اولي.

نام نثار درازي ڏراکر، حیرت وچ وچولي،
انس دي اولي.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهه: جلدي ڪر تون سعيو سفر جو، ملڪ پرائو آهي،
تنهنجو چاهي!
وٺين فقيري دم هٽي پيري، ناهه لڳيءَ جو ناهي،
تنهنجو چاهي!
ڪوڙ ڪٽي سڀ ڪوڙ ڪمايئي، چاهه منجهاران چاهي،
تنهنجو چاهي!
طلسم بازي ساڻ دغا جي، ڪم وڏءِ پنهنجو لاهي،
تنهنجو چاهي!
سير ڪرڻ لئي هتڙي آئين، ويٺين ديرو جمائي،
تنهنجو چاهي!
ساڻ حليمت پت پرم جي، صبر سان وجهه تون ڏاهي،
تنهنجو چاهي!
قالو قول ڪيو تو جيڪو، ويهج ڪين پلائي،
تنهنجو چاهي!
راهه انهيءَ تي محڪم رهجان، ڏس ڏنو جو ڏاهي،
تنهنجو چاهي!
نثار درازي نام آ باقي، مهل ويهڻ جي ناهي،
تنهنجو چاهي

ڪافي

مون کي ڏيو ڪو پنهل جو ڏس ڙي اديون،
وٺي واٽ ڪهڙي ويا گس ڙي اديون.

ڏئي وعدا ڪري اقرار پرين،
چاڻ ڏاري ڪري ويا ڏار پرين،

ڏئي برهہ سندا ويا بار پرين،
ڪين تن کي پيو ڪو ترس ڙي اديون.

ڪين ويهي ورمون وساريندیس،
نڪي هوت بناگهڙي گهاريندیس،
رويون راهہ ۾ پنڌ پچائيندیس،
ڏوري ڏونگر ڪنديس، وس ڙي اديون.

نڪي جيڏيون پينر مون کي جهليو،
نڪي مون سان هلو، پنهنجو پاڻ پليو آهي،
ڪيچين سان منهنجو روح رليو،
سودو سر جو ڪيم ناهي ڪس ڙي اديون.

درازي وينديس ڪيچين ڪاهي،
پڌو سڪ جو سندرو مون آساهي،
تتو ڏونگر، نہ پاٽي ڏکيو راهہ آهي،
نثار پڌي ڏيندا، جس ڙي اديون.

Gul Hayat Institute

ڪافي

بڻ رانجهو جوڳي تي آيا چوڙيئي ڪيهي سانگي تخت هزارا،
ڳل ڳچ الفي ڪنين ڪنڌل، رنگي روپي رک کي رايا،
در چوچڪ چاڪ چوايس، سر بديون چاسور سوايا،
سامي ستگر لڇمڻ نانڪ، ڪٿ ميم دا برقعا پايا،
ڪٿي درازي لامڪاني ظاهر نام نثار سڏايا.

ڪافي

ٽلهہ: وينديس ڪيچ پنهل ڏي ڪاهي ڙي اديون،
منهنجو ريءَ پنهل هت چاهي ڙِي اديون،

وينديس رهنديس ڪينڪي،
جتي ور تہ ولهيءَ جو آهي ڙي اديون
سرتيون مون کي ڪينڪي جهليو،
دل پار پرينءَ تي ساهي ڙي اديون،
شهر ينيپور ۾ پينگ وسي ٿي،
اهو ڏس تہ ڏنو آهي ڏاهي، ڙي اديون،
نثار ڪيچين جي قرب چڏيو آ،
من منهنجي کي ڦاسائي ڙي اديون.

ڪافي

ٿلهہ: اج ايندو اڳڻ، تو ڪانگ لنوين قرب ڪري پير پري،

جنهن راهہ اچي سارا هہ چمان، نايو سيس سڄڻ کي سجدا ڪيان.
سرحان فدا، متي ناوا دا، پرت پري پل نہ ٽري،

آئي دلبر عيد ملهايان مان، سهجئون سرهي سيج وڇايان مان،
لڳي هر جا برهہ بهادر وجي ڏسي دلڙي ٺري بخت وري.

روئي پيش ڪنديس اڳيان پيش سارو، دلي راز حقيقت درد وارو،
پرين توکان جدا، چاٽي پاڪ خدا، نکي ساعت سري، تي نہ پلڪ پري،

سڏي سرتيون خوشي ملهائينديس گڏ گيت خوشيءَ جا ڳائينديس،
تي نثار درازي صدقي ڪجان، سر سارنگ ڏري، عشق اري.

سچل جو طالب: ماستر احمد علي

فقير احمد عليءَ جا وڏا اصل شڪارپور شهر جا رهاڪو هيا، مگر زماني جي لاهن چاڙهن سبب ڪڏهن روهڙي ته ڪڏهن گهوٽڪيءَ ۾ رهيا. فقير صاحب 1869ع ۾ هن ظاهري زماني ۾ جنم ورتو.

فقير صاحب کي جڏهن ڇهن سالن جي عمر ۾ اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو، تڏهن ننڍپڻ ۾ استاد ڪيس سندس ذهانت سبب گهڻو پيائيندا هئا. ورنيڪيولر جو امتحان پاس ڪري تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. ويهن ورهين جي جواني ۾ فقير صاحب ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ سکيا وٺڻ ويو. ان وقت ڪاليج جو پرنسپال راءِ بهادر ڪوڙومل هيو. ساندهه ٽي سال ڪاليج ۾ رهي احمد علي پنهنجي سکيا ڪاميابيءَ سان پاس ڪري 1899ع ۾ فارغ ٿيو.

فقير صاحب مختلف اسڪولن ۾ پڙهائيندي ڪيهرن جي ڳوٺ (تعلقو ڳڙهي ياسين) جي اسڪول جو هيڊماستر ٿيو جتي هن جي خيالن ۾ تبديلي آئي ۽ اهو احمد علي جو اڳ صوفين جي سخت خلاف هيو، سو هينئر درگاهه سچل سائينءَ جي سجاده نشين سخي قبول محمد ثاني جو طالب ٿيو ۽ صوفين جي صحبت ۾ رهي سندن خدمت کي پنهنجي لاءِ عين ثواب سمجهڻ لڳو. اڳ احمد علي جيڪو راڳ ويراڳ کي ڪتراب ۽ شريفن جي پاڙي ۾ ڪونس سمجهندو هيو، اهو پاڻ ڳائيندو ۽ رقص ڪندو هيو.

ان وقت ڪيهرن جي ڳوٺ ۾ هڪ هندو ڇوڪر راڌي نالي

پڙهندو هيو. اهو فقير صاحب جي صحبت ۾ اچي صوفين جي سنگ ۾ شامل ٿيو. آخرڪار ان ڇوڪر راڄي درازين بہ پنڌ ڪرڻ شروع ڪيا. ان دوران راڄو ورنيڪيولر امتحان پاس ڪري استاد مقرر ٿيو. جڏهن ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد سکيا لاءِ چونڊجي ويو تہ اُتي اوچتو مسلمان ٿيو. سندس اسلامي نالو نور احمد رکيو ويو. ڪجھ ڏينهن بعد ٽريننگ ڪاليج ڇڏي مجذوبي حالت ۾ گذارڻ لڳو. هن معاملي احمد علي فقير کي وڏي تڪليف رسائي. جلدي هو بدلي ٿي ميرپور ماٿيلو آيو.

اوچتو سندس ہ ننڍا ڀائر فوت ٿي ويا. انهن صدمن بہ فقير صاحب کي جهوري وڌو. جلد ئي ڪيس پير جو ڳوٺ بدلي ڪيائون ۽ ٻہ سال پير جو ڳوٺ ۾ مس رهيا تہ پيرو ڇڏي پنهنجي اصلوڪي ماڳ ڏانهن راهي ٿيو. فقير صاحب سال 1917ع ۾ وفات ڪئي.

سردار بهادر محمد بخش ڪوجهي (1891-1959ع) جن سخي سائينءَ جي ارشاد موجب اڳ ۾ ئي موجود هيو ۽ سندس لاش پير جي ڳوٺ مان ڪڍائي درگاھ درازن ۾ دفن ڪرايو. سردار بهادر فقير صاحب جي وفات تي هيٺين ڪافي منظوم ڪئي:

چا ڪان جلدي ڇڏي وئين يا منا،
ادا احمد علي دلدار منا،
ويل نہ هئي دوست وڃڻ جي،
هئي ضرورت تنهنجي رهڻ جي،
چا ڪئون تئين بيزار منا!

ڪنهن ڪان سکيين هي بيپرواهيون،
ڪين پڌءِ سي آزيون آهون،
رئيندا ڇڏيئہ سي يار منا!
هي نہ جڳائي تو کي جدائي،
دوست ڇڏيئہ سي تولي پائي،
تولي سندا سينگار منا!

Gul Hayat Institute

چاهي رڳي تو پنهنجي چڱائي،
ڳڻ نہ ڪيئي ڪنهن ٻئي جي جائي،
خود غرض ٻڌجي تئين ڏار متا!
قول ڪيئي جي هڪ ٻہ نہ پاريئي،
محبت جو ڪيئن ننگ وساريئي،
هي نہ عاشقي ڪار متا!

ڏوڙي اچي ميان سڪ سمهي پئين،
پنهنجي پرين جي پاڪ پيرن ۾،
ٻي نہ لذئي ڪا سار متا!

ڏينهن سهڻ جا يار گهٽائي،
هاٺي اتي ميان جاڳ ٻہ جائي،
قول پنهنجا اچي پار متا!
محبت صدقو دوست پيارا،
عرض ڪوجهيءَ جو پيو ڪج يار!
درسخيءَ ڏاتار متا!

چونب ڪلام

Gul Hayat Institute

اڄ ڪانگ ڪان ڪان لائي آهہ،
ايندو قاصد وٺندڙ وائي آهہ.

سانوڻ رتڙي ڏينهن ملهاري، ٻوٽو لاٽو خوب ڦلاريو،
هر جا سبزي سائي آهہ.

وهوا آيو خوشيءَ جو ويلو، دلبر پاٺهي ڪيڙو ميلو،
مولىٰ مهر وسائي آهہ.

ڏک ڪشالا گذريا يڪسر، گل ڏسجن احمر اصغر،
جتِ ڪت صاف صفائي آهہ.

ڀاڳ سهاڳ جو ويلو آيو، احمد علي جو بخت سوايو،
مند ملڻ جي آئي آهه.

(2)

ڪيچي ڪري ويا پنهنجي پڄاڻي،
ڏاري ڇڏي ويا عيبن هاڻي،
نال نه نيائون ته نذر ڪي،
جوريءَ چاڙهي ويا وٺي مون ورڪي،
چوري ڇڏي ويا ڄاڻي ڪتياڻي.

ڏاگهن ڏيرن جاڙ ڪئي مون،
ڪٽڪيا نه ڪچيائون،
مام هين ويا ڄاڻي سڄاڻي.

بس ڀنڀور ڪان ڀينر منهنجي،
ڪاڻ بردار خويش نه ڪنهنجي،
جبل جهاڳي ڏسان آرياڻي.

احمد علي چوي نور احمد پڻ،
شاهه درازي سوال سخي سڻ،
جوءِ جتن جي ڏيڪارج جاني.

(3)

مارو مون ملن،
ساهه سانگين کي ساري.

ماڙيون بنگلا ڪونه وڻن تاڻان،
خوش دل کي ياٽين پنهوارن جا پاڻان،
ساڻ وڃي شل سرتين ليلا ڇيلا چاري.

Gul Hayat Institute

ڀوڙ پـلاءَ ۾ زردا کـيـن وٺـن تـا کـائـڻ،
ڏت ڏونرا ڦوڳ ڦربون وٺي ساهه کي سيبائـڻ،
چال چڱيري جهانگين عمر هنيانءُ تـي تـاري.

سڪندي سال لنگهيا مارن مـانـديءَ کـي،
ناحق قـيـد کـيـئي بـيـوس بـانـديءَ کـي،
پلپل پور پون، وجهن ڳچ انـدر ڳـاري.

احمد علي چوي عمر سڪندا کين سڪاءِ،
ڪڏي ڇڏ قيد منجهان پنهوارن ڏي پڄاءِ،
ملان ساڻ مارن ڏيهه مبارڪ ڏياري.

(4)

مـلـڪ دنـيـا بـي بـقـا اي يـار ”انـتـم غـافـلـون“.
ڪرجهد تان نہ ڳڻجين منجهہ صف ”لا يـعـلـمـون“.

هـي جـهـان ڏس رانـد سـاري فـريـبـيـنـدڙ مـدام،
يادگيري حق ڪـنـان غـافـل رکـي تـي ”لاعـبـون“

ڏيـنـهـن سـارو حـرص دنـيـا ۾ گـذاريـن جـاهـلا!
رات آئـي بـسـتـر جـوڙيـن ”وانـتـم نـائـمـون“.

طاعت رحمان تون جيسيـن جيـئـن دائـم ڪـريـج،
چو تہ صـادر تـو مـٿـي فـرمـان ”ڪـونـو راڪـعـون“.

ڇڏجهان جي دوستي رک حب حق مـولا سـنـدي،
تـان تـيـن فـردوس انـدر ”فـاد خـلـوهـا خـالـدون“.

احمد علي جيسين جيئن تي پل نہ غـافـل يـارڪـان،
پـوءِ خـطـرو خـوف نـہ هـرگـز ”ولا هـم يـحـزنـون“.

Gul Hayat Institute

(5)

واھ بھاري عجيب رنگ لايو ڀڪن چمن چوڌاري،
باغ بھاريا وڻ ٽڻ موريا سبز صحن سنساري.

گل ڦل ٽڙيا خوب بسنتي ھر ھنڌ تي ھيڪاري،
جھولن جھمڪن گلڙا گھٽيئي خيرو ڪٽڪاري.

موتيو چنبيلي مگرو وه وا تانگر تمڪي تاري،
گل گلاب انگوري ڪيتڪ زعفران خوب بھاري.

ڪرنو واه بنفشو پائين، عشق پيچ اناري،
پٽ پھري ٽيا سبز لباسي گاھن ڪئي گلزاري.

چيمو چل ڳنديري سائون پتر چير چوھاري،
ڪيت پڪا ٽيا چوڌاري آيون جھار ٻوڙي جھلڪاري.

ڪنيون ڪانياٽي ھٽن گليلا ھڪل ڪيو ھاري،
پکين ڏسجي وھ سرھائي پوري سڻ پٽڪاري.

احمد علي رت بسنت پلي درد خوش گفتاري،
عشق وارن ڪي حسن ھوتن جي درسن آدرڪاري.

Gul Hayat Institute

ثقافت کاتي حڪومت سنڌ پاران 2008ع کان 2012ع تائين ڇپايل سنڌي، اردو ۽ انگريزي ڪتابن جو تفصيل

نمبر	ڪتاب جو نالو	مصنف/مرتب/مترجم	قيمت	سال
1	سپ رنگ	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	250	2012
2	امر جليل جا ڪتاب جلد پيو	امر جليل	800	2012
3	شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جا تاريخي انٽرويوز	پروفيسر اعجاز احمد قريشي	200	2012
	تم جيت گئیں ہم ہار گئے	پروفيسر سليم ميمڻ	300	2012
	Shaheed Mohtarma Benazier Bhutto	Prof. Aijaz A. Qureshi	350	2012
4	ڪي نہ وسرن مور	ڊاڪٽر سحر امداد حسيني	120	2012
5	سووينئر "لعل شهباز قلندر"	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي ڊاڪٽر نواز علي شوق		2012
6	سنڌڙيءَ جو شهباز قلندر	آزاد انور ڪانڌڙو	200	2012
7	قلندر لعل سيوهاڻي	ڊاڪٽر نواز علي شوق	120	2012
8	الشهباز	جليل سيوهاڻي	150	2012
9	قلندر نامو	حڪيم فتح محمد سيوهاڻي	100	2012
10	تذڪره شهباز	ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي	120	2012
11	شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پيغام جو موجوده حالت تي اطلاق	پروفيسر محمد سليم ميمڻ	250	2012
12	سنڌي شاعري جو اڀياس	شمشيرالحيدري	150	2012
13	شاهہ عبداللطيف ڀٽائي مقالا ۽ مضمون	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	600	2012
14	ڀنڀور ۽ ديبل	عبدالقادر منگي	300	2012

Gul Hayat Institute

15	شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي دور ۾ تصوف جا سلسلا	ڊاڪٽر عابد مظهر	300	2012
16	سنڌي ڪهاڻي	اسحاق انصاري	300	2012
17	فن ۽ فنڪار جلد ٻيو	ڪوثر ٻرڙو	300	2012
18	سپيتا جا سونهان	محمد حسين ڪاشف	200	2012
19	مون ۾ تون موجود	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	200	2012
20	سنڌ جا قديم آثار ۽ تاريخ	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	250	2012
21	رهاڻ هيرن ڪاڻ جلد نمبر 2	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	850	2012
22	شاهہ جو رسالو (مڪمل فُورِ ڪلر)	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	1500	2012
23	وکريل ورق	پروفيسر محمد سليم ميمڻ	350	2012
24	مقالاتِ عزيز	عزيز جعفراڻي	400	2012
25	فقير هدايت علي نجفي تارڪ جو سنڌي ڪلام	ڊاڪٽر نواز علي شوق	500	2012
26	شيخ اياز(شخصيت ۽ فن)	غلام سڪينا حميده قاضي	400	2012
27	امر جليل جا ڪتابَ جلد پهريون (1.دل جي دنيا . 2. جڏهن مان نہ هوندس، 3. تاريخ جو ڪفن، 4. منهنجو ڏس آسمان کان پڇو.)	امر جليل	600	2012
28	رهاڻ هيرن ڪاڻ جلد پهريون	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	800	2012
29	فيض احمد فيض ۽ پاڪستاني ثقافت	امان الله شيخ	250	2012
30	فيض جا ايلس ڏانهن خط	شبنم موتي	250	2012
31	فيض سان رهاڻيون	پروفيسر محمد سليم ميمڻ	500	2012
32	راڳ نامون	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	270	2012
33	ميزان (فيض احمد فيض)	ڊاڪٽر نواز علي شوق	240	2012
34	جهڙي سونهن سندياس	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	250/_	2012
35	اديون آءُ اڄاڻ	ڊاڪٽر فهميده حسين	250/_	2012
36	شاهہ سچل ۽ خليفو قاسم	محمد حسين ڪاشف	200/_	2012

Gul Hayat Institute

37	شاھ عبداللطيف مدبر، معلم ۽ مھربان	ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو	150/_	2012
38	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (شخصيت فن ۽ فڪر)	پروفيسر محمد سليم ميمڻ	250/_	2011
39	ڪلام ريجھ علي شاھ	پروفيسر منظور حسين ڪھڙو	250/_	2011
40	سنڌ هيرن ڪاڻ	رسول بخش درس	150/_	2011
41	قلندر صوفي ۽ ملامتي	ڊاڪٽر نواز علي شوق	150/_	2011
42	تذڪره لال شھباز قلندر	انور ساگر ڪانڌڙو	150/_	2011
43	سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر	ڊاڪٽر مخمور بخاري	300/_	2011
44	سنڌي ڪلچر	غلام رباني آگرو	200/_	2011
45	سنڌي موسيقي جا سر تار	خليل الرحمان شيخ	200/_	2011
46	شاھ جي رسالي جي سڃاڻي (جلد ٻيو)	محمد حسين ڪاشف	500/_	2011
47	سُر پورب	ڊاڪٽر محمد علي مانجھي	200/_	2011
48	ڪلامِ گروهڙي	ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو	500/_	2010
49	شيخ اياز نثر جلد پنجون	شيخ اياز	350/_	2010
50	سُر پرڀاتي	ڊاڪٽر محمد علي مانجھي	350/_	2010
51	شاھ جي رسالي جي سڃاڻي (جلد ٽيون)	محمد حسين ڪاشف	500/_	2010
52	شاھ جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر	ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي	600/_	2010
53	سومرا راڄ گھراڻو	ڊاڪٽر مھر عبدالحق سومرو	400/_	2010
54	قلندر لعل شھباز	ڊاڪٽر محمد علي مانجھي	200/_	2010
55	مان جي مٽس پنڌ ۾	رڪيل مورائي	500/_	2010
56	لاکو پير لطيف الله	پير محمد عالم قريشي صديقي	150/_	2010
57	شاھ لطيف الله قادريءَ جو ڪلام	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	100/_	2010
58	استاد بُخاري — فن ۽ شخصيت	آزاد انور ڪانڌڙو	650/_	2010
59	محمد عثمان ڏيپلائي ۽ سنڌي سماج تي سندس اثر	ڊاڪٽر ثريا ساز ڏيپلائي	300/_	2010

Gul Hayat Institute

نمبر	ڪتاب جو نالو	مصنف/مرتب/مترجم	قيمت	سال
60	ڳڻوانن جون ڳالهيون	قمرشهباز	300/_	2010
61	ڇچ پرائي	قمرشهباز	450/_	2010
62	ننگر ٺٽو : هڪ مطالعو	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	250/_	2010
63	صوفي شاهه عنايت شهيد	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	600/_	2010
64	شيخ اياز جلد پنجون (چار ڪتاب (1.اِبر چنڊ پس پرين ، 2. هيئنڙو ڏاڙهونءَ گُل جيئن، 3. الوداعي گيت، 4. ننڊ وليون)	شيخ اياز	750/_	2010
65	شيخ اياز جلد ڇهون (ٽي ڪتاب (1.ڪتين ڪر موڙيا جڏهن جلد پڇريون، ڀيو، ٽيون)	شيخ اياز	1000/_	2010
66	شيخ اياز جلد ستون (ٽي ڪتاب (1.سر لوهيڙا ڳيپا ، 2. سُورج مُکي سانجهه، 3. چوليون ٻوليون سمنڊ جون.)	شيخ اياز	1000/_	2010
67	شيخ اياز جلد اٺون (چار ڪتاب (1.جر ڏيئا جهمڪن ، 2. هرڻ اکي ڪيڏانهن، 3. چنڊ ڳليون، 4. تون چيرتون چانڊ)	شيخ اياز	700/_	2010
68	شيخ اياز جلد نائون (پنج ڪتاب (1.گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾ . 2. سامنجهي سمنڊ سپون، 3. ڪونجون ڪُرڪن روهه تي، 4. ڪاري رات ڪُهنگ، 5. وڏا وڻ وڏڪار جا.)	شيخ اياز	600/_	2010
69	شيخ اياز جلد ڏهون (پنج ڪتاب (1.اٿي اور الله سان ، 2. مينهن ڪٽيون، 3. اڪ جون قلڙيون، پيچ پني ، 4. پکي ساڳي پار ج، 5. هي جي نهرون ننڊ جون)	شيخ اياز	600/_	2010

Gul Hayat Institute

70	شيخ اياز جلد پهريون (نثر) (1.جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي ، 2. ساهيوال جيل جي ڊائري، 3. ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون ، 4. جگ مڙيوئي سپنو)	شيخ اياز	730/_	2010
71	شيخ اياز جلد ٻيو (نثر) (1.ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان ، 2. خط انٽرويو ۽ تقريرون جلد پهريون ٻيو، 3. اڳتي قدم جا ايڊيٽوريم)	شيخ اياز	700/_	2010
72	شيخ اياز جلد ٽيون (نثر) 1.ڪٿي تہ پيچبو ٽڪ مسافر جلد پهريون، ٻيو، ٽيون ۽ چوٿون	شيخ اياز	1000/_	2010
73	شيخ اياز جلد چوٿون (نثر) 1.شيخ اياز ۽ صحافت	شيخ اياز	500/_	2010
74	شاهہ جو رسالو	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	500/_	2009
75	سر آسا	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	250/_	2009
76	بيت نہ پر آيتون	ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو	250/_	2009
77	شيخ اياز جلد ٽيون (پنج ڪتاب) (1.لڙيو سج لڪن ۾ ، 2. پن ڇڻ پڇاڙان، 3. چنڊ چنبيليءَ ول، 4. رڻ تي رمجهم، 5. پڳت سنگهہ قاسي)	شيخ اياز	500/_	2009
87	شيخ اياز جلد چوٿون (پنج ڪتاب) (1.راج گهاٽ تي چنڊ ، 2. ٻڙ جي ڇانو اُڀي ڪان گهاٽي، 3. اَڪن نيرا ڦُليا، 4. جهڙ نيڻان نہ لهي 5. سُر نارائڻ شيام)	شيخ اياز	500/_	2009
79	سراج السالڪين	رسول بخش تميمي	150/_	2009
80	سنڌ جو سرمست	رڪيل مورائي	300/_	2009
81	ڪوهستان جو سفر	بدر ابڙو	400/_	2009
82	سنڌ صدين ڪان	ممتاز مرزا	400/_	2009

Gul Hayat Institute

83	خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو	ڊاڪٽر عطا محمد حامي	600/_	2009
84	شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام	ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو	100/_	2008
85	رسالو ميان سچل فقير جو	مرزا علي قلي بيگ	800/_	2008
86	شيخ اياز جلد ٻيو (چار ڪتاب (1. ڪپر ٿو ڪُن ڪري، 2.پٽڻ ٿو پور ڪري، 3.ٽڪرا ٽٽل صليب جا، 4. واٽون ڦُلن ڇانئيون)	شيخ اياز	500/_	2008
87	شيخ اياز جلد پهريون (چار ڪتاب (1.پؤنر پري آڪاس، 2.ڪلهي پاتم ڪينرو، 3.ڪي جو ٻيجل ٻوليو، 4.وڄون وسڻ آئيون)	شيخ اياز	500/_	2008
88	ننڍي ڪنڊ ۾ ڊرامي جي تاريخ	غلام حيدر صديقي	200/_	2008
89	سنڌوءَ جا گيت	ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو	300/_	2008
90	شاھ جو رسالو	ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ	400/_	2008
91	سُر ڪيڏارو	منظور احمد قناصرو	250/_	2008

Gul Hayat Institute

نمبر	کتابوں کی نام	مصنف/مرتب/مترجم	قیمت	سال
1	سندھ میں اردو شاعری	ڈاکٹر نبی بخش خان بلوچ	350	2012
2	خطوط ڈاکٹر نبی بخش بلوچ	محمد راشد شیخ	250/-	2012
3	محمد ابراہیم جویو ایک صدی کی آواز	سید مظہر جمیل	750/-	2012
4	دشت وجود کی مسافت	آغا سلیم	250/-	2012
5	آئینہ خانہء شاہ لطیف	ڈاکٹر طاہر تونسوی	200/-	2010
6	حلقہ مری زنجیر کا	شیخ ایاز	800/-	2010
7	بوئے گل نالہء دل	شیخ ایاز	500/-	2010
8	دنیا ساری خواب	شیخ ایاز	650/-	2010
9	اے آہو چشم کدھر	شیخ ایاز	400/-	2010
10	سچل سچ ہے سارا	آغا سلیم	300/-	2010
11	سندھ ایک عام جائزہ	مظہر یوسف	400/-	2010
12	بھٹو کا تصور پاکستان	نصرت لاشاری	350/-	2009
13	شاہ جو رسالو	شیخ ایاز	650/-	2009
14	سچل سرمست، تاریخ، تصوف اور شاعری	ڈاکٹر نواز علی شوق	150/-	2009
15	سکھر تاریخ و تمدن	ڈاکٹر عبدالواحد اندھڑ	400/-	2008

Gul Hayat Institute

Sr. No	Name of Books	Writer	Rate	Year
1	Musical Instruments of the Lower Indus Valley of Sindh	Dr. Nabi Bux Khan Baloch	200/-	2012
2	Alexander's Conquest of Indus Valley	Agha Saleem	400/-	2012
3	Lake Manchar	Taj Muhammad Sahrai	200/-	2012
4	Dr. G.M Mehkri on Sindh Articles	Muhammad Ibrahim Joyo	350/-	2012
5	Hazrat Shanshah Lal Shabza Qalandar	Syed Dinal Shah Darbelvy	400/-	2012
6	Mohen Jo Daro the Indus civilization	Jahn Marshall	3000/-	2012
7	Selection from the Risalo	G. A Allana	150/-	2012
8	Sufism & Classical Sindhi Poetry	Saleem Noorhassan	150/-	2012
9	Anecdotes of Vataayo Faqeer	Saleem Noorhassan	200/-	2012
10	6Thousands years of History of Irrigation of Sindh	M.H.Panhwar	800/-	2011
11	The Epic of Dodo Chaneiser	Saleem Noorhassan	300/-	2011
12	Handicrafts of Sindh	Waheeda Khizir Qazi	180/-	2010
13	Sindhi Society & Culture	Prof.Dr.Ghulam Ali Alana	1600/-	2010
14	Life & Thought of Shah Latif Bhitai	Gul Mohammad Umrani	200/-	2010
15	Songs Of Freedom	Shaikh Ayaz	500/-	2010
16	Melodies of SALB, V-IV	Agha Saleem	400/-	2009
17	Shah Jo Risalo in Arabic & English	Faiz Mohammd Khoso	300/-	2009
18	Shah,Sachal,Sami	Mohd.Ibrahim Joyo	200/-	2009
19	Darazi School of Sufi Thought	Dr.Sakhi Qabool Mohammad Farooqi	400/-	2009
20	Melodies of SALB, V-III	Agha Saleem	500/-	2008
21	History of Sindhi Literature	Shaikh Aziz	250/-	2008

Gul Hayat Institute